[illegible]

[illegible]

[illegible] (۲) [illegible]
[illegible] (۳) [illegible]
[illegible] (٤) [illegible]
[illegible] (٦) [illegible]
[illegible] (٨) [illegible]
[illegible] (٩) [illegible]

[illegible]) کوندارلر [illegible]
[illegible] "[illegible]" [illegible]

سناتن ڌرم پرچارڪ پتر

با تصوير ماهوار اخبار

پڙهندڙ ڀائرن کي هڪڙي ڌرمي اخبار آهي جا ٽائيپ ۾ سٺن پنن
تي خوبصورتي سان ڇپجي تيار ٿئي ٿي. هن جي منڍ ۾ (بمبئي کان آيل
بلاڪن جون) ايشور اوتار وغيره جون خوبصورت مورتيون ڏجن ٿيون.
پوءِ شروع صفحي تي هڪ ننڍي رس ڀريل ڀڄن ڏبي آهي جو
پاٺ ڪرڻ ڏاڍو وڻندو، جنهنڪري من کي شانتي اچي وڃي. تنهنکانپوءِ
سناتن ڌرم جون ڌرمي ڳالهيون، ڪرم، موکش جون ڳالهيون،
مهاڀارت، رامائڻ وغيره پراڻن مان عمدا عمدا مضمون ڪڍي
ڇپبا، نيتيءَ جا شلوڪ، مهاتمائن جا پد، اسعوي ڌرم جون وارتائون
تندرستيءَ تي ليک، عجيب خبرون ۽ ٻيون ڪيتريون موهيندڙ ۽ دل
مان دلپسند وارتا، ڪرسٽ ... انيڪ ڪرامتي، وغيره
ڳالهيون ڏجنديون. مطلب ته جنهن پڙهندڙ جو جنهن پاسي من
لڳي، سو تنهن پاسي جو فائدو ... وٺي سگهندو. نه رڳو ايترو
پر سال جي آخر ۾ ڪي عمدا عمدا ... ۽ ڌرمي
ڪتاب ... پستڪ ... ڏجي ٿو. تنهن هوندي به اخبار جو ماهوار
سال ... ڪراچي وارن کان ... ٻاهر وارن کان هندستان جي
اندر ... هندستان جي ٻاهر ادائي رپيا ورتا وڃن ٿا. ڪارڊ
لکڻ سان نمونو گهرائي ڏسو. اخبار جو سال مارچ کان شروع
آهي ... گراهڪ کي اُن مهني کان سڀ اخبار
گهرائڻيون پونديون جنهنڪري ... مليل جو حقدار ٿي سگهندو.

(لکندڙ ...) مهاراج ... رام ... شرما،

منيجر سناتن ڌرم پرچارڪ پتر ڪراچي.

شريمد ڀاڳوت پڙهڻ جو ڦل

ورڻن ڪري، هري چرڻن ۽ ڏيان اڳ ٿي، سيئي جيون تي ديا
ڪري، پڇندي آهر دلو جان سان اپڪار ڪري ۽ اهوئي منش جنم
وِڌطِ جو ڦل آهي. جنهن شڪديو مهاراج جي ڪرپا سان موڪش اهان
ڪي هيءَ امرت روپي ڪٿا پڌائي آهي تنهنڪي مان وارون وار نمسڪار
ڪريا ٿئو. براهمڻ کي بيٺو چئن ويدن جي پڙهڻ سان ڦل ملي
ٿو، اهوئي شريمد ڀاڳوت جي پڙهڻ سان ملي ٿو. ڪيترئي هي
بڌطِ يا پڙهڻ سان هيءَ ٽمي ٿي، وِنش ڪي واپار لاڀ ٽمي ٿو
۽ شودر سيئي پاپن کان ڇٽيو وڃي.
۽ مرطِ ڪانپوءِ مڪتي ٽميٿي. ۽ ڏيان ديوتائن، رشين
جي رشيو! ڀڳوان جي جن چرڻن جو سمرڻ ۽ پوڄن ڪيو پر تنهن
منهن هردي ۾ رکي، رات ڏينهن، اهڙي ايشور کي مان وارووار
هوندي ڀ. اُنجو پٺو ڪين ڪوڙ پيو. شلوڪن ۾ ذارائطِ برهما کي پڌايو
ٿيا ان ٿيو. جن ڀاڳوت جو تت چئن ويد وياس، ارڙهن هزار
برهما ذارد کي، ذارد ويد وياس کي ۽ ويد وياسر ڪئي. ذارائطِ
شلوڪن ۾ سڀڪي حال وسٽار سان لکيو ۽ جنهن ويدن جو تت آهي. جنهن
جا چئي بيٺو ڏنن ڪيو. جن پراڻ ۾ سيئي ذارائطِ وڌ آهي، تنهن هي
گنگا، تپسوين ۾ مهاديو ۽ ديوتائن ۾ اوهان ۽ منهنجو هي
ندين ۾ آتر آهي. هماڄي پڙهڻ ڪري
پراطِ سيئي ۾ جنهن امرت پيئڻ سان امر ٿيو وڃجي، تنهن سڀمان
مڪتي ٿيندي. امرت روپي ڀاڳوت پراڻ کي ساڄي من سان
۾ جي منش، جن ڪندا، تنهنکي ڪوبه دنيوي دکه نه
پڙهي ۽ ٻڌي آنٽي وشواس ڪين ستا ٿيندو ۽ انڪي
رسندو ۽ نر ڪوپوت پريت ئي
پڇڙن گرهن جو ڦل ئي مٿن ٿيندو.."
هري اوم

شانتي !!!

شانتي !!

شانتي !

ا امرت روپي موڻ اوهانکي ٻڌائي، تنهنجو شروع کان آخر تا
ب ليا ۽ ڇريتر پرميشور جا لکيل آهن. ڇريا، ويد وياس ۽ نارد جي
ارتالاپ، تنهنڪالهوء راجا پريکيت بابت احوال تہ ڪٿن هڪي
شرنکي رشي سراپ ڏنو هو، پوءِ شڪديو جو راجا پريکيت وٽ اچڻ ڪيا،
جو ورتانت، نارد ۽ برهما جي کيان گوشٽ، اوتارن جي
ودر ۽ اڌو جي ملاقات، متيري رشي جو ودر کي برده‌لال جي
آتهي بابت ٻڌائي، پکوان جو وارهہ اوتار ڌارڻ ڪرڻ ۽ هرڻاڪشيپ
بو مرڻ، ڪپلديو جو اوتار ولي پنهنجي ماءُ ديو هوتي کي کيان
ٻڌائڻ، ستي جي ديهہ تياڳڻ جو ورتانت، دکش پرجا پتي جي
يکيہ جي ڪٿا، ڌروہ، پرٿو، پراچين برهي، پرلچن ۽ پريورت
جي ڪٿا، نرسنگهہ اوتار ولي پرهلاد جي رکيا ڪرڻ، گجيندر موکش
چوڏهن منونترن، سمنڊ ولوڙڻ جو آکاڻ، راجا بلي ۽ وامن اوتار جي
ڪٿا، راجا پرو ۽ اروشي جو چريتر، پرشرام ۽ شري رامچندر جا
راجا دشيدت ۽ شڪنتلا جي ڪٿا، راجا ۽ ديوداني، ددونس
شري شيام سندر جو جنم، گهو اوتار ولي گوڪل ۽ ورندابن ۾ ليلائون
۽ ٻين ٻروا سيب کي سڪ ڏيڻ، راجا ڪنس، جراسنڌ ۽ ٻين
اڪرمن کي ماري ڪري ماڙ، دوارڪا پوري وسائڻ، رڪمڻي
۽ ٻين راڻين جي پرڻجڻ جو احوال، ٻرهما سرڪي ماري سورڻن جا
ڪسڌان ڪنيا آڻڻ، اهن سان ورواء ڪرڻ، ڪوروڻ ۽ پانڊون
کان مهاڀارت ڪرائڻ، ارجن جي اداڻ پاڻڊون کي دروا رشي
جي سراپ ڏيڻ سان آپس ۾ ڪرائڻ، شيام سندر
وٺڪنٺ ڌام ڏانهن پڌارڻ ادا سب ڪٿا "شريمد ڀاڳوت" ۾ آهي
سنسار مشڪل کي واهپ آهي تہ اتي مهر زبان سان ٻڌ
جو ذالہ ولي، ڪٿن سان آکي ڪٿا ٻڌي، واراڻ جا ڪٽڻ ۽

ويراٽ روپ جو ورڻن

ڀڳوان جي ويراٽ روپ ڏانهن هليو ويو.
ڏيئي شو جي مهاراج اندر ڏان تي ڪيلاس پروت
سنڪادڪ رشين سوت جي کان پڇيو ته ”مهاراج!
پرميشور جن پوڄا ڪرڻ جي وڏي ڪهڙي آهي ۽ شنک، چڪر،
ڳدا، پدم، ويجينتي مالا ۽ پيتامبر، جيڪ انتي پهر نارائڻ ڌارڻ
ڪريشو سي سڀ ڇا آهن؟“ سوت جي چوڻ لڳو ته ”هي رشيو!
هي سارو برهمانڊ ڀڳوان جو روپ آهي. پرٿوي سندس پير،
آڪاش سر، سورج اکيون، وايو نڪ، ڏهه ڏسيون ڪن، لوڪپال
ٻانهون، چنڊ رما من، يمراج ڏند، وڻ شرير جا روم، پهاڙ
هڏيون، سمنڊ پيٽ، نديون نسون آهن. مطلب ته سنسار جو
ساڳيو وهنوار ان ويراٽ روپ ۾ سمجهڻ گهرجي. جو منش ان
ويراٽ روپ جو ڌيان ڌري سگهي جيون ۾ پرميشور جي شڪتي
ڪ جهڙي ڏسي ٿو سو ڪام، ڪروڌ، لوڀ ۽ موه وغيره جي وس
نٿو ٿئي، اُن جي ڪنهن سان به مترتا يا دشمني نٿي رهي.
ڪئي سڀ مٺي نارائڻ جي جوت ۽ ويجينتي مالا، پيتامبر چاڙهي
ويد، چڱيو اونڪار، ڪپل سانکيه شاستر، يوگ شاستر، مڪتي
برهم لوڪ، شيش ناگ سندس وهڻ جو سنگاسڻ، پدم ستوگڻ،
ڳدا پراڪرم، شنک جل تتو، سدرشن چڪر اگني تتو، ترار آڪاش تتو،
رشا نگه ڏنش ڪال روپ سان پرميشور جي ترڪش ۾ سڀئي
جيون جو ڪرم پڙيل رهي ٿو. وئڪنٺ پرميشور جو ڇٽر، ڪرڙ
ويد روپ، لڪشمي شڪتي ۽ پا رشد سندس وڀوتي آهن. تنهن
ڪري نارائڻ پنهنجي ڀڳتن تي پرسن ٿي زيورن ۽ ڪپڙن سميت
ڪين درشن ڏئي ٿو. جيڪو نت صبوح جو اٿي نارائڻ جي اهڙي ويراٽ
سروپ جو ڌيان ڪريشو تنهنکي هو جلد خوش ٿي ڪرتارٿ ڪريشو
سوت جي سنڪادڪ رشين کي چوڻ لڳو ته ”جي

پوڄا ڪئي. پوءِ هٿ جوڙي وينتي ڪري هن لکيو تہ ”هي
ديناناٿ! تو جهڙين سيني ديوتائن جا مالڪ ۽ ڪٿ سان ڀرپور آهيو.
مون منجهہ اهڙي سمرٿي ڪاٿي جو آءٌ اوهانجي ستوتي ڪري
سگهان. جڏهن توهان ديال ٿي درشن ڏنو تنهن ڪري ڪرپا ڪري
پنهنجي اچڻ جو حال ٻڌايو.“
شري پرماتما کاس هن لکيس تہ ”هي مارڪنڊيہ! جنهن
مهان پرش ۾ سڀ ڪجهہ ناس ٿي ڪجهہ بہ ڪين ٿو بچي، اُن
مهان پرش کي تو ڏٺو تنهنڪري آءٌ تنهنجي درشن لاءِ آيو آهيان.
مونکي برهمڻ، ڀڳت ۽ ساڌو جيترو پيارا آهن اوترو اندر ۽ ٻيا
ديوتائن بہ نہ آهن. آءٌ پنهنجي ڀڳت ۽ شيام سندر جي سيوڪ
کي ڪڏهن ٻيار ڪريان ٿو. ڪيائي کي مون ۾ وشواس جي ڀڳتن
۾ ڀيد رکڻ نہ گهرجي. جيترو تو جهڙي جوڳي ڀڳتن جي درشن ڪرڻ
ڪري سنساري آدمي، پوتر ٿين ٿا، اوترو تيرٿ سنان يا
ديو درشن ڪري بہ شڌ نٿا ٿين. ڀلي توکي ڏسڻ ۽ رکڻ وارو
سو ثابت ٿيو تہ منهنجو درشن نشفل نہ ٿيو آهي.“
ايترو ٻڌي مارڪنڊيہ مهاديو ۽ پاروتي کي ڏنڊوت ڪري
وينتي ڪئي تہ ”هي مهان پرڀو! اوهين سڀ جا ايشور آهيو. جنهن
ڪلپ ۾ ڪنهن جيڪي آدمي پنهنجي من جو سڀ ڪجهہ
ضرورت پائيندو ۽ تنهن توهانجي درشن ڪري ڪا بہ اڻا ٿي رهي.
مان فقط هي ور ٿو گهران تہ منهنجي وشڪت ناٿ ۽ اوهان جي
چرڻن ۾ ڀڳتي هميشہ قائم رهي“ پرماتما آشيرواد ڏيئي چيس تہ
”تون ڪڏهن ڪلپ تہ چرنجيو رهي جوان رهندين ۽ توکي سدا
منهنجي ۽ ناراڻ جي ڀڳتي بني رهندي. نہ رڳو ايترو پر اوهان پراڻ
مان ڪرو پراڻ تنهنجي نالي پرڪهت ٿيندو.“ ائين وردان

پاروتيءَ جو شنڪر کي مارڪنڊيہ لاءِ پرارٿنا ڪرڻ

طاقت آهر پنهنجي وڏو ننڍو هرڪو
ڀڳوان جي مهما ڳائڻ واسطي سگهي. جنهن
محنت ڪريٿو، پرڪو بہ اُن جي ڀيد کي نٿو سمجهي تائين ڪو بہ پهتو
بہ اُن ڀيد جي ڳائڻ لاءِ ٿيءِ هئي، تنهنجو اڄ هڪ ڳالهہ ٻڌائڻ ٿو.
ڪونهي. هاڻي مارڪنڊيہ رشيءَ بابت ٻيءِ بہ ڪيترا ڳڻ
هڪڙي ڏينهن مهاديو پاروتيءَ سان بيل تي چڙهي ڪري ڀڳوان جي
ڌيان ۾ لڳڻ ڪري پاروتيءَ مارڪنڊيہ کي واٽ تي ڏٺو
ساڻ ڪري ٻيءِ ويو تہ واٽ تي پاڻي دوار
ڌيان ۾ اهڙيطرح لين ڏٺو، جنهن سمنڊ جو هٿ جوڙي
چرندو پرندو تہ آهي. پاروتي تڏهن مهاديو کي مهاديو
مارڪنڊيہ کي تپسيا جي ڦل ڏيڻ لاءِ وينتي ڪئي. اڃا ڪانهي.
چوڻ لڳس تہ پيارا ري! هنگي ڪنهن شيءِ جي ڪجهہ نٿو
ڀڳتي ۽ هري چرڻن جي ڌيان ڪانسواءِ هو مولکي بہ
سمجهي، پر تنهنجي چوڻ ڪري مان هلي تو ساڻس ڳالهہ ٻات چيت
ڪريان، جو جو ساڌن ۽ مها تمائن جي سنگ ڪرڻ مان فائدو ٿي
ٿيندو." جڏهن مهاديو پاروتيءَ سميت مارڪنڊيہ وٽ آيو،
تڏهن هو ڀڳوان جي ڌيان ۾ اهڙو تہ لين ٿي ويو هو جو هنگي سندن
اچڻ جي ڪا بہ سمڪ نہ رهي. مهاديو تڏهن سندس هردي ۾ گهڙي،
جنهن چترڀڄ روپ شيام سندر جو هو ڌيان ڪري رهيو هو تنهنکي
لڪائي پنهنجو پرڪاش ظاهر ڪيائين. جڏهن مارڪنڊيہ کي
پنهنجي هردي ۾ اهو چترڀڄ روپ ڏسڻ ۾ نہ آيو پر هڪڙو سفيد رنگ
ڏهن ٻاهن، ٽن اکين وارو شينهن جي کل ۽ منڊ مال
پهريل، ترشول هٿ ۾ اهڙو پرش ڌيان ۾ آيو، تڏهن ڊچي اکيون
کوليائين تہ سندس نظر مهاديو جيءَ ۽ پاروتيءَ تي پيئي. اُنهن کي
پنهنجي سامهون بيٺل ڏسي مارڪنڊيہ يڪدم اُٿي ڏنڊوت
ڪري پرڪرما ڪئي ۽ ڏاڍي آدر ڀاءَ سان آسڻ تي وهاري سندين

ڪئين بہ ريت اِن وڻ وٽ پهچاءِ تہ مان سندس ڏاري جهلي پاڻ بچايان."

جڏهن مارڪنڊيہ ڀڳوان جي ديا سان اُن وڻ وٽ پهتو، تڏهن ڇا ڏسي تہ ڪڙي اُن جي ٽيل دوئي ۾ ڪڪڙو پاڙهن تيرهن ڏينهن جو ڄاول ٻالڪ شيام رنگ، چندر مک، ڪمل نين، تمام سندر ليٽيو پيو، پنهنجي پير جو آڱوٺو پنهنجي مُٽ سان جهلي وات ۾ وجهي چوسي رهيو آهي. جڏهن مارڪنڊيہ اُنوٽ پهچي سندس سوڀيا ڏسڻ لڳو، تڏهن ٻالڪ روپ ڀڳوان پنهنجا شواس ڇڪيا جنهن ڪري مارڪنڊيہ اُنجي مک ڪان اندر گهڙي ويو ۽ اُتي پرٿوي، آڪاش، سورج، چندرما، ست ديپ، نو کنڊ، ڏهہ ڏسيون، وڻ، تلاءُ، شهر، سمندر ۽ پهاڙ مطلب تہ ساري دنيا جون سڀ شيون ڏسي عجب ۾ پيو. جڏهن شواس ڇڏڻ وقت مک کان ٻاهر نڪري آيو ۽ جنهن ٻي پاليا تہ ٻالڪ کي هنجھ ۾ ڪڻي پيار ڪريان، تڏهن اهو ٻالڪ روپ ۽ مايا روپ جل وغيرہ سڀ انترڌان ٿي ويا ۽ پاڻکي ساڳئي طرح ندي جي ڪناري تي ڏٺائين ۽ سمجهيائين تہ هن گهڙين کان وڌيڪ وقت نہ لڳو هوندو.

هاڻي مارڪنڊيہ مايا روپي مهان پرليءَ جو تماشو ڏسي ڏيان ۾ ناراڻ کي وينتي ڪئي تہ ”هي ديناناٿ! مونکان اپراڌ ٿيو جو اوهانجي مايا ڏسڻ لاءِ ور گهريم. پالا! جنهن مايا کي برهما ۽ ٻيا ديوتا بہ نٿا ڄاڻي سگهن ۽ وڏا وڏا رشي منش گياني ۽ مهاتمائون اِن مايا ۾ ڦاٿل رهن ٿا، اُتي منهنجي ڇا مجال آهي جو اوهانجي مايا جو ڀيد ڄاڻي سگهان. آءٌ اوهڻي وردان گهرڻ ڪري ڏکو ٿيو آهيان، اللہ منهنجو اپراڌ ڪميا ڪريو." ائين خيال ڪندو هو ڀڳوان جي ڌيان ۾ ليِن ٿي ويو."

ايتري ڪتا ٻڌائي شري سوت جي چيو تہ ”هي رشيشرو!

کي تپسيا ڪندي گذري ويا، تڏهن نرنارائڻ وٽس آيا ۽ کيس پڇيائون تہ ”جيڪي گهرجي سو گهر.“ مارڪنڊيہ کين ڏسي پرڻاما ڪري ستوتي ڪئي ۽ چوڻ لڳو تہ ”هي ديناناٿ! مون کي ٻي ڪنهن بہ ڳالهہ جي اڇا ڪانهي، پر رڳو اوهانجي اُن مايا جو ڏورو تماشو ڏسڻ گهران ٿو، جنهن سان اوهين سڀني جيون کي پيدا ڪري وري ناس ڪريو ٿا.“

نرنارائڻ چيس تہ ”چڱو! اڄ کان ستين ڏينهن مان تو کي پنهنجي مايا ڏيکاريندس، پر ياد رک متان موهہ ۾ وساري ويهين، جو جو پلاجي وڃڻ ڪري تنهنجو پتو نہ لڳندو.“ ايترو چئي نرنارائڻ ڀڳوان ور ڏيئي انترڌان ٿي ويو ۽ مارڪنڊيہ پنهنجي استان تي موٽي آيو. ستين ڏينهن جڏهن نديءَ جي ڪناري تي ويٺي تپسيا ڪرڻ وقت مهان پرليءَ جو تماشو ڏسڻ ۾ آيو، تڏهن ڇا ڏسي جو ڏکڻ ڏس کان اونده ۽ واچوڙو شروع ٿيو. اهو حال ڏسي مارڪنڊيہ من ۾ چيو تہ ”اڄ ڏاڍو مون ڏٺي اونده ڪانہ ڏٺي.“ ايتري ۾ چئني طرفن کان پاڻي وڌڻ لڳو. ايتري قدر جو منڪي ٻہ کهلي ويو. اُتي پاڻ غوطا کائڻ لڳو جنهنڪري ڪنهن مهل پاڻيءَ ۾ ٻڏي ٿي ويو تہ ڪنهن وقت مٿي نڪري ٿي آيو. جڏهن مارڪنڊيہ جي من ۾ اها سندس حالت ڏوارن ورهين تائين سمجهہ ۾ نہ آئي، تڏهن هو شرمندو ٿي من ۾ چوڻ لڳو تہ ”مون ناحق اهڙو ور ڏان گهريو جنهنڪري هيءَ حالت ٿيم.“ پوءِ ڀڳوان کي وينتي ڪري چوڻ لڳو تہ ”هي ڪرپانڌ! ديا ڪري هن خوفناڪ پاڻيءَ کان ڇڏايو ٻاهر ڪڍيمر.“ ڀڳوان جي ڌيان ڪندي ئي مارڪنڊيہ کي اُن مهل مايا روپ پاڻيءَ ۾ ڏکڙو ٻڙ جو وڻ نظر آيو. تڏهن خوش ٿي ڀڳوان کي پرارٿنا ڪيائين تہ ”ديناناٿ!

نالو مارڪنڊيه رکي ڏاڍيون خوشيون ڪيون. جڏهن چوڪر ٻارهن ورهين جو ٿيو، تڏهن سندس ماتا پتا وهي روئڻ لڳا. مارڪنڊيه اُنهن پنهي کي روئندو ڏسي ڪانئن روئڻ جو سبب پڇڻ لڳو. انهيءَ تي هو چوڻ لڳس ته "هي پٽ! تنهنجي مرڻ جا ڏينهن ويجها اچي پهتا آهن انهيءَ لاءِ ٿا روئون." مارڪنڊيه تڏهن چوڻ لڳو ته "اوهو ڪو اُپاءُ آهي جنهن ڪرڻ سان مان بچي سگهان." ماتا پتا وراڻي ڏنيس ته "ٻچا! نارائڻ جي ڪرپا سان ڪيو جا سب ڪرراس ٿي سگهن ٿا." ايترو ٻڌي مارڪنڊيه ان رهليو ويو جتي وهي ڀڳوان جي تپسيا ۽ ڌيان ڪرڻ لڳو. جڏهن انهن ڪندي ڪنڊي ڪيس چهه منونترڪذري ويا، تڏهن اندر ۽ ٻين ديوتائن ڪنهن براهمڻ جي تپسيا ڪري منهنجو اندر آسڻ کسجي ويندو جنهن ڪري مارڪنڊيه جي تپسيا ڀنگ ڪرڻ واسطي ڪامديو، بسنت رتو، گندرو ۽ اپسرائون موڪليا. پراڻ ڪال جو جڏهن مارڪنڊيه اکيون ٻوٽي ويٺو، تنهن مهل اپسرائون سندس سامهون اچي ناچ ڪرڻ لڳيون. گندرو ساز وڄائي قسمين قسمين راڳ ڳائيڻ لڳا. ڪامديو ڪوئل جو روپ ڌاري ڪاررو ٻاٽ هلايو ۽ بسنت رت جي ڪري باغ باغيچا بهار ٿي ويا. ٿڌي ۽ خوشبودار هوا جي هير لڳڻ لڳي. نچندي ٽهندي ڪن اپسرا جو ڪپڙو مٿي کڄي ويو ۽ هو اُگهاڙي بدن کيهون اُچلائيندي مارڪنڊيه وٽ اچي پهتي، پر مارڪنڊيه جو ذرو ٻر چت چلائمان نه ٿيو. جڏهن گهڻين تجويزن ڪرڻ سان ڪامديو ۽ اپسرائون ڪجهه ٻر ڪري نه سگهيا، تڏهن سراپ جي ڊپ کان ڪنبندا اندر وٽ موٽي آيا ۽ اچي ٿي چوڻ لڳا ته "مهاراجا! اسانجو ڪو ٻر رشيءَ تي ملي نٿو سگهي." انهيءَ وقت ڪيترا ورهيه مارڪنڊيه

١٦ - برهمانڊ پراڻ، ١٧ - نرسنگهه پراڻ ۽ ١٨ - ڀاڳوت پراڻ. انهن
سڀني پراڻن ۾ پرميشور جا گڻ ورڻن ٿيل آهن. شريمد ڀاڳوت ۾
خاص ساتوڪي ڌرم ۽ ڀڳوت گڻ ويد وياس جيءَ ورڻن ڪيو آهي،
سو سڀ مون اوهانکي ٻڌايو هاڻي وڌيڪ ڇا ٻڌڻ گهرو ٿا؟"

سنڪادڪن رشين اهڙو ٻڌي پڇيو ته "هي سوت جي مهاراج!
اوهان ڀڳوان جا گڻ ۽ چرتر ٻڌائي اسانکي ڪرتارٿ ڪيو، شل گهڻو
وقت جيئرا رهو. هاڻي اهو ٻڌايو ته اسانجي ڪُل ۾ مارڪنڊيہ
پرميشور جي ڪهڙي مايا ڏسي شيامسندر جو درشن پاتو؟ ۽
ويد وياس ويدن کي ڪيئن ڌار ڌار ورڻن ڪيو؟" سوت جي
جواب ڏنو ته "هي رشيشرو! جڏهن برهما ڏٺو ته ڪلجڳ ۾ آدمي
پنهنجي عمر ٿوري هئڻ سبب سڀ ويد پڙهي نه سگهندو، تڏهن
برهما جي وينتيءَ تي نارائڻ، ويد وياس جو اوتار وٺي سڀني ويدن
جو تت ڪڍي انهنجو جدا جدا نالو رکي پنهنجن شِشن کي پاڙهيو."
اهو ٻڌي رشي چوڻ لڳا ته "مهاراج! ڀريا" اسانکي اهو ٻڌايو ته
مارڪنڊيہ هيڏي وڏي عمر ڪيئن پاتي؟" سوت جي چوڻ لڳو
ته "مرڪنڊ نالي هڪڙو رشي هو جنهنکي ڪو اولاد ڪونه هو.
جڏهن هن اولاد واسطي ديوتائن جي نالي هوم هون ۽ تپسيا ڪئي،
تڏهن ديوتائن کيس درشن ڏيئي چيو ته "هي رشي! تنهنجي
نصيب ۾ پٽر سنتان لکيل ئي ڪو نهي، پر توجا هيتري تپسيا ڪئي
آهي انجي پرتاپ سان توکي هڪڙو پٽر ٿيندو پر هو ٻارهن ورهين
جي عمر ۾ مري ويندو." اهو ٻڌي رشيءَ وينتي ڪئي ته "مون
کي پٽر سو پيدا ٿئي سڄي پورو ٻارهن ورهين جي عمر ۾ مري
ويندو ته حرڪت نه آهي. آءٌ انوقت صبر رهندس." جڏهن
ديوتائن جي آشيرواد سان مرڪنڊ کي پٽر ڄائو، تڏهن اُن سنڌس

سڀ ناراڻ جي وس آهي ۽ ٻئي ڪنهن ۾ طاقت ئي ڪونهي آهي جو دز ڏئي سگهي.“

ورسپتي جو اهو اپديش ٻڌي راجا جنميجي کي گيان پيدا ٿيو ۽ براهمڻن کي ٻڌڙيءَ جي آهوتيءَ ڏيڻ کان روڪيائين. تنهن تڪشڪ کيس اهو وردان ڏنو ته ”هن کان پوءِ تنهنجي ۽ منهنجي ڏالي جو جيڪو سمرڻ ڪندو تنهنکي ڪو به ناڳ نه ڏنگيندو.“ پوءِ اندر ۽ ورسپتي، تڪشڪ سميت راجاڪان موڪلائي روانا ٿيا.

شري سوت جي شونڪاد ڪن رشين کي چوڻ لڳو ته ”اندر ۽ ٻين ديوتائن کي ٻڌوان جي آڪيا آهي ته منش جهڙو به ڪوي تهڙو کيس سورگ ڏيو ۽ پاپ ڪندڙ کي ڏرمراج ڪرمن موجب نرڪ موڪلي. جي منش ٻڌوان جو ٻچن ۽ سمرڻ ڪندا تنکي برهم لوڪ ۾ جاءِ ملي ٿي، پر ٻڌوان جي نرڪ پوڃا ڪندڙ ونڪنٺ ۾ وڃي مها پرلي تاءِ سک پرکيں ٿا. راجا پريکيت ۾ ڀاڳوت پراڻ ٻڌڻ ڪري شيام سندر جي پريم ۾ مگن ٿي آخر ڪتي کي پراپت ٿيو. جيڪي به يگيه، تپسيائون، ٻچن ۽ ڪيرتن سمرڻ سنساري منش ڪن ٿا تن مان ڪي ته ڪنهن مطلب پورو ٿيڻ جي ارادي سان ٿين ٿا ۽ ٻيا سواءِ ڪنهن مطلب جي آهن. مون اوهان کي ٻنهي قسمن جو حال ٻڌايو. ارڙهن پراڻن ۾ ”شريمد ڀاڳوت“ سڀني کان اُتم آهي. هاڻي ارڙهن پراڻن جا نالا به تو ٻڌايان، جي هي آهن. ۱ــ برهم پراڻ، ۲ــ پدم پراڻ، ۳ــ وشنو پراڻ، ۴ــ شو پراڻ، ۵ــ لنگ پراڻ، ۶ــ ڳرڙ پراڻ، ۷ــ نارد پراڻ، ۸ــ اگني پراڻ، ۹ــ اسڪند پراڻ، ۱۰ــ ڀوشيه پراڻ، ۱۱ــ برهم ونيورت پراڻ، ۱۲ــ مارڪنڊيه پراڻ، ۱۳ــ واراه پراڻ، ۱۴ــ متسيه پراڻ، ۱۵ــ ڪورم پراڻ،

ڪندا ته اندر تڪشڪ سميت اگنيءَ ڪنڊ ۾ وڃي سڙي مرندو."

ورهسپتيءَ تڏهن آستيڪ کي وٺي يڳيه شالا ۾ ويو جتي يڳيه ڪرائڻ وارو انگرس براهمڻ، جو سندس ڪُل مان هو تنهنکي چيائين ته "آهوتي وجهڻ ۾ ٿوري دير ڪري پورڻ آهوتيءَ جي ڏڪڻا جنميجيءَ کان گهُر جنهن ڪري تڪشڪ ۽ اندر جا پراڻ بچن."

ورهسپتي ۽ آستيڪ کٽيءَ وڏائي ڪرڻ ڪانپوءِ جنميجيءَ کي چيو ته "هي راجا! براهمڻ جي سراپ ڪري پريڪيت جو مرڻ اٽل هو ان ۾ ويچاري تڪشڪ جو ڪهڙو ڏوهه؟ تڪشڪ امرت پيئڻ ڪري مري نٿو سگهي ۽ توکي جو اهو وهم ويٺل آهي ته تڪشڪ جي ڏنگڻ ڪري راجا پريڪيت جو مرتيو ٿيو سا ڳالهه گيان کان ٻاهر آهي. جنم ته مرڻ جيئڻ، ڏک سک، هاڃي لاڀ سڀ ايشور اڇا ۽ پنهنجي نصيب موجب ٿئي ٿو. ڏسو سنساري جيو باهه لڳڻ، پاڻيءَ ۾ ٻڏڻ، هٿيارن سان مرڻ، نانگن جي ڏنگڻ، ڏڪ ڦٽ لڳڻ، جاءِ ڪرڻ، زهر ملڻ ۽ ٻين به ڪيترن قسمن سان جنم سندن نصيب ۾ لکيل آهي، مرن ٿا ۽ ڪو نه ڪو بهانو مرڻ وئي ٿئي ٿو جنهن مرتيوءَ جو ڪو به ٽالو ڪو نه ٿو وٺي. ساڳيءَ ريت تنهنجو پتا به پرارٻڌ موجب تڪشڪ نانگ جي ڏنگڻ سان مري وڃي مڪتيءَ پد کي پهتو. تو بيگناهه هڪڙي تڪشڪ جي بدلي ڪروڙين نانگ ساڙائي ماريا، جو تو جهڙي ڌرماتما لاءِ واجب نه هو. هاڻي ڪرپا ڪري پنهنجو ڪروڌ ڍرو ڪريو ۽ اهو يڳيه نه ڪريو. پريڪيت جو مرتيو سندس پرارٻڌ کان سمجهي باقي نانگن کي نه ساڙايو. ويچار ڪريو ته ڪو به ڪنهنجي مارڻ سان نٿو مري. آدميءَ کي جو اهو ايمان رکڻو ته مون فلاڻي کي ماريو يا جيئيو سو اها اُن جي ٻي سمجهي آهي. اهو

مان ڪيس پنهنجو دشمن ڄاڻي پنا جي عيوض وٺڻ لاءِ نانگن جي سڄي ذات کي اهڙي طرح ساڙيندس جو وري نانگن جو پچ بہ دنيا ۾ نہ رهي." پوءِ براهمڻن ۽ وشين کي گهرائي چيو تہ "اهڙو ڪو يگيہ سڻيو جنهنڪري دنيا مان نانگ نانگ جي ذات ختم ٿي وڃي." براهمڻ تڏهن سرپ يگيہ ڪرڻ جي صلاح ڏنيس جنهن ۾ سيپي ئي نانگ پاڻ کان ڀاڄي اچي سڙي ويندا. جنميجي تڏهن ڏڪڙي ودوان براهمڻ کي آچاريہ بنائي اهو يگيہ شروع ڪيو ۽ منترن جي اثر ڪري آهوتي ڏيڻ وقت هزارين نانگ هتان هتان اچي اگني ڪنڊ ۾ ڪرڻ ۽ سڙڻ لڳا.

جڏهن اهڙيءَ ڪروڙين نانگ اُن يگيہ ۾ سڙي مئا، تڏهن تڪشڪ پنهنجي پراڻن جي ڊپ کان اندر جي شرڻ وڃي لڪو ۽ يگيہ شالا ۾ نہ آيو. جنميجي براهمڻن کان پڇڻ لڳو تہ "مهاراج! بيا سڀ نانگ سڙي مري ويا، پر تڪشڪ جو اچا ئي پتو ڪونهي سو ڇو؟" براهمڻ جواب ڏنس تہ تڪشڪ اندر راجا جي شرڻ ورتي آهي، تنهنڪري ايا تاءِ نہ اچي سگهيو آهي."

جنميجي – تڏهن اندر ۾ اسانجو دشمن ٿيو، جنهن تڪشڪ کي آسرو ڏنو آهي؟ پوءِ ڇا اوهانجي منترن ۾ اهڙي طاقت ڪانهي جو اندر تڪشڪ سميت اچي هت سڙي مري وڃي؟

براهمڻ – ايشور ڪرپا سان منترن ۾ هرڪا طاقت آهي. هاڻي فڪر نہ ڪريو، اسين اوهانجي چوڻ موجب ڪم ڪريون ٿا.

جڏهن ئي براهمڻن اهو منتر پڙهي اگني ڪنڊ ۾ آهوتي وڌي تڏهن ئي راجا اندر سنگاسڻ سوڌو، جنهن هيٺ تڪشڪ لڪو ويٺو هو، اڏڻ لڳو. اهو حال ڏسي واسوڪي نانگ جي ڀائي آستيڪ ورسيتي کي چيو تہ "مهاراج! جيڪڏهين هن وقت ڪا سهائتا نہ

راجا پريڪيت جي تڪشڪ جي ڏنگڻ ڪري مڪتي

ڪشيپ– بيشڪ ائين ڪرا!

تڪشڪ تڏهن هڪڙي ٻڙ جي وڻ کي ڏنگيو جو ڏنگ جي زهر سان مٿئون ٻري، ڪان سڙي رک ٿي ويو. هينئر ڪشيپ جڏهن ٿي جل جو ڇنڊو هنيو، تڏهن رک مان ئي ساڳيو وڻ ٻئين ٽارين سوڌو تيار ٿي ويو. اهو حال ڏسي تڪشڪ ناڪ ڏٺي ڪشيپ کي چوڻ لڳو ته ”مهاراج! توهين جا جي اميد رکي پريڪيت جو زهر لاهڻ وڃو ٿا؟“

ڪشيپ– اڙي براهمڻ! هڙي ڌرماتما راجا کي، جنهن کان ڪيترن منشن جو ڀلو ٿيندو، جيترو ڪري منهن گهريل ڌن حاصل ڪندس.

تڪشڪ– مهاراج! اوهان کي جي ناڻي جي گهرج آهي ته مونکان وٺو.

تڪشڪ، ڪشيپ کي من گهريو ڌن ڏنو جو وٺي ايترو جي گهر موٽي آيو.

دو پنهنجي هڪڙي ڪينئين جو روپ ڌاري تڪشڪ دستڪاپور ۾ وڃي راجا پريڪيت کي ميڻائين. ڏنو ۽ اڌو ڦل براهمڻ ويٺو ۽ پنهنجي هڪڙي ڦل ۾ وڃي ڪينئين روپ ڌاري تڪشڪ ڦل مان نڪري جڏهن ئي پريڪيت کي ڏنگيو، تڏهن سندس شرير سڙي رک ٿي ويو ۽ سندس مکتي اهو حال ڏسي آتي ويا. پوءِ تڪشڪ آتان هليو ويو. سپ روئڻ لڳا. جنميجي پنهنجي پتا جو شاستر موجب ڪريا ڪرم ڪرڻ لڳو جنهن بعد منترين ڪيس تخت تي وهاريو. جڏهن جنميجي کي ٻارهن سال گادي تي ويٺي ڪدري ويا، تڏهن وزيرن کان پنهنجي پتا جي مرڻ جو حال تڪشڪ ناڪ جي دواران ٻڌي ڪاوڙجي چيو ته ”شرنگي رشي جي سراپ ڪري تڪشڪ منهنجي پتا کي ماريو تنهن ڪري ته سندس ... تان مونکي ... ڪشيپ کي جو ڏاڍو ڏيئي وات ...

چڙھائي اُڌار ڪيو. سچ آهي تہ مہاتمائون اڪيالي منش ڪي، جو
مايا ۽ استري روپي موھ جي اگهي کوھ ۾ پيو آهي، ڳيان روپي
رسيءَ سان ڪڍي پورساڪر پار اُتارين ٿا. هن پاڪوٽ، جنھنجي
وچ ٿوري آهي ۾ شريڪرشڻ ڀڳوان جا فوٽو لڳل آهن، سي
هڏي منھنجو من حري چرڻن ۾ ليني ٿي ويو آهي تہ هڪري داڳي مون
کي تکشڪ جي ڊنگڻ ۽ پنھنجي مرڻ جو ڪو بہ شوڪ ڪونهي.
داڳي مونکي آڪيا ڪريو تہ مان ڪالڪاظ پولڪاظ بند ڪري
شري شيام سندر جي چرڻن جو ڌيان لڳايان." شري شڪديوجي مہاراج
راجا جي اها ڳالھ ٻڌي کيس اُتبن ڪرڻ لاءِ آڪيا ڪئي.
ايترو ٻڌي راجا پريکيت اکيون بند ڪري شريڪرشڻ جو
ڌيان ڪرڻ لڳو. شري شڪديوجي ۽ ٻيا رشي اُتان اُٿي پنھنجي
پنھنجي استان ڏانھن هلڻا ويا. جڏھن مہل تکشڪ ناگ براھمڻ جو
روپ ڌاري راجا کي ڏنگڻ لاءِ نڪتو، اُنوقت ڪشيپ رشي
بہ سڀ اُوشڌيون (دوائون) ساٿ کڻي راجا پريکيت کي ڇڳي
ڀلي ڪرڻ لاءِ گهران نڪتو. واٽ تي تکشڪ روپ براھمڻ
ڪشيپ کي ڏسي پڇڻ لڳو تہ "ڪيڏانھن ٿو وڃين؟" ڪشيپ
وراڻي ڏنيس تہ "تکشڪ ناگ راجا پريکيت کي اڄ ڏنگيندو،
تنھنڪري اُنجي زهر لاهڻ لاءِ مسڪندا پورو وڃانٿو." مايا روپ براھمڻ
تڏھن ڪشيپ کي چوڻ لڳو تہ "توهان تکشڪ جي ڏنگيل
کي چڱو ڀلو ڪري سگهندا ؟"
ڪشيپ — تکشڪ تہ ڇا پر ڪنهن بہ قسم جي ناگ ڏنگيل
کي چڱو ڀلو ڪري سگهان ٿو.
تکشڪ — ڀلو! مان هن وڻ کي ڏنگيان ٿو تنھنکي جيڪڏھن
وري ساوو ڪيو تہ سمجهندس تہ پريکيت جو زهر لاهي سگهندين.

ڀڳوان جي ليلا

شريمد ڀاڳوت ۽ ڀڳوان جي ليلا ۽ شريو ڪي
سورج جو نالو ٿيو ٿي، پرماتما کي سورج روپ ۾ ڪرم اندرين،
ڪرڻ سماڄ کيو جي. جي بدن پنجن ڪرم اندرين، پنجن گيان اندرين،
پنجن تتون، سورجن من ۽ سترهين پڌي سان سماڄ کيو جي.
تيار ٿيندو پڌي کي گاڏي ۽ من کي ان جو گهوڙو سمجهڻ گهرجي ۽
ماڻي ڪٿي سان شريو پرڪاش ڪري ٿو
ايشور پرڪاش ڪري ٿو. جڏهن اهو پرڪاش گهرائي
ڪاڻ جي سمرتي ٿي ٿي. جڏهن ڪرم اپائي جو نتو ٿيو ٿو.
وڏيءَ شريو موڙ ٿي، ڪهڻ ڪرم اپائي جو ڪاڻس
لاءِ تون شريو کي مايا جو جوڙيل سمجهي، من کي ٿڪل سان
سمجهه ۽ پراڻ جي سراپ ڪري ٿو. ڪري ٿو
ٿيندو ۽ اهو ٿيو آتما جو شريو

اهنڪار ۾، اهنڪار مهه تتو ۾، مهه تتو مايا ۾ ۽ مايا پرميشور جي
روپ ۾ سمائجي وڃن ٿا، فقط نارائڻ وڃي رهيو. جاڳڻ، سمهڻ،
سک ۽ سنساري اُتپتي مايا جي ڪري ڪان جو ڳڻن ڪوڙي ۽ آدي پرش
ڀڳوان کي گيان روپي درشتيءَ سان ڏسڻ ڪري مايا روپ سنسار
ڪوڙو ڀاسي ٿو. جيئن ڪوڙي ۾ سَت جي تند ڏسي ٿي، تئين
سڀني جيون ۾ پرميشور جي شڪتي موجود رهندي. اِس ! جيئن
اوگيان سمجهيو ڏسجي مردي ۾ ڪام، ڪروڌ ۽ لوڀ جو اندازو
لڳو رهي ۽ اهو سڀني منشن، پشن ۽ جيوجنتن کي هڪ جهڙو
سمجهي ٿو. جيئن ٻتيءَ پوڻ سان تيل گهٽجي گهٽجي اُجهامي
وسامي ويندي آهي ۽ تيل جي گهٽجڻ جو سبب معلوم نه
ٿيندو آهي، تئين ڪال پرش جيون جي عمر ٿورو ٿورو آهستي آهستي
گهٽائيندو ڪين ماريو ڇڏي. اڪيائي پنهنجو مرڻ ياد ڪيو رکي.
الله جنهن کي ڪال روپي واڳ جي وارت مان ڇٽو ڏسجي،
تنهن کي مرڻ ٻهون ۽ سمرڻ ڪري ڀوساگر لنگهي پار وڃڻ گهرجي."

هي راجا پريڪست! شريمد ڀاڳوت ۾ ڀڳوان جي ليلا ۽ سندس
[illegible] آهن، تنهنڪري انهي ڀڳوان جو روپ سمجهڻ
گهرجي، [illegible] تڪشڪ ناگ جي ڏنگڻ ۽ پنهنجي مرڻ
جو [illegible] رکي، سڀ هنڌ پرماتما کي موجود ڏسي. سنسار
جو [illegible] ۽ سمجهه ۽ اوناشي پرش کي [illegible]
[illegible] ڪري ڪنهن کي ڏنگي ٿو. [illegible]
ڀڳوان ۽ پرميشور [illegible] منش، آدمي جو جيئڻ مرڻ سمجهي
[illegible] آهن، [illegible] آتما سدا امر آهي. شرير مايا
[illegible] سان ٿئي [illegible] سان پيدا ٿين ۾ [illegible]
[illegible] پوڻ بعد

ڪلجڳ ۾ سنساري منشن جو اڌار ڪئن ٿئي؟

تي وڌڪ ڌيان ڏيو، تن ڪلجڳ جا آدمي ايشور نام جپيندي
سڀني پاپن کان ڇٽي پوتر ٿي ويندا. جيئن يڳن ۾ اڌرم گهٽ
هو ۽ جڏهين ڪنهن کان ڪو پاپ ٿيندو هو ته هو انجو پرائشچت
ڪندو هو، پر ڪلجڳ ۾ گهڻي اڌرم ڪرڻ سان نه پرائشچت
ڪرڻ جو ضرور ڪونهي ۽ رڳو ايشور نام سمرڻ ڪري سندس
پرائشچت ٿي ويندو. آه! اهڙي سهولت هوندي به ڪلجڳي
اگياني منش سنساري سک ۾ اپنجي دڪڙي ساعت به ڀڳوان
کي ياد نٿا ڪن. هوڏانهن ته پنهنجي ڏينهن زبان مان اچايو ڪن
پيا، مگر ڀڳوان جو نالو وٺڻ کين، تپ ٿو چڙهي. ڪلجڳ ۾ فقط
ايشور نام وٺڻ، مري پچڻ ڪرڻ ۽ انجي ڪٿا پڙهڻ ڪري سنساري
لوڪن جو سڀ دکن پاپ ۽ اگيان ناس ٿي ويندو. جڏهين
نارايڻ ڪرپا سان سندن مرديءَ ۾ گيان روپي ڏيئو ٻري ٿو،
تڏهين هو مايا روپي اوندهه کان ٻاهر نڪري مکتي پائين ٿا.
هي راجا! تون به تڏهين شري ڪرشڻ جي سانوري صورت جو
ڌيان هردي ۾ اڳاءِ ته چترڀج روپ ٿي ويندين. تو ڪلجڳ
جي ماڻهن جي اڌار بابت پڇيو هو سو هي آهي ته سنسار روپي سمنڊ
مان پار لنگهڻ واسطي ايشور نام جپڻ ۽ سندس ڪٿا ڪيرتن کي
جهاز سمجهڻ کپي. بس! ان کان اتم ٻي ڪا به تجويز ڪانهي."
هي راجا پريکيت! پرليءَ هئڻ سان سڀني جيون جو ناس ٿئي
ٿو. پرليءَ کان سؤ ورهيه اڳي ڏڪار پوي ٿو، جنهنڪري سڀ
جيو بک ڪري مري وڃن ٿا. آڪاش ۾ سورج ديوتا پنهنجو تيج
وڌائي لوڪن کي جلايو ڇڏي. وري برسات وسڻ ڪري پرٿوي
تي جل مئي کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڏسڻ ۾ نٿو اچي. پوءِ جل
اگنيءَ ۾، اگني هوا ۾، هوا آڪاش ۾، آڪاش شبد ۾ ۽ اهي پنهنجي تتو

آفت اچڻ مهل نوڪر مالڪ کي ڇڏي ويندا ۽ هرڪو مطلب جو يار ٿيندو. مايا جي لالچ ۾ ٻوڙن پرڻن جي پوڄا ٿيندي. ڌن حاصل ڪرڻ لاءِ پٽر ماتا پتا کي دکه ڏيندو. ڪاڏي جي لالچ تي (ڏڪار ڪري) ماڻت سنتان وڪڻندا. شودر سنياسين ۽ مهاتمائن جو ويس ڌڪي براهمڻن کي اپديش ڪندا ۽ ٻاڻ مٿي سنڪاسڻ تي ويهي براهمڻن کي ڌرم وڌائيندا. مطلب ته اهڙي طرح ڪهٽبڻي باب سنسار ۾ ٿي، هري ڀڄن ۽ سمرڻ گهٽجي ويندو."

"هي راجا پريکيت! دروز منش جي شريرن ۾ چئن ئي يگن جو ڦل پرڪمت ٿيندو. جنهن مهل من، جپ تپ ۽ ڌرم پاسي لڳي، اُن وقت ست يگ جو ڌرم سمجهڻ گهرجي. جنهن وقت لوڀ ۽ ترشنا من ۾ پيدا ٿئي، تڏهن تريتا يگ جو ڌرم ڄاڻڻ گهرجي. جنهن وقت ايمان، ڪام ۽ موه پرڪمت ٿئي، ته اُن مهل دواپر جو ڌرم سمجهڻ گهرجي. پر جڏهن ڪوڙ، هنسا ۽ ڪروڌ آڻي ٿئي، تڏهن ڪلجگ جو ڌرم سمجهجي."

ڪلجگ جا لڇڻ ٻڌندي راجا پريکيت وري پڇڻ لڳو ته "هي سوامي ناٿ! جڏهن ڪلجگ جو اهڙو ڌرم آهي ته پوءِ سنساري جيون جو ڪئن اڌار ٿيندو؟. شري شڪديو جي وراڻي ڏني ته "هي راجا! ڪلجگ ۾ يگيه، تپسيا ۽ يوگ وغيره ڪجهه به ٿي نه سگهندو، پر هڪڙي ڳالهه تمام عمدي آهي جو ٻين يگن ۾ منش سچار، ڌرماتما ۽ دياوان ٿيڻ تي به ڪيترن ورهين تائين يگيه، تپسيا، پوڄا، پاٺ ۽ تيرٿ سنان ڪرڻ سان مڪت ٿيا ٿي، پر ڪلجگ ۾ فقط ايشور نام ڌيان ۽ اُنجي ڪٿا ڪيرتن ڪرڻ ۽ گنگا جي جي سنان ڪرڻ سان ڀوساگر پار لنگهي ويندا. جئن آجاميل مها پاپي مرڻ وقت "نارائڻ" نالي پنهنجي پٽ کي سڏ ڻ

اچايو مونکي پنهنجو سمجهي ڀاڻ ۾ وڌهي مرڻ ٿا ڏين جو خبر
ڊُ آهي ته ڪهڙو حال ٿيندو! ان لاءِ منش شرير ڌاري پنهنجو
من سنسار مان ورڪت رکي پرميشور جي ليلا ۽ ڪٿا ٻڌي،
هري چرڻن جي پريت پيدا ڪرڻ گهرجي.“ هي راجا! تون به هيئنئر
ورڪت ٿي هري چرڻن ۾ ڌيان لڳاءِ، ڇو ته هي سنساري وهنوار
ڪوڙو آهي ۽ هري ڀڳتن جي ڦل ڪانسواءِ ٻيو ڪي به ساڻ نٿو هلي.“
ايترو ٻڌي راجا پريکيت چوڻ لڳو ته ”هي مني ناٿ!
چئن يگن جا ڪهڙا ڌرم آهن ۽ ڪلجگ ۾ ڪهڙي تجويز ڪرڻ
سان هري چرڻن ۾ پريت ٿئي ٿي سو ڪرپا ڪري ٻڌايوم؟“
شري شڪديوجي وراڻي ڏني ته ”هي راجا! ست يگ ۾ ڌرم
جا چارئي پير سنئين، ديا، تپسيا ۽ دان قائم هوا ۽ سڀئي ننڍا وڏا
پنهنجي ڌرم ڪرم تي پورا رهندا هوا. تريتا ۾ سڀ ڌرم نيم ته
ڪندا هوا، پر رڳو پرائي استري سان ڀوڳ ڪرڻ ڪري ڌرم جو
هڪڙو پير ٽٽي پيو. دواپر ۾ منش پنهنجي ڪيرتي ڪيڻ لاءِ
يگيه پوڄا ڪندا هوا، پر ٻئي جي ڌن هرڻ (کسڻ) ۽ پرائي استري
گمن ڪرڻ سان ڌرم جو ٻيو پير به گم ٿي ويو. هيئنئر ڪلجگ ۾
ٽي حصا پاپ ۽ هڪڙو حصو پُن هئڻ ڪري ڌرم جو هڪڙو پير وڃي
رهيو آهي ۽ اها هڪڙي پڻي پاڇي جي به ڪلجگ جي پڇاڙيءَ ۾ ويندي
ڌامي ۽ جنهنڪري ڪوڙا لوڀي ۽ اپاڪي پيدا ٿيندا، جي هڪڙي دمڙي
واسطي ڪنهنجي پراڻ ڪيڻ ڪان به ڪين مڃندا. ڪُليئن استريون
پرپرش سان پريت رکنديون ۽ جيسين پئي وٽ ڌن
هوندو تيسين سندس آگيا ۾ رهنديون، پر غريبي اچڻ مهل ڪيس
ڇڏي ڌنوان جي چاهنا ڪنديون. سڀ منش عمدي ٻوڄن ۽
سندر استري جي خواهش رکندا. سنياسي گرهستين جو ڌرم پاليندا.

ساڻن ڪجھ به نه ويو. افسوس! هي شرير مرڻ کان پوءِ ڪنهن به ڪم نٿو اچي پرخاڪ ٿيو وڃي. جيڪي منش ان ناس ٿيندڙ شرير کي ٿڌي - مٺاريءَ ڀڄڻ واسطي جيو ماري کائين ٿا، تن کي ڪيتري قدر نه مورک سمجهڻ گهرجي. جڏهن ههڙا ههڙا پرتاپي راجائون به گهري مري ويا ۽ رڳو ڪيرتي يا اپڪيرتي پٺيان رهجي وئي، ۽ هي شرير جو اڪن تجويزن ڪرڻ تي به قائم نٿو رهي، تڏهن منش کي گهرجي ته شرير ۽ سنسار جي پريت ڦٽي ڪري، اهنڪار تياڳي هري جي چرڻن ۾ ڌيان لڳائي ۽ پرميشور جو ڀڄن، سمرڻ ۽ ڌيان ڪري ڀوساگر پار لنگهي. اهڙي منش شرير ڇڏڻ جو ڪل آهي، نه ته پوءِ ڏاڍو پڇتائڻو پوندو. هي راجا! توهان وڏو ڀاڳوان آهيو جو اڃا به سڀ پرميشور جي ڪٿا ۽ ليلا پڙهڻ ۾ من لڳو ٿيئي."

هي راجا پريڪيت جيڪي راجائون پهرين جي راڄ ڀوڳڻ ڪرڻ جي اڄا رکي يا پتا پتر ۽ پاتر پاڻ ۾ وڙهي مران ٿا، تن تي پرٿوي کلي ٿي ته "ڏسو، ڪيڏا نه مورک آهن جو منهنجي ماٽي لاءِ پاڻ ۾ وڙهي موت جو گراس ٿين ٿا." منهنجي وڏن جو مرڻ ڏسي به [illegible] ترشنا ڇڏين. جيتري محنت، دولت ۽ [illegible] واسطي ڪري منهنجي پرائي جي ساڃهه نه رکي [illegible] وڃن ٿا، اوتري ڪوشش جيڪڏهن [illegible] ڪري [illegible] زبردست دشمن کي جيتي [illegible] ته ڪيترو نه جيڪر اڌار ٿئي وڃن [illegible] پنهنجو پنهنجو ڪري گهري [illegible] ويس. پيا! تڏهن [illegible] [illegible] ڪيو ۽ پراڪرم نه ڪري

ڪاڄڪي منشن جي حالت جو ورڻن

وڏو آچار سمجهيو . جيڪو به ڪم ڪندا سو اڄڪو ڄڻهن سنسار
ر ناموس ٽئي . پنهنجي سونهن واسطي مٿي تي سينڌ ر ڪائيندا .
ڏکيو ڪهڙا پيدا ٿي سيڄي ڪي ڏکيه ڏيندا . راڄاڻون
چور ۽ ڏکڻ سان ملي پوڄا جوڙن ڪائيندا . ڏهن ورهين
جورن ۽ ڏکڻ ڇوڪريون ڀار ڇڏيندیون . ڪاهين استريون ارڙهن
جي عمر ۾ ڇوڪريون ڪي ۽ ڪيتري آن ڪري ڏکيه
جي اڄا رکنديون . ڪيترا منش انڌ رهندو . گرهستي
ڏسندا . وڻ وڏڻ چڏي ڏيندا ۽ ڏواڻن ۾ استري ساڻ سهريءَ ڇڏي ماڻهن کي ڏکي پوڄان پوڄان
پنهنجي ماڻا پتا ۽ مٽين ماڻهن کي چڏي سهري ۽ وشواس نه ڏکي پوڄان پوڄان
آڪيا ۾ رهندا . پروارن تيرٿن تي وشواس ڪرڻ جو
تيرٿ ڪرڻ ويندا ، پر تيرٿن تي سنان ۽ درشن ڪرڻ جو ڏيندا ۽ ان ۽ ڇڏي پرا ڏمڻن
جيڪو ماڻهو تنهنتي وشواس نه ڪندا . ٿڻ ڇڏي پرا مان ڏاڻ ۽
ڪا رائط وڏو ڏرم سمجهيط ۾ ايندو . منشن جي دلين ڪي ۾ مشڪل
ڏرم ايتري قدر ترڇڏائي ويندو جو ڏڪري پوڄان ڪري ڏکو پاڻوڻيس ٻڌ
ڪاڏو ڏيٺي سگهندا . سنياسي پنهنجو ڏرم ڪري ڏکو ڪهڙو باب
ڪي ٿي سمجهي خوش ٿيندا . دي راڄا چڏهن ايترو ڪوڏو ڏمڻن
ٿيندو ۽ ڏڏهن ڀڪيو ان ڏرم جي رکيا ڏشنهن ڏيس ۾ ڪي ڀاڙي
جي گهرو ڪاڪي اوڏار وٽندو ۽ ڏاڙن راڄاڻن ۽ ڏاڙهن آڏمي
ناس ڪندو . چڏهن آنڄي درشن ڪري باقي ڀاڄيان واڄڻ
ڪي ڪيان ٿيندو ، ڏڏهن هو ڀاپ ڪرم ڇڏي ڏرم سان
ان ڪان پوءِ ان سڙ ورهين بعد ست يڪي ايندو ڄڻهن سڀ ٿڏ
وڏا ڏرم ڪندا رهندا . ست يڪي جي شروع ۾ راڄا ڏيوا ڀڄ
بدريڪا شرم ۾ ۽ راڄا مروٽ جو مندر ان ڏوٽ ڏيا ڀڄڻ
ڪن ، سي چندرونسي ۽ سورج ونسي ڪان ڪي پيدا ڪندا
هيترا وڏا وڏا راڄائون تي مٿي ۾ ڀاڳ وڏا . ڀاڻي ڀڳائي ڪاڏ

اسڪند ٻارهون

راجا پريڪشت شري شڪديو جي مهاراج کي چوڻ لڳو ته
”هي سوامي! اوهان ٻڌايو ته جڏهن ڏينهن کان شري ڪرشڻ
ويڪنٺ پڌاريو، تنهن ڏينهن سان ئي ڌرم سنسار مان هليو ويو ۽
اُن ڪانپوءِ ڪوبه اهڙو ڌرماتما راجا ڪونه ٿيو جو ڌرم کي قائم رکي.
هاڻي ڪرپا ڪري ٻڌايو ته پوءِ ڪڏهن ڪنهنجي ونس ۾ راڄ گذي
رهي؟“ شري شڪديوجي مهاراج چيو ته ”هي راجا پريڪشت!
شيام سندر جي پڌارڻ کان پوءِ ڪلجگ آيو ۽ منجهس جيڪي راجا
ٿيا تن ڌرم ۽ سچ تياڳي ڇڏيو. ٿوري عمر سبب ڪو چڱو ڪرم
ڪري نه سگهيو. شري ڪرشڻ جي ويڪنٺ پڌارڻ بعد پانڊون جي
ونس ۾ ٽون چڪرورتي راجا ٿئين ۽ تو کان پوءِ وچڙاپ ۽ جنمجيءِ راجا
ٿيندا. جرا سنڌ جي ونس ۾ پرجت نالي راجا ٿيندو جنهنجي ڪال
۾ بندي نالي شودر اڻي مان پٽر پيدا ٿي زبردستي سڀئي کيترين
جو ڌرم بگيڙيندو. کيترائي کتري ڀڄي وڃي پنجاب ۾ رهندا
۽ آپرندي طرف وارا کتري شودر ڌرم پاليندا. پوءِ کيترن
هزارن ورهين تائين کتري راڄ رهي مسلمانن جي راڄ جو وارو ايندو.
ڪلجگ ۾ راڻيون پنهنجو ڌرم ڪرم ڇڏي استريون، ٻالڪن ۽
گئو براهمڻن جي هتيا ڪندا، پرائي ملڪيت، استريون ۽ پرٿوي
زبردستي کسيندا ۽ پاڻ ڪام، ڪروڌ، لوڀ ۽ موهه ۾ لٽل رهندا.
راجائن جو اهڙو حال ڏسي پرجا به ويڪ ڌرم ڪرم تي نه رهي
ڪيترو پاپ ڪندي. ڌرم ڪرم کان ڌار رهڻ ڪري منش جي

ديوڪي ۽ راجا اگرسين شيام ۽ بلرام کي نه ڏٺو، تڏهن هاءِ هاءِ ڪري اٿيئي مري ويا. رڪمڻي، ستيڀاما مطلب ته اٺئي پٽ راڻيون مرلي منوهر جي ۽ ريوتي بلرام جي چکيا جوڙي پاڻ کي ساڙڻ لڳيون. پردِيومن ۽ ٻين جوڌن جون استريون پڻ پنهنجن پتين سان ستيون ٿيون. جڏهن ارجن اهي اهو حال ڏٺو ۽ دارڪ جي واتان شيام سندر جو اپديش ٻڌو، تڏهن اهڙو شوڪ ڪيائين جنهن جو حال ڪري نٿو سگهجي. پر شيام سندر جيڪو گيان گيتا ۾ ٻڌايو هوس سمجهي من کي ڌيرج ڏنائين. سڀڪنهن پنهنجي پنهنجي گهر وارن جو شاستر موجب ڪريا ڪرم ڪيو. جنهنجي ڪُل مان ڪوبه ڪونه بچيو هو تنهنجو ڪرياڪرم ارجن ڪرايو. پوءِ ارجن باقي ٻچيلن کي وٺي هستناپور روانو ٿيو. ان وقت شري ڪرشن جي سنگاسڻ (ويٺڪ واري استان) کان سواءِ ٻي سڄي دوارڪا سمندر ۾ ٻڏي ويئي.

جڏهن ارجن هستناپور ۾ پهچي يڌشٽر کي سمورو احوال اچي ٻڌايو، تڏهن پنهنجي راڄ گدي پرڪيت کي ۽ اندرپرست ۽ مترا جو راڄ وڄرناڀ کي، جو شري ڪرشن جي ڪُل مان بچيو هو، ڏيئي پاڻ پنهنجي پائرو ڪت تي اُتر دشا ڏانهن هليا ۽ هماليه ۾ گري مڪتي پد کي پهتا. هي راجا پرڪيت! جنهن ڏينهن کان شري ڪرشن وئڪنٺ ڌام پڌاريو هو، تنهن ڏينهن کان ستيه ۽ ڌرم به سنسار مان هليو ويو. پر جيڪو هن اسڪنڌ کي من لائي ٻڌندو ۽ پڙهندو سو ڪٺن جنم جي ڦاهي کان ڇٽي مڪت ٿيندو.

هري رام هري رام، رام رام هري هري

هري ڪرشن هري ڪرشن، ڪرشن ڪرشن هري هري



هي دارڪ! سچو ماڻهي منهنجي چرڻن جو ڌيان ڪندو رهجانء. تون ٻه منهنجي پاڇن ۾ سمرڻ ڪري مڪت ٿيندين." اهو ٻڌي دارڪ روئندو شريڪرشن کان موڪلائي دوارڪا ڏانهن روانو ٿيو." ۽ مهاڻي کي وماڻ ۾ هي راجا پريکيت! پوء ديوتائن ۽ ڏٺائون ته سڀ پنهنجن وماڻن ۾ چڙهي وڪنٺ ڏانهن ويندو ڏٺو، ڏٺائون ته پيتا جتي اچي آئي گائيندا وڄائيندا ۽ گل وسائيندا وڪنٺ ناٿ ڏاڍي وڪنٺ اچيتو ۾ چڙهي ته ترلوڪي ناٿ انهيءَ لاءِ ته پوء اهڙي سندر شريڪرشن ويٺو هو. ڪريون، ته پوء ديوتائن کي ۽ هلي سندس مورت جو درشن ڪٺن آهي. شيام سندر ڪري روپ جو درشن ڏاڍو آتما جو ڌيان لڳائي اکيون بند هليو ويو جو آڪاش ۾ ڏسي پنهنجي اهڙي طرح وڪنٺ ناٿ شرير ماڻ ٻجليءَ وانگيان چمڪي آيو. هي راجا! وڪنٺ ناٿ ڪنهن کي به سندس سروپ ڏسڻ ۾ نه آيو، پرسپڪو پنهنجي طاقت آهر ڪٺن آهي، ڪنهن ڪنهن جو ڌيان کي هي مهاڀارت ڏاڍي ڀڳوان ڪان وٺي پڻ آتما گيان ٿيو. ڏسو! آيو هو، سواءِ وڪنٺ ڌام ماري گروءَ جا منش پٽ پرپوريءَ ڪري ٻاڻ اڳيان ڪري ٻيو منش شرير ڌارڻ ڪري جو ونس سنسار ۾ نه رهيو، ڏٺائون پڌاريو. پوء شريڪرشن جو سنڪادڪ رشين کي ڪير سنسار ۾ جنم وٺي مرڻ کان ڇٽندو."

ايتري ڪٿا ٻڌائي شري سوت جي وسديو ۽ اگرسين چوڻ لڳو ته "پوء دارڪ دوارڪا ۾ پهچي وڪنٺ ڌام پڌارڻ جو ڪي يادون جي مرڻ ۽ شيام ۽ بلرام جي ڏاڍا چيڪي آڌي هوا سمورو احوال ٻڌايو، پوء سڀ نندا ڏاڍا ۽ آڌي پهچي سمنڊ روئندا ويا ڪال تي ٻرهاس ڪيتر ڏانهن ڊوڙيا ۽ پوء ڏٺائون وسد جي ڪناري تي سيني جا لاش ٻول ڏڏئون.

ارادي ويجهو آيو، تنهن تي شيامسندر جي پيغام ڪهاڻي ڏسي پيالو تي ويو ۽ ڊڄندي ڪنبندي هٿ ٻڌي چوڻ لڳو ته ”هي ديناناٿ! مون جهڙو اپراڌي جڳت ۾ ٻيو ڪو نه هوندو جو لڪشمي پتيءَ کي تير هڻي دک ڏنو اٿم. ان پاپ ڪري منهنجو اڌار ڪنهن به طرح ٿي نه سگهندو، تنهنڪري پنهنجي هٿ سان ماريو ما جو پوءِ منهنجي سزا پاڻ جو حال پڌي اکين ٻيو ڪو به سنت مهاتما کي نه سمجهائي. هي مهان پرڀو! جڏهن برهما ۽ ٻيا ديوتائون به اوهانجي مايا کي جاڻي نه سگهيا، تڏهن منهنجي ڪا مجال آهي جو اوهان جي مهما کي سمجهان.“ اهڙي طرح مهاڻو ڏاڍا ورلاپ ڪري مرلي منوهر جي چرڻن تي ڪري ننڍڙي ٿيو. شيامسندر کلي چوڻ لڳو ته ”ڀائي! تون ڪو به فڪر نه ڪر. منهنجي مرضي سان ئي اهو ڪرتبو آهي ته برهمڻ جو سراپ ڪوڙو نه ٿئي. تون ڌيرج رک تنهنجي واسطي ويڪنٺ مان وماڻ اچي ٿو. اهڙي شيامسندر جي مکارونده مان اهي وچن نڪتا مس ته ڏٺو ته وماڻ آئي اچي بيٺو جنهن ۾ مهاڻو چڙهي ويڪنٺ وڃي پهتو.“

اينتري ڪٿا ٻڌائي شري شڪديو جي چوڻ لڳو ته ”هي راجا پريڪشت! ڏس جيڪو ٻڌڙي ڏين ڏيال جي شرڻ ورتي ٿي جو ڀروسو ڪري ٿو، تنهنکي وڏو موڪر سمجهڻ گهرجي. مهاڻي جي وڃڻ کانپوءِ مرلي منوهر داروڪ رٿ ڪاليندر کي چيو ته ”تون دوارڪا ۾ وڃي وسديو ۽ ٻين کي يادون جو حال ٻڌائجانءِ ۽ کين سمجهائج ته هاڻي دوارڪاپوري سمنڊ ۾ ٻڏي ويندي، ان ڪري جلدي پنهنجي مال ملڪيت سميت ارجن سان گڏ جي هستناپور هليا وڃو. ارجن کي پڻ سمجهائج ته منهنجي ويڪنٺ وڃڻ ڪري شوڪ نه ڪجي، پر ڪيتا ۾ جيڪو گيان سمجهايو اٿانءِ سو

شري ڪرشڻ جي آڪيا پر ماڻهن ياد ون جو پرڀاس ڪيتر اچڻ ۽ آڙي مرڻ

ٻڌي ڏيئڻ ايشور ليلا موجب سڀ يادو شراب پي مست ٿي
سمند جي ڪناري تي ويٺي ڏرڪو پيئڻ جي وقتي ڪرڻ
وڙاڻي ڪندي ڪندي سڀان ڪرڻ وقت
ڪي چندا هٽي وڙهڻ لڳا، ٻر ٻور ۽ ٻاهر ڪري تير ۽ تلوارون
وڙهڻ لڳا. جڏهن شيام ۽ ٻلرام جي سمجهائڻ تي به نه
تڏهن هو پريان بيهي تماشو ڏسڻ لڳا. وڙهندي وڙهندي سمنڊ
سڀ هٿيار پاڻي پيا ۽ گهوڙا مري ويا. پوءِ اوڪاڙا ڦٽي
ڪناري تي اُن اوڙ جي ڇوڙي ڪري سراپ
ڪي مارڻ لڳا. درواسا جي سراپ ڪري سڀ يادو مرڻ لڳا. جڏهن
ڪرڻ لڳو، جهنڪري سڀ يادو مرڻ آهي، تڏهن
پر پوش ڪي ڏسي لڪي ويندي
ليڪ سان سڀني يادون جو ستو ڪلي ۽ ڪيان
ڏاڙي ٻڌي پيدا ٿيندي ٻئي پٽ ۽ ڏاڙو ٻاهر وڙهي
ويا. جڏهن شيام ۽ ٻلرام ڪلسواه ڪوه
تڏهن شيام سنڌ ر ٻلرام ڪي ٻڌي
ويو، اتام ڀڪدم ونڪنت
سڀ ڪجها آهي لنگوٽي ٻڌي سمند جي ڪناري
دواران انبرڏان تي ويو، شيام سنڌر
ڪدا ۽ پدم سميت ڏڪري
اُتي ليٽي پنهنجو ساٿو
جو ارادو ڪيو، تڏهن
ڏنهن ٻاڻ ڪڍي وجهي
ڏڪرو تير ڏسيو. اُهو تير
ڀڳوان جي

ڌيان ڪجهه ته تنهنجي مڪتي ٿيندي."

اِهو ٻڌي ۽ شري ڪرشن جو وڇوڙو ڄاڻي اُڌو ڏاڍو دکي ٿيو، پر پوءِ اُنهي آڪيا موجب، ڏنڊوت ڪري اُن موهڻي مورت جي پرڪرما ڪئي. ۽ پوءِ اُهو آنند سروپ پنهنجي هرديءَ ۾ رکي ڀڳوان ڪان موڪلائي بدريڪا آشرم ۾ وڃي ترلوڪي ناٿ جي آڪيا موجب ڌيان ڪرڻ لڳو. جنهنجي پرتاپ سان ٿورن ڏينهن بعد اُهو شرير ڇڏي مڪتي پد کي پهتو."

ايتري ڪٿا ٻڌائي شري شڪديو جي ترلوڪي ناٿ جو ڌيان ۽ ڏنڊوت ڪري، راجا پريکيت کي چوڻ لڳو ته "هي راجا! ڏس، شري ڪرشن سڀني ويدن جو تت امرت روپي گيان ۽ ڀڳتي ڏئي اُڌو کي ٻڌايو. جيئن ته ديوتائن ۽ دئيتن سمندر ولوڙي چوڏهن رتن ڪڍيا هوا، تيئن ويد وياس ۾ سڀ ويد ۽ شاسترن سي اُنهجو تت "شريمد ڀاڳوت" ڪڍيو آهي."

راجا پريکيت اتي پڇڻ لڳو ته "هي شڪديو جي مهاراج! شري ڪرشن ترڀون پتيءَ جي جيتري مهما ٻڌايو ۽ جنهنکي سڀڪجهه ڪرڻ جي سمرٿي هئي تنهن هوندي به ڀلا پوءِ هن يادون کي سراپ کان ڇڏائي مڪتي ڇو نه ڪئي سو چئو؟" شري شڪديو جي چوڻ لڳو ته "هي راجا پريکيت! ڀڳوان جي ڄاڻ يادون کي ناس ڪرڻ جي مرضي هئي، تنهنڪري اُنهنکي براهمڻ جي هٿان سراپ ڏيارائين."

جڏهن اُڌو بدريڪا آشرم ڏي هليو ويو، تڏهن شري ڪرشن ويچار ڪيو ته دوارڪا پوريءَ ۾ ته سراپ اثر ڪري ڪين سگهندو، انڪري سڀني يادون کي پرڀاس کيتر ۾ هلڻ واسطي چيائين، جنهنڪري اُهي سڀ راجا اُگرسين ۽ وسديو کانسواءِ جلدي اچي پرڀاس کيتر ۾ پهتا ۽ سنان دان ڪري ورت رکي اُهو ڏينهن اُتي ٽڪي پيا.

ڙڏوڇي شريڪرشڻ کي سنديس چرڻن ۾ من اگهط لاءِ پرارٿنا ڪرط ۽
منگل ۾ رهي منهنجو پڇن ۽ سمرط ڪري. سدا ۽ جيون
ي ديا رکي ۽ جيترو ٿي سگهيس اوترو هٿن جو اُپڪار ڪري. اهو
ايمان ڪڏهن به نه رکي ته مان آدم ذات ۽ وڏو آدمي ٿي ڪنگال
۽ شودر کي کتن پاڻي پياريان يا کاڌو ڏيان. جيستائين منش
ايشور جو پرڪاش براهمڻ ۽ چنڊال ۾ هڪ جهڙو نه سمجهندو تيستائين
اُنکي گياني نه ڪوٺبو. هي اُڌو! اهو جيڪو گپت گيان پڙايو
اٿمانءِ سو چڱيءَ طرح ياد رکجِ، جنهنڪري تنهنجي مڪتي ٿيندي،
۽ ٻون وري اهو گيان هري ڀڳتن، سَت پرشن ۽ مهاتمائن کي
پڙائجي. جنهن امرت پيط ڪري ٿي ڪنهن به دوا جي ضرورت
نٿي رهي، تنهن هن گيان سمجهط ڪري ٿو ساگر پار لنگهڻ واسطي
ٻي ڪا به وات ڳولط نه گهرجي. جيڪو هري ڪٿا ۽ ڀڳتي سڄيه
من سان ٻڌي ۽ ڪري ٿو ۽ ٻين کي اهڙو آ... ڏٺي ٿو، تنهن
کي آءُ پيراج جي ڦاسيءَ کان ڇڏائي پرم پد ڏيندس.”
ايشري ڪٿا ٻڌائي شري شڪديو جي چوط لڳو ته ”هي
راڄا پريڪيت! اُڌو اهو سڀ گيان ٻڌي اکين ۾ پاڻي آڻي شريڪرشڻ
جي اڳيان هٿ جوڙي ويٺي ڪري چوط لڳو ته ”هي مها پرڀو!
اوهان ديا ڪري گيان جو ديپڪ منهنجي هردي ۾ روشن ڪريو
اهڙيءَ طرح مايا روپي اونده ڇڏائي، جهڙيءَ طرح سورج نڪرڻ سان
تارا گم ٿي ويندا آهن. اوهانجي ڪرپا سان منهنجو من ورتت
ٿي. استريءَ ۽ اولاد جو پريم ڇڏي ڏنو. هاڻي اوهانجي چرڻن ۾
وارون وار ڏنڊوت ڪري اهو وردان گهران ٿو ته منهنجو من اوهانجا
چرڻ ڇڏي ٻي پاسي ڪڏهن به نه وڃي.”
ايترو ٻڌي شريڪرشڻ چيس ته ”هي اُڌو! تون هتان
بدريڪا شرم ۾ وڃي ڪنڌ موڙ قل قول ڪاٿي منهنجي چرڻن ۾

به سڀني کان الڳ رهيتو. انهيءَ منش کي گهرجي ته پنهنجو من
مايا جي ڪٽڻ کان پري رکي ۽ هري چرڻن ۾ اڙو ته ڌيان لڳائي،
جو ڪنهن به سنساري شيءِ جي اڇا نه رهيس. جئن دوا کائڻ
ڪري بدن جي بيماري ڇٽيو وڃي، تئن من ۽ اندرين کي وس
رکڻ ڪري سنساري ترشنائون ۽ پريت ڇٽيو وڃي. جڏهن من
۽ اندرين کي وس نه ڪيو تنهنجو جپ ۽ تپسيا سڀ اجايو آهي.
جڏهن منش پرميشور جي ڌيان ۾ لين ٿي وڃي ٿو، تڏهن نه ته
ڪس بدن جي سڌ رهي ٿي ۽ نڪي سنسار ۾ ئي پريت لڳي ٿي.
جئن سورج نڪرڻ ڪارڻ اونده ناس ٿي وڃي ٿي، تئن منهنجي
ڀڳتي ڪرڻ سان اگيان دور ٿيو وڃي. گيانيءَ ۽ يوگيءَ کي گهرجي
ته آتما جي پاسي ڌيان لڳائي سنساري مايا موهه ۾ نه ڦاسي. اهڙي
منش تي اڳوڻي حشر جي ڪري ڪو ڏک ڪٽي دوي. جو ته مان
آنجو اهو دور ڪريان ٿو.“
ايتري ڪٿا ٻڌي اُڌو پڇڻ لڳو ته ”هي ديناناٿ! تو جان
جو چيو ته من کي روڪڻ گهرجي سو اهو من هوا کان به زياده تيز
آهي تنهنڪري روڪڻ ڏاڍو ڪٺڻ آهي، انهيءَ اهڙي ڪا تجويز
ٻڌايو جنهنڪري اهو من روڪجي ۽ هري چرڻن ۾ پريت پيدا ٿئي.
اوهانجي مايا سنسار کي اهڙو ته ڀلائي ڇڏيو آهي جو ڪو به اوهان
جي ديا ۽ ڪرپا کانسواءِ ان مايا روپي ڄار کان ڇٽي نٿو سگهي.
پيا! جتي برهما ۽ ٻين ديوتائن کي به توهانجو پد ڄاڻڻ ڪٺڻ آهي،
اُتي سنساري منش جي ڪهڙي مجال آهي؟“ شري ڪرشڻ چوڻ لڳو ته
”هي اُڌو! جيڪو سنسار ۾ جنم وٺي منهنجي چرڻن جو ڌيان
۽ سمرڻ ڪريٿو، تنهنجي آهستي آهستي سنساري پريت گهٽجيٿي.
تيرٿن تي جتي منهنجا ڀڳت ۽ گياني پرش رهن ٿا، اُتي جو اُهنجي

چرڻامرت وٺي. پوءِ ٺاڪرجيءَ وارو پرساد پوڄڻ ڪري وشڻوسهسرنام جو پاٺ ڪري، منهنجي ڪٿاءِ ليلا پڙهي، ڪجهه وقت ڀڄن ۽ سمرڻ ڪرڻ ۾ لڳائي. هي اُڌو! مان ڀڳتيءَ ۽ پريم جي ڀاو سان جيترو فقط جل چاڙهڻ ڪري خوش ٿو ٿيان، اوترو ڀڳتيءَ بنان ڪروڙين رپيا مندرن ۾ لڳائڻ ۽ دان ڪرڻ سان به پرسن نٿو رهان. جيڪو منش سچي من سان هر روز انرت منهنجي پوڄا ڪريٿو، تنهن وٽ ارڙهن ئي سڌيون موجود رهن ٿيون. هي اُڌو! گيانيءَ کي ڪنهنجي به شتوتي يا نندا ڪرڻ نه گهرجي. سڀني جيون ۾ پرميشور جو چمتڪار ڏسڻ ۽ سمجهڻ گهرجي. نندا ڪرڻ وارو ضرور نرڪ ۾ پوي ٿو. پوڄا ڪرڻ وقت ته هڪ پڪ چاهڻ گهرجي. هڪڙي پاسي ئي ڌيان لڳائڻ گهرجي. پرميشور سنسار کي پيدا ڪريٿو، پاليٿو ۽ ناس ڪريٿو. انهن ڳالهين تي ڌيان ڏيڻ سان سندس من ورڪت ٿي ٿو، تڏهن سنساري خيال ڪرڻ بعد جڏهن آتما، من ۽ اندرين سان ملي وڃي ٿو، تڏهن سنساري وهنوار سڀئي جهان ڪوڙو ڀاسڻ لڳندو. سنساري پدارٿن جي پريت ۾ ڦاسڻ نه گهرجي. هي سنسار ڪوڙو آهي، فقط ڀڳوت نام سچو آهي. نه ڪي مهاپراڻي ۾ ٻي ڪا پريت ڪرڻ گهرجي. تماشي وانگر ڪوڙو آهي. نه اڳي هو ۽ نه پوءِ رهندو، اِئين منش کي اُن مان اندرين کي وس ڪرڻ گهرجي. جڏهن سنساري مايا ڇڏي منهنجي من ۽ اندرين ۾ سمان آهن. جڏهن سوڻ مان تڏهن پوءِ گهر ۽ جهنگ ۾ رهڻ هڪ سمان آهي. جدا جدا جيو وهن، بروري ٻاڌن گهڻن زيورن تيار ڪري ٿا اِمي، تڏهن سنسار جي شروع ۽ آخر تي اُهو سون جو سون ٿيو پوي، جڏهن آڪاش سان ڪوڙو نراڻ ٿي نراڻ وڃي رهي. جڏهن ٻادل وڃي وڃن ۾ نڪر جو ٻيا آڪاش ۾ رهي، تڏهن اڪيلو نشا رکن.

شري ڪرشن مهاراج اُتر ڏنو ته ”هي اُڌو! منهنجي پوڄا جو
انت ڪونهي، پر تنهن هوندي به توکي مختصر ٻڌايان ٿو. يعني
منش کي صبح جو اٿي منهنجي ۽ پنهنجي گروءَ جي چرڻن جو ڌيان
ڪرڻ گهرجي. پوءِ سنان، سنڌيا ۽ جپ ڪري واندو ٿي منهنجي
سڳڻ روپ جي پوڄا ڪرڻ گهرجي. منهنجون اٺ مورتون
آهن يعني هڪڙي پٿر جي، ٻي ڪاٺ جي، ٽي ڌاتوءَ جي، چوٿين
مٽيءَ جي، پنجين چٽر جي، ڇهين ريتي جي، ستين جواهر جي
۽ اٺين من جي، انهن جي پوڄا ڪرڻ گهرجي. انهن مان ڪي ڙيون
چر آهن ۽ ڪيئي اچر. مورت جا سنگاسڻ تان کڻي سنان ڪرائي
ورئي به سنگاسڻ تي وهاري پوڄجي ٿي، تنهنڪري چر مورتي
سمجهڻ گهرجي. پوڄا ڪرڻ واري يا مندر ۾ اهڙي طرح سٿاپن
ڪيل آهي جا کڻي نٿي سگهجي، تنهنڪري اچر ڪوٺجي ٿو. انهن
ٻنهي قسمن جي مورتن کي سنان ڪرائي چندن لڳائي کيٽا ۽
وستر پهرائي واس ڌوپ ڪري گلن جي مالا ۽ تلسيءَ جو ڏل چاڙهڻ
گهرجي. ڪاغذ يا مٽيءَ جي مورت کي سنان نه ڪرائي
رکو ڪپڙي سان اگهڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪو منهنجي
مانسي پوڄا ڪرڻ چاهي، ته من ۾ منهنجي روپ جو ڌيان
ڪري. کاڌي جون جيڪي شيون کيس پياريون هجن سي لاڏي
لاڪر کي ڀوڳ لڳائي. پر جيڪڏهن هر روز اهڙو ڀوڄن تيار ٿي
نه سگهي، ته کيس وڏي ڏينهن ضرور ڪاهي. هوم ڪنڊ ۾ اگنيءَ
۾ منهنجو ڌيان لڳائڻ گهرجي. جل ۽ سورج کي به منهنجو روپ
سمجهڻ گهرجي. پوڄا ڪرڻ وقت منهنجن چرڻن ۾ من لڳائي
هٿ جوڙي عرض ڪري ته ”هي پريو! مان تنهنجي شرڻ آيو آهيان،
موکي داس ڄاڻي منهنجو اُڌار ڪر.“ انهيءَ هر روز پوڄا ڪري

ان اڳ ۾ ديوانن ۾ پيس جو جٿي اندر جهڙا ديوتائون ۽ مهاتمائن
اڳيان سر نمائين، اُتي آءُ ڪڙي استري اڳيان سر نمائي بيٺس
۽ ڏسُ منهنجو ايمان جيتي پاڻي چڙهيو. مون اُن جي پريت ۾ ڦاسي
پاڻکي اڳ ۾ ته پاڻي چڙهيو، جو اُروشي جي سمجهائڻ تي به مونکي
ڪو گيان نه آيو. آها! جنهن شرير کي پالڻ پوشڻ ۾ ڏيترا ڏکي
ڏاڪڙا ڏٺم، سو مرڻ ڪانپوءِ ڪتن ۾ ڪر نشو اچي. ورې ڪڙو
ڏيئڻ ۾ ڪيڏو ۾ دکڻ ڪونه ٿو پائيس، ڇو ته اِن شرير جو اڙو
حال، ڏٺو ڇو ته آنهان موهه ڪيڏي هري پاڻ ڪري مڪتي پائجي.
دي آ. ڏو! استري ۾ مڻ اڪائڻ ڪري پکيه، تپسيا، تيرٿ،
ورت ۽ دان ڏوهه وغيره ڪي ۾ ڦائدو نٿا ڏين. جيڪي پهنجي
اڳيان ڪري سنسار روپي سمندر ۾ غوطا کائي رهيا آهن، تنکي
پوساڪر پار لنگهڻ واسطي ست سنگ ڪڙي ٻيڙي آهي. اڳيان
اندي ڪي ست سنگ ڪڙيون اڳيون آهن. جڏهن مالت اوڏو
جو پلو ڪيون ٿا، تڏهن ست سنگ سنساري منهن جو پاڻو ڪندڙ
آدي. جيسين مايا روپي دولت ۽ استري جي ترشنا نشي وسري،
تيستائين سڀني ۾ ڪيان نٿو ملي. دکين ڪان ڦٽائط واري ڦندا
منهنجي پڪي آهي، تنهنڪري جنهنکي ترڪ جو ٻپ تني سو
ست سنگ ڪري، جنهنڪري جو گيان تي مڪتي پائيندو.
ايتري ڪٿا ٻڌي اوڌو ڀڳت جوڙي ... ته ...
ديناناٿ! ٻرهمچاري ۽ وانپرست جو ڌرم ... ۽ تپسيا ...
سڀ ڪٿا آهن ۽ توهانجي ... سواءِ شرير ...
جيتو ڪيڪ رشين، منين ۽ ويدن ... شاسترن اوهانجي ...
ڪيٽيون ... ڏسيون آهن، ٻڌ ... ڪري ... ڪا ...
وات ڏسيو جنهنڪري سنساري ... اڪني ...

سنگت ڪرڻ نه گهرجي، ڇو جو اهڙن جي سنگ ڪرڻ سان نرڪ پوڳڻو
پوي ٿو. تنهنڪري سدا اُستم پرشن ۽ مهاتمائن جي سنگ ۾ رهڻ گهرجي،
جنهنڪري جيءَ جو ڪلياڻ ۽ پرڀوءَ پد پرائپت ٿئي ٿي. راجا پرورا، اُروشيءَ اپسرا
جي سنگ ۾ ڦاسي خراب ٿيو هو، تنهن سنساري ماڻهوءَ ۽ استريءَ ۽
ٻين جي صحبت ۾ رهي، پنهنجو پرلوڪ بگاڙين ٿا. هي اوڏو!
پرورا کي اُروشي اپسرا کان ڪيئن گيان مليو سو ٻڌايان ٿو.
جڏهن راجا پرورا ڪنڊرو لوڪ ۾ رهي هزارن ورهين تائين اُروشيءَ
سان ڀوڳ ولاس ڪيو ۽ سندس مٺ ۾ ترپت نه ٿيو، تڏهن
ڪنهن ڏينهن منهنجي ڪرپا سان من ۾ ويچار آيس ته "هيترا ورهيه
ڪامديو جي وس ٿي سنساري سک ڏٺم، پر منهنجي اِندرين جي
خواهش پوري نه ٿي. پاڻ جهڙن پاڻ ۾ ڪيهه وجهڻ ڪري جيئن
وڌندي آهي، تيئن اِندرين کي وشيه سک ڏيڻ ڪري وشيه
اِڇا وڌي ٿي ۽ ڪڏهن به سنتوش نٿو اچي. آها! مان ڪهڙو نه
ٻوڙو آهيان جو راجا ٿي اُروشيءَ جي وڃڻ وقت اُڌ ۾ اگهاڙو ٿي
اهڙيءَ طرح ڊوڙيس، جيئن ڪنهن ڪامي جي وس ٿي ڪڏهن جٽ جان
پوندو. افسوس! هن اپسرا مونکي اهڙو ته وس ڪري ڇڏيو هو
جيئن بازيگر باندر کي وس ڪري ڇڏين ٿا. مان اُن ڀوڳ ولاس
۾ اهڙو ته انڌو ٿي ويس جو مونکي ڪنهن ڪان به شرم
نٿي آيو. سڀ راجائون جي منهنجي آڏين هوا سي به منهنجي
بيوقوفيءَ تي کلڻ لڳا. مونکي رات ڏينهن گذرڻ جي به سمجهه
نه رهي. سچ پچو ته ڪامي پرش استريءَ جي وس ٿي ڇڪ ۽ ڀا
ٻيءَ جو ڪو به خيال نٿو رکي ۽ سڀ تڇ، ٻار، گيان
۽ ڌرم ڪرم ناس ٿي وڃي ٿو هليو. افسوس! ڪهڙو ماس جو پتلو جنهن
۾ مل مُوتر، رت، هڏا، چمڙي ۽ دُرگنڌ سان ڀريل آهي اُن تي

شريڪرشڻ جو اُڌو کي گڻن جا لڇڻ ڀڌائڻ

پاڻکي ''مان'' سمجهڻ اها ڳالهه ٽنهي گڻن گڏجڻ سان جڙي ٿي.
پرمهماجي ڀڄن ۽ ڌيان ڪرڻ واري کي ستوگڻ جي پرتاپ سان
ڪا به اڇا نٿي رهي. اهي ٽي گڻ سدا هڪ ٻئي لڳا رهن، پر گهٽجن
وڌن پيا. ستوگڻ وڌڻ سان من ۾ خوشي ۽ گيان پيدا ٿئي ٿو،
رجوگڻ وڌڻ تي سنساري سک جي خواهش ٿئي ٿي ۽ تموگڻ وڌڻ
سان ڪاوڙ، ننڊ ۽ آلس وڌن ٿا، جنهن ڪري جيو کي هاڃا ۽ اڌرم
ڪرڻ جي اڇا ٿئي ٿي. جاڳڻ ستوگڻ، سمهڻ ۽ خواب ڏسڻ رجوگڻ،
۽ اُداس ٿي رهڻ تموگڻ جا لڇڻ آهن. ساڌو ۽ ٿورو کائڻ ساتوڪي،
چڱو گيهه پڻ ۽ کائڻ راجسي ۽ ٻڪ ڪري گهڻو کائڻ، جنهن مان
بدهضمو پڻ ٿئي، اُهو تامسي کاڌو ڳڻجي. آتما انهن ٽنهي گڻن
سان ملل، پر سڀ کان الڳ ٿئي ٿي. ستوگڻي سورگ ڀوڳين
ٿا، رجوگڻي دک سک ڀوڳين ٿا ۽ تموگڻي چوراسي لک جوڻين ۾
پيدا ٿي نرڪ جا دک پائين ٿا. ورڪت ٿي منهنجي چرڻن جي
ڌيان ۽ ڀڳتي ڪرڻ وارا موڪت پهچن ٿا، گرهست ڇڏي ٻن ۾
رهڻ ستوگڻ، شهر ۽ گرهست ۾ رهي سنساري سک جي اڇا رکڻ رجوگڻ
۽ مدرا پيئڻ، جوا ڪرڻ، پرناري گمن ڪرڻ ۽ ٻاڇڙي سنگت تموگڻ
آهي. ديوتائن ۾ وڃڻ، تيرٿ يا ترا ڪرڻ، ڪٿا وارتا ٻڌڻ
ستوگڻ آهي، شراڌ وغيره سنساري ڪرم ڪرڻ رجوگڻ آهي ۽ جيو هاڃا
۽ پاپ وغيره ڪرڻ تموگڻ آهي. هي اُڌو! اهڙيءَ طرح سڀني
ڳالهين ۾ ستوگڻ جا لڇڻ رهن ٿا، ڪوبه جيو انهن ٽنهي گڻن کان
ٻاهر نه آهي. انهن ٽنهي کان جيڪو الڳ ٿي منهنجي پريم
پوڄا ۽ ڀڳتي ڪري ٿو سو موڪت پهچي ٿو."
هي اُڌو! جنهنکي موڪت اچڻ جي اڇا ٿئي، تنهنکي ڪڏهن
... ٽڪيا، اوپئي، جواري، سنساري پريت ڪندڙ ۽ آڌرمين

رهن ٿا، تيستا ئه ڪجهه به پرڪمت نٿو ٿئي. جڏهين منهنجي شڪتيءَ سان اِهي سڀ ملي وڃن ٿيون، تڏهن برهمانڊ روش پيدا ٿي ڪيتريءَ مدت تائين پاڻيءَ ۾ شيش ناگر تي پرمڻ ڪري ٿو. اِهو برهمانڊ روپ منهنجو آهي. اِن روپ جي نابيءَ (ڌُن) مان ڪنول جو گل نڪري ٿو، جنهن مان برهما پيدا ٿي رجوگڻ سان سڀ ديو پيدا ڪري تنهن لوڪن جي رچنا ڪري ٿو. ديوتائون سورگ لوڪ ۾، دئيت داڻو پاتال لوڪ ۾ ۽ منش وغيره مرتيو لوڪ ۾ رهي پنهنجي ڪرمن موجب سورگ جا سک ۽ نرڪ جا دک ڀوڳين ٿا. برهما جي سمهڻ ڪري ڪوبه لوڪ نٿو رهي ۽ سڀ سنڌس مرڻ بعد پاڻيءَ کانسواءِ ٻيو ڪي به نٿو رهي.

هي اُڌوا مان توکي ستوگڻ، رجوگڻ ۽ تموگڻ جا لڇڻ ٻڌايان ٿو. يعني جو منش من ۾ ديا رکي، پنهنجي اِندرين جي وس ڪري، چڱي ڀڄڻ ڪرم جو ويچار ڪري، ڪنهنجي به گارين کمد ڏيڻ سان نٿو ڪاوڙجي، ايشور سمرڻ ۽ ڏيان ڪندو رهي ٿو ۽ سدا سچ ڳالهائي ٿو، سڀ ڀرڪ ڏيوچ رکي ڪنهن به شيءِ جي اِڇا نه ڪري ڏکي پوڄا ۽ شيوا ۾ من لڳائي ٿو، اِهي لڇڻ ستوگڻ جا آهن. جيڪو سنڌر استريءَ، چڱن ڪپڙن، ڪپڙن، محلن ۽ باغن وغيره سنساري سکن جي اِڇا رکي، ايمان ڪري ڪنهنجو ڊوڙ نه مڃي، جيڪو به ڪم ڪري تنهن پنهنجو ڏاو ڳولي ٿو ۽ هميشه دولت ۽ وڏائيءَ وڌائڻ جي تجويز ڪري ٿو، تنهن کي رجوگڻي سمجهڻ کپي. جيڪو کڻي ڪاوڙ ۽ لوڀ ڪري ٿو، ڪوڙ ڳالهائي ٿو، ڪڪرم ڪرڻ ۽ جيو هتيا تي ٻي شرم تي ماڻهن سان جهيڙو ڪري ٿو، الٽي ٻير آلسي ٿي کٽي ننڊ ڪري ٿو، اِهي لڇڻ تموگڻ جا آهن، سڀ ڪا شي پنهنجي سمجهڻ، منهنجو تنهنجو ويچارڻ،

ڪري دنيا ۾ بدنامي کٽي مرڻ ڪانپوءِ سڌو نرڪ ۾ وڃي دک ڀوڳڻو
پوي ٿو. آها! ڀڳوان ڪهڙو چڱو ڪيو جو منهنجي سڀ ملڪيت
کسي ورتائين. جنهن مايا ۾ ڪيترا اوگڻ ڀريل آهن سا ته چڱي ڪرم
۾ خرچ ڪرڻ سان ئي سڦل ٿيندي. جنهن ڏينهن جي حياتي لاءِ
مايا جي آس ۾ منشن سان دشمني ڪرڻ ڪهڙي نه ڀُل آهي.
جيڪي آدمي منش شرير پائي دولت، استري ۽ اولاد جي زينت
۾ ڦاسي خراب خوار ٿين ٿا، تنهنجو سنسار ۾ جنم وٺڻ بيڪار آهي.
ديوتائون به اهڙا ڀاڳ رکن ٿا ته جيڪڏهن ڀارت کنڊ ۾ انسان جي
منش جو جنم ملي ته جلدئي جيڪو موکش ڏي وٺون. هاءِ
افسوس! هيستائين ورڌ ٿيڻ ڪري ۽ اندرين جي طاقت گهٽجي
وڃڻ ڪري، مان ڪو به چڱو ڪرم ڪري نٿو سگهان. تنهن
ڪري باقي حياتي جو وقت جيڪي بچيل ڏينهن پرميشور جي سمرڻ
۽ ڌيان ۾ خوش رهان. اهو ويچار ڪري هو ورڪت ٿي سنياس
وٺي هڪ هنڌ وهي پرميشور جو ڀڄن ۽ سمرڻ ڪرڻ لڳو.

جڏهن اهو براهمڻ شهر ۾ ڀکيا پنڻ ويندو هو، تڏهن شهر جا
ماڻهو کيس ستائي اڳين ڳالهين ياد ڪري ڏاڍا ڏک ڏيندا هئس.
يعني ڪو کيس گاريون ڏيندو هو، ته ڪو ڌڪا ۽ ڪرمنڊل
کسي رسي سان ٻڌي ڇوڙيندو هو ته "هي وڏو شوم آهي ۽ ڪنهن
ٿي هيستائين ڀڳو ڀڳت بڻيو آهي." اهڙي طرح هو براهمڻ ڪيترن
ڏکن ڏسڻ تي به ڪجهه به نه سمجهي، پنهنجي من ۾ چوندو
هو ته هي ڪنهنجو ڏوهه ڪونهي پر سڀ منهنجي قسمت ڪري
آهي. هيءُ جيڪو ڪم چڱو يا خراب ڪري ٿو، تنهن جو ڦل دک
سک ڀوڳڻو پوندو. جنهن من وس ڪيو آهي تنهنکي ڪو به دک ڏئي
نٿو سگهي. پڪ ڏيتساوغيره ڪرمن ڪرڻ جي ضرورت ٿيندي،

ڀر ڏاڍو شوم

کائڻ ۽ پهرڻ ۾

پوندو هو. ٻيو ته ڇڏيو پر پنهنجي کٽنب جا آدمي بہ

هوندو هو. اِن شوم پڻي ڪري سندس دولت هوندي آهي

دشمن ٿي پيس. نہ تہ هون جنهن وٽ دولت، ديوتائن ۽ پٽرن ۽

تنهنجي آتما پرسن رهندي آهي ۽ کٽنب، ديوتائن پٽرن ۽

آتثين کي سک ملندو آهي، پر شوم هئڻ سبب اهي پنهنجي براهمڻ

جا ڪتر ويري ٿيا. ڇڏهين هو براهمڻ پڻو ٿيو ۽ واپار ڪرڻ جي

سمرٿي نہ رهيس، تڏهين مٿين پنهنجي جي سراپ ڪري ڀاڱو ۽

سڙڻ، چورن جي قرڻ، راڄا جي لٽڻ ۽ قرضدارن جي هضم ڪري

وڃڻ سان سڀ مال گم ٿي ويس. ٻيو تہ ڇڏيو پر جيڪا مايا زمين

۾ پوري ڇڏي هواءِ سا بہ هٿ نہ آيس. داڻي هو براهمڻ ڏاڍو

دکي ٿيڻ لڳو ۽ ذات وارا بہ کيس بي آبرو ڪرڻ لڳا. هڪڙي

ڏينهن ويٺي ويٺي خيال ٿيس تہ افسوس! مون ڏيٽرو ڏکن گڏ

ڪري بہ پراوڪس لاءِ جو ڪو بلو پيٽي ڪونہ ڪيو ۽ نہ تہ هن لوڪ

۾ ئي ڪ سک پيو ڪيم. سچ آهي تہ شوم جو مال اجايو ويندو آهي

ترشنا جي ڪري آدمي جا سڀ گڻ ناس ٿي ويندا آهن. جنهن

سهڻي آدمي جي منهن تي ڪوڙهہ جي داغ هئڻ تي هنڌجي سڄي

سونهن چٽ ٿي ويندي آهي، تئن لوڀ جو تيانجہ وڃي هليو ۽

ڪوبہ کيس چڱو نٿو ڪوٺي. افسوس! جنهن دولت ڪي مِنش

ڏيٽرو چڱو سمجهن ٿا، سا اڌڙي تہ ٻري آهي جو پهرياءِ واپار ڪرڻ

وقت پنهنجي ۽ پرائي جي ساڃاڻپ ڀلائي، ڪوڙ ڳالهائڻ سان ملي

ٿي. وري رات ڏينهن سندس سنڀالڻ جي چنتا ۽ چورن ۽ را

ڪان لڪائڻ وڃڻ جو ڀپ رهيٿو، جنهنڪري پوري ننڊ بہ نصيب

نٿي ٿئي. اِن دولت اچڻ تي ڪيترا نہ مها پاپ يعني وِشيا گ

شراب پيئڻ، جوا ڪرڻ، جيو هتيا وغيره ڪڪرم ٿين ٿا،

ڏوريندو. اِللاءِ من کي شرير کان سدائين الڳ سمجهڻ گهرجي. جنهن
من وس ڪيو تنهن اندرين کي اڳ ئي هٿ ڪيو. آءٌ سترگڻ سان
ملي رشي ۽ ديوتائون، رجوگڻ سان ملي دئيت ۽ آدمي، تموگڻ
سان ڀوت پريت ۽ پسون وغيره پيدا ڪريا هئا. جنهن ڪري هنن
پنهنجي وات مان چار ڪتاب وري ڪڍي ورتا، تنهن آءٌ ته
پنهنجي شڪتي سيتي جيون ۾ رکي مرڻ بعد مون ڏانهن آڻيندو هئس
وڃان ٿو. جنهن ٻيڙيءَ ۾ هلڻ سان ڪناري جا وڻ هلندا ڏسڻ ۾
ايندا آهن يا پينگهه لوڏڻ وقت پرٿوي ۽ آڪاس ڦرندا نظر ايندا
آهن، تنهن سنسار جا سڀ شيءِ ۽ آشيءِ ڪرم منهنجي مايا ۽ ليلا
سان آهن، پر منش جو ٿيو ته ڏي ڪرم مون کي آرپي. اِللاءِ
گياني کي گهرجي ته پنهنجي پرلوڪ ڏاهڻ لاءِ ڪام، ڪروڌ، من
وغيره کي پنهنجي وس رکي ڪنهن به گارين ڏيڻ تي به ڇڙڻ نه گهرجي."
اهڙو گيان ٻڌي اڌو چوڻ لڳو ته "هي مهاراج! اها ڳالهه
ڏاڍي ڪٺڻ آهي جو ڪنهن جون گاريون ۽ ڪشور وچن ٻڌي ڪميا
ڪجي." شري ڪرشڻ ورائي ڏني ته "هي اڌو! تون سچ چئين
ٿو. تيرن وار جو گهاءُ ماري ڪڍڻ سان ڇٽي وڃي ٿو، پر ڪشور وچن جو گهاءُ
جو دل ۾ جڳهه لڳي ٿو سو وري ڇٽي نٿو سگهي. پر اها سڀ ڳالهه من جي
ڪري آهي جنهن پنهنجي من ۾ اهنڪار کي وس ڪيو تنهن کي اِن ڳالهه
جو ڊپ نٿو ٿئي. جيڪي من جي وس رهن ٿا تن کي ئي گارين
ڏيڻ تي ڪروڌ پيدا ٿئي ٿو. اِن بابت هڪڙو مثال ٿو ٻڌايانءِ.
ته اُجين شهر ۾ هڪڙو براهمڻ وڏو واپاري ۽ شاهوڪار رهندو هو،
اهڙو ته لوڀي ڪنجوس ۽ ڪامي ڪروڌي هو جو ڪڏهين به پنهنجي
نيات يا ساڌو براهمڻن وغيره کي پنهنجي زبان سان پڇڻ ڪرڻ
واسطي نه چيائين. هڪڙي ڪوڏيءَ واسطي دوست جو دشمن ٿي

شر ڪرشڻ جو اُڌو کي تتون بابت ... اُتمو پڌا انيهي سي
پرڪرت جي اُٺين ٿي ٿي. ڄاڻي جيڪي ... ٨ - آڪاش،
آدن: ١ - پرش، ٢ - مهتتو، ٣ - اهنڪار، ... - مايا. ٻارهن تتو
٥ - وايو ٦ - اگني ٧ - جل ٨ - پرٿوي؛ ٩ - ... ٢ - اکيون
جيڪي پڌا انهي سي ... آدن يعني. ١ - چمڙي
٣ - نڪ ٤ - ... ٥ - زبان (گيان اندريون) ٦ - پير ٧ - هٿ
٨ - لنگ ٩ - گدا ١٠ - وات (پنجئي ڪرم اندريون) ٻارهون
... ڪري تتو ڪرسو، ... معلوم ڪري
من. چمڙي جي ... سان سنگهي، ڪنن سان
سکي ... اکين سان ... سان ... [illegible]
... زبان سان ... سواد ... سان ... [illegible]
... ڪرم ... سان ... وات سان ... [illegible]
ڪري، گدا سان ميل ... اُڌوا ... اندريون،
... ڪري ... سڀ ڪرتون ... جيڪي
اهنڪار ... سان ... آڪاش (پنجئي ... آهيا)
[illegible]

تي سمهڻ سان بوسن رهن ٿا، تنهڪي سواءِ دک جي سک ملڻو ڪونهي. سنساري ترشنائن ڪي، جي سڀئي دکن جي ٻاڙ آهن، ڇڏڻ واري خوش گذاريندا ٿا. جيئن سنسار ۾ اهائون سڀئي دکن جي ٻاڙ آهن، تئين سورگ ۾ تي شيون دک ڏيندڙ آهن. ڏڪري اُها جو ٻئي کي ٻاهڻ کان مٿي ويل ڏسي حسد پيدا ٿئي، ٻي ٻاهڻ سان گڏ وڌڻ واري سان جهڳڙو ٿئي ۽ ٽي ٻاهڻ کان هيٺ وڃڻ کي ايمان جي نظر سان ڏسجي. جيڪو منش سنساري سک ۽ سورگ جون اهائون ڇڏي، هري چرڻن جو ڌيان ڌري ٿو، سو مها ٻڙاڻ ٿا؟ وئڪنٺ ۾ سک ڀوڳي وري جنم نٿو وٺي. هي اُڌوا! جو منش موکي ٻکوان جاڻي ڪي دفعو به سچي من سان منهنجو سمرڻ يا ڌيان ڪري ٿو، تنهنکي مان ڪڏهن نٿو وساريان. اِلاءِ اُنکي ڪهڙي ٿر سدا منهنجن چرڻن ۾ پريت اڳڙائي جنهن ۾ سندس اُڌار ٿئي."

سگھان ٿو، ۽ جيڪڏهن مان وٽس لنگهي ويندس تہ هو مونکي
ڪنگال ڄاڻي گھڻي دولت پڻ ڏيندو، پر اهڙي ترلوڪي ناٿ کان
جو ڏوهہ، ارٿ، ڪام ۽ موڪش چئني پدارٿن ڏيڻ وارو آهي،
ڌن دولت گھرڻ واجب نہ آهي؛ جو جو اها دولت هميشہ رهڻ
واري نہ آهي. آءٌ سمجھان ٿو تہ غريبيءَ ۾ جيڪو ڏيان ۽ سمرڻ
ڀڳوان جو ٿئي ٿو اهو شاهوڪاريءَ ۾ ڪڏهن بہ نہ ٿيندو.
سنساري سک ۾ اهنجي وڃڻ ڪري پرلوڪ جو خيال پلجيو وڃي.
اڳيئي جنم ۾ ڪو دان ڪيو هجي تہ هن جنم ۾ نہ مليو ۽ ٻيا ڏيڻ
هي ماڻھ مشڪل آهي. سچ پڇين تہ هن غريبيءَ ۾ ناڻي ڇڪا ڏيهن
پيا ڪڍون." سشيلا ورندي ڏني تہ "هي سوامي! آءٌ سمجھان
ٿي تہ سنساري سک سهڻي سان آهي ۽ آءٌ اوهانکي ڪنهن بہ لالچ
ڪري اوڏانهن نٿي موڪليان، پر رکو اتاهہ اوهانکي چوان ٿي تہ
اُن ٻاروهہ پرميشور جي درشن ڪرڻ سان مکتي ٿيندي."
سداما تڏهن چوڻ لڳو تہ "چڱو! جيڪڏهن تنهنجي اهڙي مرضي
آهي تہ وڃان ٿو، پر چئو آهي تہ ڪجھہ ۽ سوغات وٽ هٿين خالي نہ
وڃڻ گھرجي. هاڻي مون کي ايتري توفيق ڪانهي جو ٿي
ڪجھہ پيدا ڪري کڻي وڃان."

پتيءَ جا ايترا لفظ ٻڌي سشيلا پاڙي ۾ وڃي ڪنهن ٻار مٺيون
چانورن جون ڀلي آئي ۽ ڪپڙي پراڻي ساڙهي ۾ ٻڌي ڏيئي ۽ ٻڌي سداما
کي ڏيندي چيو تہ "هي سوامي! اسان غريبن جي هيءَ لنئڙي

پرش سنساري سک سڀني سمان سمجهي رات ڏينهن ايشور جي
ڏيان ۽ سمرڻ ۾ رهندا هوا ۽ سواءِ ڪُهرڻ جي جيڪي وٽن هوندو
هو تنهن تي ئي راضي رهندا هوا.

هڪڙي ڀيري اهڙو اتفاق اچي بڻيو جو سداما، سندس استري ۽
ٻچن کي سڄا سارا ٻه ڏينهن ڪاڏي بنا گذري ويا. جڏهن
ٽئين ڏينهن بکن کان ويا ڪل ٿي ۽ ٻچڙن روئڻ لڳا، تڏهن سشيلا
سندس استريءَ کان ٻالڪن جو دک سٺو نه ويو ۽ هوءَ سداما کي
هٿ جوڙي چوڻ لڳي ته ”مهاراج! مون ٻڌو آهي ته شريڪرشڻ
اوهانجو متر ۽ گرڀائي آهي، هو برهمڻن
لڪشميءَ جو پتي ... ڌرڻ لاءِ ئي اوتار
جي رکشيا ڪرڻ ۽ ڀڳتن جي پيڙ
ورتو آهي. جي ائين سچ آهي ته ڀوءِ اوهين ڇو نٿا وٽس وڃو،
جنهنڪري اوهانجو دک دور ٿي وڃي. آءٌ پڪ سان چوان ٿي ته
هو اوهانکي گرهستي برهمڻ سمجهي ايترو ڏن ڏيندو جو وري ڪابه
سنساري اڇا نه رهندي.“ سداما چوڻ لڳو ته ”هي پياري! تنهنجو
عقل خبر نه آهي ته اڄ ڪيڏانهن ويو آهي. جڏهن هيترو وقت
منهنجي حياتيءَ جو سک سان گذري ويو، تڏهن باقي سمو به ايشور
جي ڪرپا سان گذري ويندو. جيڪڏهن هن وقت لالچ ڪري
اوڏانهن وڃان ۽ هو جي وات تي پڌايي ڪري ڏکويا ته هو آچير ۽
ڏڪ گڏ پڇي پونہ، ته ماڻهو ائين چوندا ته سداما لالچ ۾ ڦاسي پيريءَ
۾ پٽ وڃائي.“ سشيلا جواب ڏنو ته ”هي پراڻناٿ! مان اوهانکي
لالچ ڪري اوڏانهن ڪانه ٿي موڪليان پر مون ٻڌو آهي ته مهاتمائن
۽ ست پرشن جي درشن ڪرڻ ڪري سڀ دک دور ٿي ويندا
آهن ۽ سک جي پراپتي ٿيندي آهي. وري شريڪرشڻ وٽ، جو
ترلوڪي ناٿ آهي ۽ برهمڻن تي سندس ڏاڍي ڪرپا آهي، وڃڻ

۽ ٻڌائڻ جا پرسمجهڻ گهرجن. جو مشهوري جي مندر ۾ ديوتائن جي استانن تي يا سادن براهمڻن اڳيان نه لمبو سو بدن تي پوءِ جو سمجهڻ گهرجي. جن اکين شيام سندر جو درشن ظاهري طرح يا ڏيان ۾ نه ڪيو سي اکيون مور پکر برابر آهن. جو گرهستي ونڪت ناٿ جو پوڄا وڪي پنهنجي ورڻ آشرم موجب ڌرم ڪرم ڪري تو ٿنهنکي پوکي، سنياسي ۽ پرم هنس ڪان به اتم سمجهڻ گهرجي. اللاء واجب آهي ته سڀو جنم مري ٻيٺن ۽ ست سنگ ۾ پورو ڪرڻ گهرجي. هي شڪديو جي مهاراج! اوهان تي پڪوان جي خاص ڪرپا آهي، تنهنڪري پاليان ٿو ته موٽکي اهان به وڏيڪ هريءَ جا چريتر ٻڌايو." شري شڪديو جي چوڻ لڳو ته "هي راجا! تون ڏليه آهين جو هريءَ ڪٿا ٻڌڻ ۾ ايتري پريت رکين ٿو. هاڻي مان توکي سداما ڀڳت جي ڪٿا ٻڌايان ٿو جنهنجي ڏاڍا ۾ (ڪنگالپڻو) شري ڪرشڻ ڇڏائي هئي ۽ اُنکي ڪبير ديوتا جيترو ڌن ۽ راجا اندر جهڙو وڏيرو (سکر) ڏنو هو."

دراوڙ ديش ۾ هڪڙو شهر هو جنهن جو راجا ۽ پرجا ٻئي پنهنجي ڌرم ڪرم تي رهي براهمڻن ۽ ست پرشن جي سيوا ڪندا هوا. اُن شهر ۾ سداما نالي هڪڙو ويد شاستر پڙهيل براهمڻ به رهندو هو. اهو سداما شري ڪرشڻ سان گڏ هڪڙي ئي گرو وٽ وديا پڙهيو هو. اهو براهمڻ اهڙي غريبيءَ ۾ پنهنجو جنم گذاريندو هو جو ڪيس ٻت ڍڪڻ لاءِ به ڪو ڪپڙو ڪونه هوندو هو ۽ نه ته ورچي پيٽ ڀرڻ لاءِ ئي ڪو پورو پورهيو ملندو هوس. ڪڏهن ڪڏهن ته اصل بکيو رهندو هو. ايتري هوندي به منجهو من سدا خوش رهندو هو. سشيلا اُن جي استري ڪاڏي ۽ ڪهڙي نه ماڻڻ تي به پرپرسان سندس سيوا ڪندي هئي. اهڙي طرح اهي ٻئي استري

اچا ايشور اما بلرام ته من بلرام سمجهيا، ته دو ته ٻر تي سمجهائڻ هيٺري
ڪٽي مان ڪٽي."
سمجهي ڪارداري بلرام جاڙي اچا اما جي ڀڳوان تي سمجهائڻ جي شريڪرشڻ
ڪئي وٽي يادون ڪيترن بين ؛ استري پنهنجي آتان ؛ آيو موتي
تيرٿ جو ، پاپ جو برهمڻهتيا ته ويو لاءِ انهي ڪيتر ۽ نيم شاڪتيه
سنڪادڪ اچان. ڏيکاري ڪي رشين سو ويو چڏي سان ڪرڻ سنان
ته لکيا هوڻ ڏيئي آشيرواد ڪيس ؛ ٿيا خوش ڏسي ڪي بلرام رشي
موڪلائي کان انهن پوءِ "ويئي. لهي هيٺر برهمڻهتيا تنهنجي بيشڪ "
آيو. موتي ڏي دوارڪا ڪري ڪرم شپ ڪيترا ؛ بيا دان سنان
مهاراج ! هي " ته لکيو هوڻ پريکيت راجا چڏي ڪيا ايتري
مولکي چڏي ڪتاڻون ؛ ايائون ديتريون ته دوندا سمجهندا اوهين
ڪيا دوي من منهنجو اچان ته پڙهو سڀ ٻر ، دوندو تيو سنتوش
منهنجا ملي. ٿو لئو کانسواءِ پاڪ سنگ ست جو ؛ هو آهي نه ڏانو مان ٻڌڻ
جي پهاڙي جو ٿيا سجاءِ سان مون اهي پيچ کي جا جنم اکوڙي ته
آهي سڀ ڏيهه. درشن جا اوهان تي ڪناري جي ڪنگاجي وقت
اُتي ملي ٿو سنگ ست ؛ ٿئي تي ڪيا جي پرميشور هنڌ جنهن ته
ڪهندو ڏينهن رات ڏسو نارد مني ٿا. اچن کان سرڳ ڏيوتائون
سنگ ست دت سوبه ، اچيس ته ڪو ٽڪاڻو هنڌ ڪري ڪنهن ؛ رهيٿو
پنهنجي پترن منهنجي ته ڏو سمجهان ۽ آ . آهي رهيو ٽڪي اچي ۽
ته ته جي ٻر ، دوندو پاڻ استان ڇڪو ۽ وڪنٺ موجب ڪرمن
آهي ٻڌو کان دولد مکاو جي توهان پاڪوت شريمد جي جيڪو مون
ڪي دولد تي ڪئي ست ضرور جي پترن منهنجي سان پرتاپ تنهنجي
سمجهائڻ هيوان تنهنڪي ٽڪو نه هالو جو پرميشور واتان جي آدمي جنهن
ڏانگ سي ٻڌن ٿا ڪيا ؛ شتوتي جي ڀڳوان ڪن جيڪي . جي ڪبر

ڏسي سمجهيو ويو ته ٻيڪ زبردست آهي ۽ پنهنجي مايا سان ڪم
ني ويو. پوءِ ٻالڪ روپ ۾ مل موتر جهڙي ڪنهن شيءِ وسائڻ لڳو.
ٻلرام پنهنجي هل جي نوڪ سان اُن ٻالڪ کي ڪڍي زمين تي
ٻچا ريو ۽ پوءِ موسل اهڙي ته زور سان ڄاتيءَ ۾ تنهيائيندس، جو
اُنجو پراڻ نڪري ويو، اهو ڏسي سڀئي رشي ڏاڍا پرسن ٿيا ۽
ٻلرام کي آشيرواد ڏيئي کيس ڦلن جو هار گلي ۾ وڌائون، جنهنجا
گل اهڙا ته هوا جي ڪڏهن به نه ڪومائجن. هيڏانهن وري
ديوتائون ڦل وسائي خوشي ڪرڻ لڳا.

جڏهين رشين دئيت جي مارڻ ۽ وڃڻ ڪري بيخوف ٿي
ٻلرام کي موڪل ڏني، تڏهن ٻلرام ڪيترن ئي تيرٿن ۾ وڃي
سنان ۽ دان ڪيو. برابر هڪ سال پرٿوي پرڪرما ڪري هردوار
۾ آيو، جتي اچي ٻڌائين ته پانڊون ۽ ڪورون جي رات ڏينهن ڏاڍي
ٻڌ لڳي پيئي آهي. اهو حال ٻڌي ٻلرام ڪروڪيتر ڏانهن هليو ۽
جنهن وقت دريوڌن ۽ ڀيمرسين پاڻ ۾ وڙهي رهيا هوا اُنوقت هي
ٻه اتي اچي پهتو. ٻلرام کي ڏسي يڌشٽر ۽ ٻين سڀني پانڊون
۽ راجا دريوڌن ڏنڊوت ڪئي ۽ ٻلرام اُنهن سڀني کي آشيرواد
ڏيئي چيو ته ”ڏک جي ڳالهه آهي جو شيام سندر جي هٿن تي ٻه
اوداڻ پاڻون ٻاڻ ۾ هن قسم جي يڌ ڪري پنهنجن پاڻن ۾ ٻين
لکن ماڻهن جو نقصان ڪيو هيٺئر ڀيمرسين ۽ دريوڌن کي لوندو
ڏسي رهيو آهيان، منهنجي نظر ۾ ته ٻنهي ڄڻن جهڙا شورويرآهن،
تفاوت فقط هي ۽ آهي جو ڀيمرسين جا وڙهڻ وقت پراڻ نٿا ٿيندن
۽ دريوڌن وري ترار يڌ چڱي ڄاڻندو آهي.“ ٻلرام ٻنهي کي
گهڻوئي سمجهايو، پر جو ٻنهي هٿ جوڙي کيس چوڻ لڳا ته ”مهاراج!
جنگ جو تي ڏکي مات ڪري ورڻ اساڪان ٻه ڪونه ٿيندو.“ جڏهين

شين جي چوڻ تي بلرام جو اُگرشروا کي گادي تي وهارڻ

...شين جي چوڻ تي بلرام جو اُگرشروا کي گادي تي وهارڻ

...ڪو پرائشچت پڌايوم، جنهنڪري منهنجو شرير شڌ ٿئي؛ هن
...ڪو پرائشچت پڌايوم ته پڌايوم ته اُنکي وياس گدي تي وهارجي."
...سوت جو ڪوپت هجي ته پڌايوم ته اُنکي وياس گدي تي وهارجي." اُتي سنان ڪرڻ
...رشين تڏهن ڪيس رکو تيرٿ ياترا تي وڃي اُتي سنان ڪرڻ
...سان پاپ لهندو. اِها صلاح ڏني؛ پوءِ اُگرشروا نالي روم هرشڻ جي
...پٽ کي اُتي گهرائي وياس گدي تي وهاريو، هي وڏوان ڏنو ته
"توکي بنا پڙهئي سڀ وديا ياد ٿي پوي." اِها ايترو بلرام جي
...مکه مان نڪتو ئي مس ته اُگرشروا کي ڇهن شاستر ارڙهن پراڻ
ياد اچي ويا، ايتري قدر جو هو وياس گدي تي ويهي ڪٿا واچڻ
لڳو. بلرام جي اِها مهما ڏسي سڀئي رشي خوش ٿي چوڻ لڳا
ته "مهاراج! اوهانجي ديا سان سوت جي مرڻ جو ويچار ته
...چڏي ويو، پر بلوَل نالي دئيت باندر روپ ڌاري اُماس،
پورڻماسي؛ پارس جي ڏينهن اچي اسانجي يگيه؛ هوم هون ۾ ڳند
اُڇلائيندو آهي، جنهنڪري اسين ڏاڍا ڏکي ٿا گذاريون. اوهين
جيڪڏهين ڪرپا ڪري اِن باندر جو انت آڻيو ته جيڪري بي خوف
ٿي يگيه ڪندا رهون." بلرام تڏهن ڪين ڏيرج ڏيئي چيو ته "اوهين ڪنهن
ڳالهه جو فڪر نه ڪريو آءٌ اوهانکي انهيءَ کان ضرور ڇڏائيندس."
ڪن رشين جي چوڻ موجب بلرام ڪيترا ڏينهن نيم نشار ڪيه ۾ رهي
پيو پورڻماسيءَ جي ڏينهن جڏهن ڏاڍي اوندهه تي ويئي؛ ڪني
پاڻيءَ جو مينهن وسڻ لڳو، تڏهن رشي بلرام کي اهي سڀ باندر
جي اچڻ جا سانباها پڌائڻ لڳا بلرام تڏهن پنهنجا هل؛ موسل
هٿيار تيار ڪيا. ايتري ۾ هو دئيت به باندر روپ ڌاري اُماس
جيڙو ڪارو، جبل جيڏو ڏگهو، وڏن ڏندن؛ خوفناڪ شڪل
سان ترشول هٿ ۾ کڻي گجندو اُتي اچي پهتو، جنهنکي ڏسي
بلرام پنهنجي هٿيارن سان مٿس اُلر ڪئي. دئيت بلرام کي

نه مڃي. هي رشيو ڏسو وڃنا ته هي وديا پڙهڻ ۾ بي برهمڻ شاستر
موجب هلت نٿو ڪري. ايمان جي نشي ۾ الٽو ٿي رهيو آهي ۽
ٻئي وڏائي جي ڪا سڌ ڪان ٿو رکي. منهنجو جنم خاص
اڳ رميءَ جي مارڻ واسطي ٿيو آهي، انڪري منهنجي روبرو جيڪو
بد هلت هليو تنهنجو ابراڌ ڪيئن نٿو ڪري سگهان." ايترو چئي
بلرام منتر پڙهي ڪڪر ويرهرشڻ ڏانهن اڇليو. جنهنجي
لڳڻ سان اُنجو سر وڍجي ڪري پيو. اهو ڏسي سڀڪا رشي
بلرام کي چوڻ لڳو ته "مهاراج! هي سوت هريءَ جا چريتر پڙهائي ٻاڻ
کي ٻوڌي پڙهندڙن کي ڪرتارٿ ڪندو. ڪڪر اهو پيو ڪن
کي وياس گديءَ تي ويٺي جو اوهان مارڻ سو چڱو نه ڪيو. اسان
کي خبر آهي ته اوهان پنهنجي اڳيان سان اوتار ورتو آهي ۽ هي سوت
برهمڻ ۽ کتري مان پيدا ٿيل اسانجي آڳيان سان وياس گديءَ
تي ويٺو هو، تنهنڪري جو اوهان مارڻ انڪري اوهانکي برهم هتيا جو
پاپ لڳو ۽ جلدي اوهانکي اُنجو پرائشچت ڪرڻ گهرجي.
جيڪڏهن اوهين ان ڳالهه جو ڪو ويچار نه ڪندا ته آئينده پيو
ڪو به برهم هتيا جي پاپ کان نه ڊڄندو. خدا ڀڳوان به برهمڻن کي
تمام آدر ڏيکيو آهي. ڏسو جڏهن شيام سندر توهانجي ڇاتيءَ ۾ لات
کي برگو رشيءَ بيگناهه لت هڻي هئي، تڏهن ڀڳوان رشيءَ جو پير
جهلي پنهنجي هٿ سان مهٽيو هو ۽ پڇيو هو ته منهنجي سخت
هردي هي ڪري توهانجي ڪومل چرڻ کي ته ڪو ايذاءُ ڪو نه
پهتو. انڪري برهمڻ جي پدوي وڏي سمجهڻ گهرجي."

رشين جو اهو چوڻ بلرام کي سمجهه ۾ آيو ۽ چوڻ لڳو ته
"مهاراج! اوهين سچ ٿا چئو. افسوس! مون کان برابر چوڪ
ٿي ويئي جو ڪروڌ جي وس ٿي برهمڻ کي ماريم. هاڻي اوهو

ايتري ڪٿا ٻڌائي شري شڪديو جي چوڻ لڳو تہ ”هي راجا پريڪيت!
جڏهن ڪن ڏينهن ڪان پوءِ پانڊون ۽ ڪورون جي
وچ مها ڀارت جي لڙائي جون تياريون ٿيون، تڏهن شيام سندر
راجا اُگرسين ۽ بلرام کي اُن بابت ٻڌائي صلاح پڇڻ لڳو تہ ”موکي
هن يڌ ۾ ڇا ڪرڻ گهرجي؟“ اها ڳالهہ ٻڌي بلرام ويچار ڪيو تہ
شيام سندر پانڊون جي اِڇا پوري ڪرڻ واسطي هي مها يڌ ڪرائڻ
چاهي ٿو، تنهنڪري جيڪڏهن مان حاضر رهي دريوڌن پنهنجي
شش جي سهائتا ڪندس تہ شيام سندر کي اها ڳالهہ نہ وڻندي ۽
جي شيام سندر جي حڪم ۾ رهندس تہ دريوڌن کي مٺيان لڳندي
تنهنڪري بهتر ٿيندو جو تيرٿ ياترا تي نڪري پوءِ وڻندڪ ناٿ
جي جهڙي مرضي هوندي تئن ٿيندو. اهڙو خيال ڪري
شري ڪرشڻ کي وينتي ڪيائين تہ ”مهاراج! اوهين بيشڪ هستناپور
وڃي جهڙو واجب سمجهو تئن ڪريو، پر مونکي جيڪڏهن ياترا
ڪرڻ لاءِ موڪل ڏيو تہ اُتان ٿيندو پوءِ اچي اوهانوٽ پهچندس.“
شري ڪرشڻ جي مرضي مها ڀارت يڌ ڪرائڻ جي هئي تنهنڪري
بلرام کي نہ روڪيائين. بلرام شري ڪرشڻ جي آگيا پائي ڪيترن
تيرٿن جو رٿن ڪندو نيمشارڻيہ ڪيتر ۾ اچي پهتو. اُتي ڇا ڏسي
تہ هڪڙي پاسي رشي ۽ مني گڏ ٿي يگيہ ويٺا ڪن تہ ٻئي پاسي
ويد وياس جو چيلو روم هرشڻ سنگاسڻ تي ويٺو سنڪادڪ رشين
کي ڪٿا ٻڌائي. بلرام کي ايندو ڏسي سنڪادڪ رشي ڪيس
آجيان ڪرڻ لاءِ اُٿي بيٺا، پر روم هرشڻ پنهنجي وديا جي ايمان
ڪري نہ اُٿيو. بلرام کي انهيءَ تان مٺيان لڳي ۽ چوڻ لڳو تہ
هن شودر کي ڪنهن وياس گدي ڏني آهي؟ هي ڪٿا واچڻ
واسطي اڌرو پڪيت ۽ گياني هجي جنهنکي لوڀ يا اهنڪار تہ اصلي

جيترو بهي ڪير وڃي سو مشڪل آهي." اهڙيءَ طرح چوڻ بعد ڪيترين گهڙين ڪري دنت وڪر پنهنجي ترار شريڪرشن تي هڻي، پر دئيت سنگهارڻ پنهنجي ترار سان هنجي ترار کي ڪيرائي ڇڏيو ته "اي دنت وڪر! تو منجهه جيڪو زور هو سو ته تو ترار هڻي خالي ڪيو. هاڻي خبردار ٿي ويهه جو منهنجو وارو ٿو اچي." ائين چئي دوارڪاناٿ پنهنجي ترار اهڙي ته زور سان هنئين جو دنت وڪر جي ڇاتيءَ ۾ وڃي لڳي ۽ هو مري ويو. انهيءَ ڏرمان جوت نڪري شيام سندر جي مک ۾ سمائجي ويئي.

جڏهن اهو حال ڏسي بدورٿ پنهنجي ترار کڻي شريڪرشن جي سامهون آيو، تڏهن دوارڪاناٿ انجو به سرسدرشن چڪر سان پرٽوي تي ڪيرائي ورتو. اهڙيءَ ريت ٻنهي ڀائرن کي مرندو ڏسي انجي فوج ڀڄي ڀڄ لڳي. ديوتائون ڏاڍا پرسن ٿيا، رشي مني ستوتي ڪري چوڻ لڳا ته "هي ديناناٿ! اوهانجي ليلا اپرم پار آهي. اوهانجي دربار جي وڃي سنڪادڪ رشين جي سراپ [illegible] ڪري جڳ ۾ جنم ورتا ۽ انهن جنمن ۾ دشمني [illegible] ۽ سمرڻ ڪيو ۽ توهان انهنجي اڌار واسطي [illegible] پنهنجي هٿن سان ڪين ماري وري به [illegible] ۽ پڪنڻ هنڪاري اوهان ڪانسواءِ ٻيو [illegible] ڪري شريڪرشن کي ڏنڊوت [illegible] ٻانڌون سميت دوارڪا پري [illegible] سندو اچي پهتو ۽ شالو ۽ ٻين [illegible] کي ڏٺائون. شيام [illegible] ڏٺي ۽ اها پرتگيا [illegible]

شالو جو گهڻي يڌ بعد شريڪرشڻ هٿان مرڻ

شريڪرشڻ! هاڻي ڏٺئي جڏهن پڻهين کي ماريم، تڏهن هنن سڀني يادون کي به ماري سمنڊ ۾ اُڇلائيندس."

شيامسندر اُن مهل ڌيان ڌري ڏٺو ته معلوم ٿيس ته هو مايا روپي وسديو هو جنهنجو شالو سر وڍيو هو. پوءِ ته پنهنجو پانچجنيه شنک وڄائي پنهنجو رٿ شالو جي پٺيان ڊوڙائي ترار سان سندس وهان ٽڪرا ٽڪرا ڪري سمنڊ ۾ ڪيرائي وڌو. اُن مهل شالو وهان ڏان ٽٻي پنهنجي ترار شيامسندر تي هلائي ۽ ڳچ دير تائين اها يڌ هلندي رهي. جڏهن شالو جو مرتيو ويجهو اچي پهتو، تڏهن برندابن بهاريءَ سدرشن چڪر سان شالو جو سر وڍي ورتو. ديوتائن راجا شالو کي مرندو ڏسي خوشيءَ وچون "جيءِ جيءِ ڪار" شبد ڪيا ۽ شريڪرشڻ تي گُل وسايا.

جنهن ڏينهن کان راجا ششپال يڌشٽر جي يگيه ۾ ماريو ويو، تنهن ڏينهن کان دنت وڪر ۽ بدورٿ ششپال جا ڀائر شريڪرشڻ کان بدلي وٺڻ جو ويچار ڪندا رهيا. هنن جڏهن ٻڌو ته راجا شالو اسانجي ڀاءُ جو مترهن وقت شريڪرشڻ سان وڙهي رهيو آهي، تڏهن هو ٻئي گهڻي فوج وٺي دوارڪا تي چڙهي ڪري آيا. ششپال کي مارڻ کان پوءِ شيامسندر اڃا دوارڪا پريءَ ڪونه ويو هو، اُنوقت دنت وڪر ۽ بدورٿ ٻنهي ڀائرن اچي اُتي گهيرو ڪيو. جنگ ڏسي سڀ يادو ڀڄي ويا. دنت وڪر شيامسندر جي سامهون اچي چوڻ لڳو ته "تو منهنجي ڀاءُ کي ماريو آهي، ان لاءِ توکي اڄ يادون سميت يمپوريءَ موڪلي بدلو وٺندس. هاڻي ڀلي تون پنهنجو هٿيار مون تي هلاءِ جنهنڪري توکي اها اڇا رهجي نه وڃي ته مون دنت وڪر تي هٿيار نه هلايو. جيستوڻيڪ تو وڏا وڏا شوروير ماريا آهن، پر تڏهن به تون اڄ منهنجي هٿان

مارجي ويو تنهن تون ٻه ٽڪرا ڪري ٨ اڳاڻي ويندين.“ ايترو
چئي شيامسندر پنهنجي ترار شالو جي سر تي هڻي جنهن ڪري هن
جي وات مان خون وهڻ لڳو ۽ سارو بدن ڏڪڻ لڳس. جيتوڻيڪ
انهن ته ڏيو پر هو پنهنجي مايا ڪري ڪم تي ويو ۽ ٻاهر وسائل
لڳو. پيون انجي اها مايا ڪرڪري ڇڏي ۽ ڪيس وهان سوڏو
پرتوي تي ڪيرائي ڇڏيو. ايتري منتر جي ٻل سان شالو هاڻي
قاصد بنائي هنهن متو متي سان پريل، پڪهر واڻيندو شيامسندر
وٽ اچي روئي چوڻ لڳو ته ”تنهنجي ماتا ديوڪي موڪلي موڪليو
آهي ته راجا شالو، وسديو تنهنجي پتا کي پڪڙي ويو آهي ۽ تون
جلدي اچي انجو بدلو وٺ.“ شيامسندر ٿورو وقت تنهن ٨
پنهنجي ويچار ڪيو ته بلرام جي هوندي راجا شالو جي مجال ڪانهي
جو وسديو کي پڪڙي وڃي. ايتري راجا شالو جڙتو وسديو ڏاڍي
اڳڪي جونئي ڪان جهلي شريڪرشڻ جي سامهون وٺي آيو ۽ مايا روپي
وسديو ٿڪي ۽ روئي شيامسندر کي چوڻ لڳو ته ”هي پترا مان
ته تو کي ساري سنسار جو پيدا ڪندڙ، پالنا ڪندڙ ۽ رکيا ڪندڙ
جاڻندو آهيان، پر اڄ هي راجا شالو موکي تنهنجي اڳيان اڻي
مهنجو سر ڪپڻ ٿو چاهي جنهن کان جلد ڇڏائيندو. اما ڏاڍي شرم
جهڙي ڳالهه چئي جو تو جهڙي پراڪرمي پٽ هوندي آءٌ هيترو ڪرهايان.“
جنهن وقت مايا روپي وسديو ان طرح ورلاپ ڪري رهيو
هو، انوقت شالو للڪاري چوڻ لڳو ته ”هي شريڪرشڻ! ڏس
مان تنهنجي روبرو وسديو کي جهلي آيو آهيان ۽ هاڻي اڳڪي ماريان ٿو
تو کي جيڪڏهن ڪا طاقت آهي ته جلدي اچي ڇڏائينس.“ ايترو
چئي راجا شالو هن مايا روپي وسديو جو سر ترار سان وڍي پالي جي
ٽڪر تي ڪٽي ڇاڙهيو ۽ سڀني ماڻهن کي ڏيکاري چوڻ لڳو ته ”هي

جو شريڪرشن کي ٻاهر ڪڍڻ ۽ ايمان ۾ پڪي ڪرت وڌ

اٿيو، جنهن ڪري سمجهان ٿو ته ششپال جا مددگار دوارڪا پري

وڃي يادون کي ماري ناس ڪرڻ گهرن ٿا. انلاءِ آگيا ڏيو

آئي وڃي انهن جي رکيا ڪجي." راجا يڌشٽر سندس ادا ڳالهه

سان جنهنتي شيام ٻلرام دوارڪا ڏي روانا ٿيا. شهر پهچڻ

ڪان هو ٽي نڪرندي ۽ سامهون ڪٽي کي ونڊو

شرط ڪبي پاسي ڪان هو ٽي نڪرندي ۽ سامهون دوارڪا پري

ادي پهتي اپسگڻ ڏسي شريڪرشن سمجهي ويو ته دوارڪا

تي ضرور ڪا آفت آئي ٿي ڏسجي. ٻلرام کي دوارڪا

شيام سندر راجا شالو جي ڏڏ جي خبر پڙي ٻلرام کي ادڙا ٻاهر

ڏي موڪلي ٻاهر جلدي لڙائي جي ميدان ۾ آيو، جتي ادڙا ٻاهر

شالو جي ومان کي هنيا، جو هو ڪنير جي چڪ وانگر ڦرڻ لڳو.

راجا شالو ڌچي ويو، ۾ ٻڙ ڦرڻي ڪري ٽڪرا ٽڪرا ٿي ڪري پيس.

شيام سندر جي ڪبي هٿ ۾ هنيا، جو ڍڪد ۾ ڏنش ڪري پيس.

اهو حال ڏسي يادو ۽ جي ويا ۽ اداس ٿيڻ لڳا. راجا شالو پنهنجي

اگيانتا ڪري پنهنجي جيت سمجهي ڏاڍي ايمان ۾ پڙهي چوڻ لڳو

ته "اڙي ڪرشڻ اتون اهو آهين نه جو ڪرشڻ کي جنهنجو سگهو ششپال سان

تيو هو، زبردستي کڻي ويئين ۽ يڌشٽر جي يگيه ۾ ششپال کي ماري ڇڏيئي.

داڻي جي پنهنجو پلو چاهين ته جلدي ٻاچي پاسو ڪر نه ته مان اڄ

توکان پنهنجي ان مائٽ جو بدلو ضرور وٺندس، پوءِ مسڪرائي شنڪاسر

۽ پڻ ڏيئين جي ۽ موٽي نه سمجهج، جنگي پڻ ڪپت ڪري

ماريئي." ايترو چئي شيام سندر چوڻ لڳس، ته "هي شالو! شورويرن

پنهنجي وڏائي ٻاهر ته ڪونه ڪندا آهن. پنهنجي وڏائي ٻاهر

ڪندڙ کي ڪو مان ڪونه ٿو ملي. داڻي جيڪڏهين تون ڪو

ٻل آهي ته نڪري نروار ٿي. سچ آهي جنهنجو موت ويجهو اوندو

تنهنکي ٻلي ٻوي جي سمجهه ڪانه ٿي پوي. جڏهن ته ششپال

سارٿيءَ کي ڪهڙي نه وقت لڙائيءَ جي ميدان مان ڪڍي تمام
پري وڃي بيهاري، پر جڏهن ڪلاڪ ٽيئي پوءِ به
ڪنهن به اچي سڄاڻا ڪري. تنهن ڪري جڏهن اوهين بيهوش
ٿي پيا هوا، تڏهن ٿي اوهانجو رٿ هٽ ڪڍي آڻي بيهاريو. الڳ.
هي ڪرپالو! ڪلاڪ ۽ ڪتي منهنجو رٿ نه ٿي رهي وڃي ها
پاڪو ڪيڏو پيو هو ۽ پرس ها يا ڪا رسي وغيره ٽٽي پوي ها ته منهنجو
ڪهڙو ليکو هو، پر ٺوبيت ڪرڻ ڪري آءٌ بي ميار آهيان. خير!
هاڻي اوهين هوش ۾ آيا آهيو، تنهن ڪري ورڻ هلي يڌ ڪريو."
پرديومن ورڻ لڳو ته "هي سارٿي! تو بيشڪ پنهنجي ڪرتي جي
ڪري موجب ائين ڪيو، پر منهنجي ته ڏاڍي گلا ٿي نه؟ هاڻي قسم
ڪرڻ ته اها ڳالهه ڪنهن کي به نه ٻڌائيندين".

ياڌو پرديومن کي بيهوش ڏسي اداس ٿي ويا هوا سي ڏسڻ سان
سندس رٿ ايندو ڏسي اوڏا خوش ٿيا جڻ مرده ۾ ساه آيو
وڃي. پرديومن ايندي شرا سيٺي کي ڏيري ڏيئي پنهنجي
سارٿيءَ کي چيو ته "جلدي جتي ديومان (وزير) بيٺو آهي اتي موڪلي
ولي هل." اتي پهچي پرديومن للڪاري جواب ڏنس ته "اڙي!
ياڌون کي بيگناهه جو ٿو مارين؟ تون ڪا مڙسي ڏيکاري ته مون سان
اچي وڙهه." بس! پوءِ ته ٻنهي ۾ جنگ لڳي پيا ۽ پرديومن تڙتي
ڪري جلدي ڪيس پنهنجي رٿ مان ڪڍي ڏنو. ٻئي پاسي سامب
راجا شالوءَ جي لشڪر کي ماري ڀڄائڻ لڳو. هي راجا پريکيت!
جنهن وقت اها يڌ ٿي رهي هئي اوقت شريڪرشڻ اندرپرست ۾
سهڻو ڏٺو ته دوارڪاپوريءَ کي ڪنهن باهه ڏيئي سڙائي، ۽ پوڙهي
ٻڍڙو آهي ۽ ياڌو رڻ ڀومي ۾ مٿا پيا آهن. اهڙو سهڻو ڏسي شري
ڪرشڻ بدشٽر کي ٻڌائڻ لڳو ته "مهاراج! رات ڏٺو ٻچڙو سهڻو

پرديومن جو سارٿيءَ تي ڪاوڙجڻ ۽ هنجو ڪيس سمجهاڻي

پوءِ هڪڙي ٻاڻ سان
اُڇليو جنهنڪري ڏاڍو سو جهڙو ٿي پيو. ۽ ٻئي سان سارٿيءَ کي ماري
ڏچا پاڇي چڙدي، ۽ ٻئي سان ٿي گهوڙن کي ماري زمين تي ڪيرايائين
شالو جي رٿ جي ٿي سان گهوڙن کي ماري زمين تي ڪيرايائين
هيٺ ڪيرايائين، ٽئي سان گهوڙن کي گهايل ڪري وڌائين.
۽ پوءِ شالو جي ڪيترن شورويرن کي
پرديومن جي اهڙي بهادري ڏسي راجا شالو جي ويو ۽ ٻاڻ ۾ وڙهڻ
جي سامرٿي نہ ڏسي مايا ڪري ڪڏهن وڏو روپ ڌاري تہ
ڪڏهن ننڍڙو روپ ٿي آڪاش مان پٿر اُڇلائڻ لڳو. هاڻي
هڪڙي پاسي راجا شالو پنهنجي يڌ سان يادون کي دکي ڪري
رهيو هو تہ ٻئي پاسي ڪان سندس وزير پرديومن تي ٻاڻ هلائي رهيو
هو. پرديومن پنهنجي ٻاڻ سان اُن وزير کي بيهوش ڪري وڌو،
پر جڏهن هوش ۾ آيو، تڏهن ڪاوڙ ۾ ڀرجي هڪڙي گدا اهڙي
تہ زور سان پرديومن جي سر ۾ هنيائين جو هو رٿ ۾ ڪري
پيو. پرديومن کي بيهوش ٿيندو ڏسي سارٿي لڙائي جي ميدان
مان اهو رٿ ڪڍي ٻاهر هليو ويو. ٿوري دير کان پوءِ جڏهن
پرديومن هوش ۾ آيو، تڏهن پنهنجو رٿ لڙائيءَ جي ميدان ۾ نہ
ڏسي سارٿيءَ تي ڏاڍو ڪاوڙيو ۽ چوڻ لڳس تہ " تو مون تي ڪلنڪ
لڳايو ۽ هاڻي مان شيام سندر ۽ ٻلرام کي ڪهڙو منهن ڏيکاريندس
سڀ يادو مون تي کلندا ۽ مونکي ڪائر ڪوٺيندا. رڪمڻي ماتا
مون جهڙي پٽ ڪري دکي ٿيندي جو مون پنهنجي پتا جو نالو ڪلنڪ
ڪرڻ ڪري گهٽايو. مطلب تہ ساري جڳت ۾ تو منهنجي ڪالڪ لائي."
سارٿي پرديومن جي واتان اهي وچن ٻڌي هٿ ٻڌي ونتي
ڪري نمرتا سان چوڻ لڳو تہ " هي ديندي ديال! اوهان کان
لڙائيءَ جو احوال ڪجهہ ڪونهي. منهنجي ڪروءِ ائين ٻڌايو
هو تہ جڏهين يڌ ڪرڻ مهل يڌ ڪندڙ بيهوش ٿي وڃي تہ اُنو ڪي

دريوڌن جو ڀيمسين جي آپمان ڪري ڪروڌ ڪرڻ سڪل هند کي پاڻي پيل سمجهي
آيا. جڏهن دريوڌن پلاڻجي سڪل هند سڪل زمين سمجهي
پنهنجي ڏوتي مٿي کشتين ٿي ۽ ٻئي هند سڪل ڪٽي، تڏهن رڪمڻي،
اُتان هلڻ ڪري ڪپڙن سوڌو پاڻي پيو ٿي، ڀيمسين ٻه ٽِڪ ڏيئي:
دروپدي ۽ ٻيون استريون کلڻ لڳيون ۽ وڌيڪ گيهه وجهڻ لڳو. راجا يڌشٽر
دريوڌن جي حسد جي باهه ۾ وڌيڪ ڪئي، پر تڏهن ٻه ڀيمسين
ڀيمسين کي ائين ڪرڻ کان منع ڪئي، پر ان مهل ڏاڍو لڄي ٿي پنهنجي
جي کل بند نه ٿي. دريوڌن کان ڏاڍو لڄي ٿي پنهنجي ڳالهين تا. ان
من ۾ پشيمان ٿيڻ لڳو ته هي موٽڪي مور ڪر سمجهي گهر ڏانهن
ڪري ڪاوڙجي وڌيڪ مڪان ڏسڻ ڪانسواءِ پنهنجي شيام سند ڏاڍا
روانو ٿيو. يڌشٽر کي اها ڳالهه نه وڻي پر ڀيمسين کي چوڻ لڳو
پرسن ٿيا. دريوڌن پنهنجي سيا ۾ اهي منترڻ ته ايمان ۾ پرجي ويو
ته ”ڏسو شري ڪرشن جو ٻل پائي يڌشٽر اهڙو ته پيمسين موٽي کلڻ لڳو
آهي جو اڄ آءُ سندن سيا ڏسڻ ويس ته انهن کان اهو بدلو نه
۽ منهنجو اپمان ڪيو. هاڻي آءُ پر جيستائين هي راجا پريکيت!
وٺان تيستائين پاڻڪي دريوڌن نه سڏايان.“ اتيئي. اُن ڏينهن
دريوڌن جي دشمني وڌڻ جو اوئي سبب ڪيا، ڪين جوا ڪرائي تيرهن
ڪان وٺي دريوڌن پانڊون جا برا حال ڪيا، ڪتاما پارت ۾ لکيل آهي.“
و رهيرهنو اس ڏنو. ان بابت و ستارسان ڪتاما پارت ۾ لکيل آهي!
شري شڪديوجي چوڻ لڳو ته ”هي راجا پريکيت! جنهن ڏينهن
ڪان راجا شالو ڪندن پور ۾ وڃي شيام ۽ بلرام ڪان هارائي پڄي
آيو هو، اُن ڏينهن ڪانوڻي هن اڃا پر ڏکيا ڪٿي هئي ته ”جيڪڏهن
مان يادون جو ڄ سنسار ۾ ثابت چڏيان ته پاڻ کي ڪيتري نه چوايان.“
راجا ششپال جي مرڻ جو ٻڌي شالو کي ڏپ ٿيو ته يادو ۽ ڏاڍا زبردست
ٿا ڏسجن سو اُنهن کي بنا ڪنهن ديوتا جي وردان پائڻ جي جيتڻ

ساڻن گڏجي سهنجي کي پاڻسان وٺي آويرت سنان لاءِ ڳنگاجي تي
ويو، جتي سڀ ڪيس واڪا ايون ڏيئي چوڻ لڳا ته ”مهاراجا وڏا
ڀاڳن وارا آهيو جو ڏاڍو ڪٺڻ يڳيه پورو ڪيو.“

ياد و جستناپور جي سڀيا ڏسي چوڻ لڳا ته ”هيل ڏاڍ اسان اڳين
پٽي سمجهيو ته دوارڪاپري جهڙو ٻيو سندر شهر سنسارڀر ڪونه
هوندو، پر هينئر سمجهيون ٿا ته هستناپور کان هو گهڻو گهٽ ٿو ويندو.“

جڏهن يڌشٽر سڀان بعد سڀني براهمڻن ڀڪارين کي دان ڏيئي
رخصت ڏني، تڏهن اهڙي سخاوت ڏسي هرڪو راجا يڌشٽر جي
ڪيرتي ڪرڻ لڳو، پر دريوڌن کي اها ڳالهه نه وڻي. باقي جو
سڀ راجائون يڌشٽر جي سامهون ڏنڊوت ڪرڻ لڳا، تڏهن ته
هيڪاري دريوڌن جي اندر ۾ حسد جي باهه ٻري پئي.

شيارسند ۾ پنهنجن ڀائرن کي ڪنهن ڏهرو پدي جي
سيوا ڪرڻ لاءِ چڱي طرح سمجهائي ڇڏيو هو. جڏهن يڌشٽر پنهنجي
محل ۾ آيو، جو مير دائو ڪيس لاءِ ڏنو هو، تڏهن اپسرائن ۽
گندرون ديولوڪ کان اچي اتي ناچ ڳائڻ شروع ڪيو. انوقت
راجا يڌشٽر جي اهڙي ته سڀيا معلوم ٿي جو ڄڻ اندر امراوتي ۾
اندر آسڻ تي ويٺو آهي. يڌشٽر جي ايتري قدر مهما ٿيندي
۾ هنگي ذرو ايمان نه ڪيو، پر هو انهن ئي سمجهڻ لڳو ته هي سڀ
پرتاپ شيارسند ۾ جو آهي. جنهن وقت راجا يڌشٽر پنهنجي راڄ
سڀا ۾ اپسرائن جي ناچ ڳائڻ ويٺي ڏٺو، اُن مهل دريوڌن ڏاڍي ايمان
ساڻ ڪيترا آدمي ساڻ وٺي اها مير دائو واري لاڌيل سڀا (محل)
ڏسڻ آيو. اُن سڀان جي اهڙي ته رچنا ڪيل هئي جو هنڌ اهڙي
جڳائي ساڻ بلور جا حوض ٺهيل هوا جن ۾ پاڻي ڀريل ٿيو. معلوم
ٿيو. وري ڪٿي خشڪ پاڻي ساڻ ڀريل حوض جهڙي شڪل ٺهي نظر

راجا يڌشٽر جي سنڌس پيءُ پائرن ... احوال هنريت آهي جو ارجن ۽ ڪنهن ۾ ڪرڪرٽ ۾ شرم نشي ڪيو.
آگيا خوشيءَ سان مڃي تہ ۽ ڪنهن ۾ لائقيءَ موجب سي
سيٺي کا لهين جو مالڪ شريڪرشن هو جنهن ڪي پوڄن ڪارائڻ جو ڪم
ڪم راجائن کي وراهي ڏنو هو. پيمسين کي سونپيل هو. خزانو
ڏنل هو ۽ پوڄن پرچڻ جو ڪم درشت ديمن کي ڪرڻ جو ڪم
وغيره راجا دريوڌن جي حوالي ڪيل هو ۽ خرچ ڪرڻ ارجن تي رکيل
ڪرڻ تي رکيو ويو هو. آيلن راجائن جو آدرپاءُ ڪرڻ ۽ براهمڻن
هوسپا ڪي سينگارڻ جوود رتي ڪم ڪيل هو. ديوتائن، رشين ۽ براهمڻن
جو سڌڪار ۽ سيوا ڪرڻ سهديو تي رکيل هو ۽ سامان گڏ ڪرڻ
جو ڪم نڪل تي رکيو ويو هو ۽ براهمڻن جا پير ڌوئڻ اهو ڪم
شريڪرشن پاڻ ڪرڻ قبول ڪيو. دروپديءَ رڪمڻيءَ ۽ ڀيڻ
آيلن جو سڌڪار ڏاڍي پريم سان ڪيو تي. اهڙيءَ طرح شريڪرشن
آگيا موجب راجا يڌشٽر يگيہ جو ڪم جن جن راجائن کي سونپي
جي ڏاڍي پريم سان پورو ڪيو تي. فقط دريوڌن ئي
ڏنو هو، تن سيٺي ڪپٽ ڪري رڇي جي هنڌ ڏهہ رپيا تي ڏنا، انلاءِ
ڪيو هو جنهن راجا يڌشٽر جي گالا تني. پر ڀڳوان جي
تہ رپيا خلاص تي وڃن ۽ راجا يڌشٽر جي تہ ڪين تي اُتلندو يڌشٽر
ڪرپا سان دريوڌن جي اِها منشا پوري تہ دريوڌن جي مٿر چڪر ريکا
ڪيرتي ۽ جس وڌڻ لڳو. سبب تہ دريوڌن جي جيڪڏهين هو ڏڪڙو رپيو خرچ
جي اهڙو تہ پريو هو جو سبب هو، جنهن
هٿ ڪري تہ ڏهہ رپيا پيا پيا اچن. اهوئي دريوڌن اُن چڪر ريکا
ڪري تہ ڏهہ رپيا پيا پيا اچن. پر دريوڌن اُن چڪر ريکا
انتريامي جنهن کي خزاني جو مالڪ ڪيو هو، پر راجا پريکشت! جڏهن يگيہ
جي مهما جي سڌ ڪانہ هئي. هي راجا يڌشٽر بيشمار
چگيءَ طرح ۽ ڏاڍي ناموس سان سماپت ٿيو، تڏهن يڌشٽر دروپديءَ
ڏان براهمڻن کي سنڌن اِڇا موجب ڏيڻي راضي ڪيو.

ايتري ڪٿا ٻڌي راجا پرڪيت چوڻ لڳو ته "هي مهاراج!
شريڪرشڻ شِشپال جي اهڙن ڪئو ر وچن چوڻ تي به ٻرڪ جي
ٻه ران ڪيس مڪتي ڇو ڏني؟ برابر ڪئو آن بد لفظن ٻڌڻ؛
ڪان پوءِ مارڻ جو ڪهڙو سبب هو؟" شڪديوجي ورائي ڏني ته "هي
راجا! اهو حال صورت آهي جو جيءَ ۽ وجيءَ سنڪادڪن جي سراپ ملڻ
ڪري ٽي دفعا سنسار ۾ جنم ورتو ۽ ٽيئي دفعا ڀڳوان سان دشمني
ڪري مڪتي پاتي. پهرئين دفعي اهي ٻئي (جيءَ و جيءَ) هرڻيهڪشپ
۽ هرڻاڪش ٿي ديوتائن کي ڏک ڏنائون، تڏهين نارائڻ وراھ ۽ نرسنگهه اوتار
وٺي انهن کي ماريو. ٻئي دفعي اهي راوڻ ۽ ڪنڀ ڪرڻ ٿي ڄڻيا
۽ براهمڻ کي ڏک ڏيڻ لڳا تڏهين ونڪٽ ناٿ شري رامچندر
جو اوتار وٺي انهن ٻنهي کي ماريو. ۽ ٽئين دفعي جنم ۾ شِشپال ۽
دنتوڪر ٿي شريڪرشڻ کي پنهنجو دشمن ڄاڻي ٻه رات ڏينهن انهن سان
دشمني ڪندا آيا، پر ڀڳوان کين سراپ جي مدت پوري ٿيڻ تي
دشمن سدرشن چڪر سان سر ڪاٽي مڪتي ڏني."

هي راجا پرڪيت! راجا يڌشٽر جو يگيه جڏهن تمام چڱي طرح
سان پورو ٿيو، تڏهن هن ڪوليلن راجائن کي سندن لياقت
سارو ڪپڙا ۽ وستر ڏيئي رخصت ڏني ۽ هر ڪو خوش ٿيندو يگيه جي سارادم
ڪندو اچي پنهنجي گهر پهتو. رکو ديوتائن کي راجا يڌشٽر جي اها
وڏائي نه وڻي ۽ هو حسد ۾ جلندو ۽ ڪروڌ ڪندو گهر ڏي موٽيو."

راجا پرڪيت ايتري ڪٿا ٻڌي پڇڻ لڳو ته "هي شڪديوجي
مهاراج! جڏهن سڀ راجائون اهڙي يگيه ڪري پرسن ٿيا هوا، اتي
دريوڌن جو ڪهڙي حالت ڪئي ۽ ان يگيه جو ڪر ڪٿن جو ڪهڙن
کي ماليو هو؟" شڪديوجي ورائي ڏني ته "هي راجا! توهان ڏيئرآهين
ان جي ڪٿائن ٻڌڻ مان ڌاپين ٿي ڪين ٿو. ڄاڻي ٻڌ اهو

آءُ قسمر کڻي تو چوان تہ مونکي ڪا پاڻ پوڄائڻ جي مرضي ڪانهي،
پر جا ڳالهہ سچي هجي سا چئجي ٿي اٿماڻو. اڙي! جتي ويد وياس
نارد مني ۽ پاراشر جهڙا وڏا وڏا رشي هجن ۽ برهما، مهاديو ۽ اندر
جهڙا وڏا ديوتا ويٺا هجن، اُتي ٻئي ڪرشڻ جي پوڄا ڪرڻ
اهڙي آهي جهڙي هوم جي سامگري ڪتي کي ڏيڻ."
جڏهن ڪيترا بد لفظ ششپال، شريڪرشڻ کي چوڻ لڳو،
تڏهن ڪيترا مها تماڻون، رشي ۽ گياني تہ اُٿي ويا هليا، پر
ڀيمسين، ڌروڻاچاريہ ۽ ارجن، ڪروڌ ڪري ششپال کي چيو تہ
"او مورکہ اپراڌي! توکي لڄ نٿي اچي جو اسانجي روبرو
ونڪنٺ ناٿ جي ننداڪري رهيو آهين. هاڻي بس ڪر،
نہ تہ سر ڌڙ کان جدا ٿيو رکيو هوندءِ." ڀيمسين يڪدم ششپال
کي مارڻ لاءِ ڊوڙيو ۽ ششپال بہ سندس سامهون ٿيڻ لڳو جنهن
ڪري سڀا ۾ ويٺل سڀ ڊڄي ويا. شريڪرشڻ اُن مهل سنگاسڻ
تان اٿي ڀيمسين ۽ ٻين کي سمجهائڻ لڳو تہ "اوهان مان ڪو بہ
ششپال تي هٿيار ڪو نہ هلائي ۽ نہ تہ ڪو کيس بد لفظ ڳالهائڻ کان ئي
منع ڪري. اوهين ڏسندا تہ هو سگهوئي اوهانجي روبرو ماريو ويندو."
جڏهن ونڪنٺ ناٿ جي منع ڪرڻ تي ڀيمسين ششپال کي
نہ ماريو ۽ ششپال هڪ سؤ ان بد لفظ شريڪرشڻ کي چيا ۽ ڀڳشڻر
کي بہ گهڻيون وڏ ڳالهايو، تڏهن شيام سندر پنهنجي سدرشن چڪر
سان ششپال جو سر وڍي ڇڏيو. مرڻ وقت سندس وات مان
هڪڙي جوتي نڪتي جا ڀيرڙا آڪاش ۾ وڃي وري موٽي اچي
شريڪرشڻ ۾ سمائجي ويئي. اهڙو چرتر ڏسي ديوتا شري ڪرشڻ
تي گُل وسائڻ لڳا ۽ رشي مني استوتي ڪرڻ لڳا، ۽ ٻيا راجائون
ششپال جهڙي آدميءَ جي مڪتي ڏسي عجب ۾ پيا."

۽ دتوار ڪريت اُنهن کجي تو." اُو وقت جو آنند ڏسي سڀ
اُتي ويٺل ڏاڍا ڪڏڪڏ ٿيڻ لڳا ۽ ڀڳوان جي ستوتي ڪرڻ لڳا."
اُتي ڪتا پڏاڻي شري شڪديو جي چوڻ لڳو ته "هي
راجا پريڪشت! اُن سڀ ڪا ورائي ڏسڻ ڪري ٻيا ته سڀ
خوش ٿيڻ لڳا، پر ڏڪو ششپال، تنهنکي اِها ڳالهه نه وڻي ۽ هو
پنهنجو موت ويجهو ايندو سمجهي ڪدڙ اُٿي بيٺو ۽ ڪروڌ وچان
سڀا ۾ چوڻ لڳو ته "هي راجا يڌشٽر، اوهين ڏرترا شٽر، ڀيشم پتامه،
۽ درپوڌن ۽ ٻيا! ڪٿي گيائي ۽ ڏرماتما ٿي ٻي سمجهه نه
ٿيو، جو ڏڪري پرکر جي مٿان ٿي ڪرشن جي پوڄا ڪرڻ
قبولي آهيو. اوهه پر اڄ تائين ڪر ڪرو جنهن ڳکيه جو پرساد کنهن
ڳالهه کي ڏبو آهي. اوهه لکي خبر ڪاهي ته هن ڳوڙا ر هميشه
ڳالهين ڏاريون آهن ۽ پرائين استرين سان ڇيڙڇاڙ ڪندي آهي. اچ
تائين اِها ڪنهن کي سڌ ڪانهي ته هو وسديو يادو جو پٽ آهي يا
نند ڳوپ جو؟ پڏايو ته پوءِ هنکي ڪهڙي ورڻ ۾ ڪوليو وڃي؟
عجب ڇهوا جنهن ماڻهو جي ماتا پتا جي خبر نه آهي، تنهنکي
پرميشور جي پدوي ڏيئي رهيا آهيو. اوڙي! اهو ڪرشن آهي
اُهو جنهن اِندر جي پوڄا ڇڏائي ڳووڌن پهاڙ جي پوڄا ڪرائي
هئي. سواءِ ڪيرو ڏهي ۽ دوانڻ جي ۽ ڏورمي ڪنهن ڪرڻ ڪالسواءِ
هن جو ڪو ڏڪو ڪرتو چڱو پڌايو؟ خبر ڪانهي ته هو پنهنجي
دشمن جي ڏپ ڪان ڏڄي پنهنجي جنم ڀومي ڇڏي وڃي سمنڊ
جي وچ لڪي ويٺو هو؟ اُوني اُهو جنهن پندرابن ۾ ڳوپين جا
ڪپڙا چورايا هوا. ٿورا ڏينهن ٿيندا جو هن چاڙهو ورتو آهي،
ته ڪيئن سماڻندو ني ڪيو هو؟ ايترين ڳالهين هوندي به خبر
آهي ته اوهين هو پانجي مڃي پوڄا ڪرڻ واسطي سنڀريا آهيو؟

۽ ٻيا راڄائون جي اُتي آيا هوا، تن کان پڇڻ لڳو ته مونکي صلاح
ڏيو ته هن يگيه ۾ پهريائين پوڄا ڪنهنجي ڪجي؟ اِها ڳالهه ٻڌي
جراسنڌ جو پٽ سهديو اُتي چوڻ لڳو ته ”هي مهاراج! اوهين ڄاڻي
ٻجهي اهو سوال ڇو ٿا ڪريو؟ شري ڪرشڻ کان سواءِ ٻيو دت
ڪير پوڄڻ جوڳو آهي؟ هو جڳت پتا فقط پرٿويءَ جي ڀار لاهڻ ۽
آڌرمين کي ناس ڪرڻ لاءِ پنهنجي اِڇا سان اوتار وٺي آيو آهي،
تنهنڪري اُنکي ئي اگني روپ ۽ يگيه پرش سمجهڻ گهرجي.
جڏهن وڻ جي پاڙ کي پاڻي ڏيڻ ڪري پڻ ۽ ڏارين کي ازخود
پاڻي پهچي وڃي ٿو ۽ ساوا رهن ٿا، تڏهن شري ڪرشڻ جي پوڄا
ڪرڻ ڪري سڀ ديوتائون ترپت ٿين ٿا. خود شري گنگا جي
۾، جا سندس چرڻن مان نڪتي آهي ۽ تنهي لوڪن کي
تاري ٿي. اِنلاءِ هنجي ئي سمرڻ ۽ ڌيان ڪرڻ سان سڀني پاپن
کان ڇوٽڪارو ملي ٿو. پوءِ جڏهن هت اُهو پاڻ ساکيات ٻراجمان
آهي، تڏهن ٻئي ڪنهنجي پوڄا ٿي سگهندي؟“

سهديو جي اِها ڳالهه ٻڌي شري ڪرشڻ کيس اشاري سان
منع ڪرڻ لڳو ته وڌيڪ نه چوءِ، پر اُتي جيڪي به ويٺا هوا سي
سڀ سهديو جي وڌائي ڪري چوڻ لڳا ته ”واهه جي ڳالهه ڪئي
اٿئي اسين سڀ توسان شامل راءِ آهيون.“ راڄا يڌشٽر پنهنجي
اِڇا موجب سڀني جي راءِ ٻڌي شري ڪرشڻ کي سنگاسڻ تي
وهاري چرڻ ڌوئي چرڻامرت ورتو. پوءِ ويڪنٺ ناٿ کي
پيتانمبر پهرائي ڪيسر ۽ چندن جو تلڪ ڏنئي، ڳچيءَ ۾ دپٽو وجهي
هيرن، جواهرن جي مالا ڳلي ۾ وجهي وڌي سان پوڄا ڪئي ۽
چوڻ لڳو ته ”هي ديناناٿ! اوهانکي تنهي لوڪن جي مالڪ
هجڻ سبب ڪابه شيءِ ڀيٽا ڏيڻ اچ جهڙي ڳالهه آهي، پر روڳو سنساري

ڪي نٿو سمجهان. اوهان ڪرپا ڪري پنهنجن چرڻن سان منهنجو گهر اچي پوتر ڪيو، جن چرڻن مان شري گنگا جي نڪري تنهي لوڪن کي پوتر ڪري رهي آهي. سنساري آدمي ڌن ۽ راڄ مڙئي سڀ ڪنهن کي ڀاڳ جو ورتا ليکين، پر اوهين تنهي لوڪن جا ناٿ ٿي به ايتري نمرتا رکو ٿا، جو منهنجي خسيس ڪم ڪرڻ ۾ به ڪا آنا ڪاني نٿا ڪريو. ڪنهن جراسنڌ جي مرڻ جو پڌي چوڻ لڳي ته "هي شيام سندر! حاضر اوهانجي ڪرپا سان راڄسويہ يگيہ چڱي طرح پورو ٿيندو." اهو پڌي پيمسين ڪلي چوڻ لڳو ته "هي ماتا! تون ناحق شيام سندر جي ڪوڙي وڏائي ڪري رهي آهين. جراسنڌ کي مارڻ مون جو هيترن ڏينهن جي سنگرام ڪارڻ منهنجو الٽ آهي." شيام سندر چوڻ لڳو ته "هي ماتا! پيمسين سچ ٿو چوي مون ته رڳو کيس اشارو ڏنو ته جراسنڌ کي ڪيئن مارجي." اهو پڌي يڌشٽر ۽ ٻيا ويٺل ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳا.

جڏهن يگيہ رچنا جو سانباهو ٿيو، تڏهن بيشمار راڄائون پيٽون کڻي هستناپور ۾ آيا. راڄا يڌشٽر اُنهنکي ڏاڍي آدر ڀاءَ سان سندن لياقت سارو ٺاهوڪ رهايو. نڪل کي بيشر ٺاهه، دريوڌن ۽ ٻين ڪورون کي ٺاهوڪ ڪرائڻ لاءِ موڪليو. ٻيا به ڪيترائي رشي مني، گندرو، ڪنر، رکش ۽ لوڪپال اُن يگيہ ۾ ليندڙ ڏيئي گهرايا ويا. راڄا يڌشٽر اُنهن سڀني آيلن جي وڏي سان پوڄا ڪئي. شيام سندر يگيہ جو حرڪو ڪر راڄائن کي ورائي ڏنو. يڌشٽر دروپدي سان پاڻ پلي پڌي يگيہ شالا ۾ آيو ۽ اڳئي ڪنده ۾ آهوتي ڏيڻ لڳو. يگيہ جي اهڙي سوڀيا ڏسي سڀ راڄائون عجب کائڻ لڳا.

جڏهن يگيہ پورو سماپت ٿيو، تڏهن يڌشٽر، بيشر ٺاهه

ري ڪرشڻ جو راڄائن کي جپ ۽ پوڄا جو رستو پڌائڻ ۽ مان اُنکي
کري وري، بہ جيڪڏهن ڪو اڇيو شرط وٺي تہ
ب ڪري وري، بہ جيڪڏهن ڪو اڇيو شرط وٺي تہ
ڀي پريت سان پاڻ وٽ رهايان ٿو."
ايترو پڌي راڄائون وينتي ڪري چوڻ لڳا تہ "هي ڪرپاساگر!
جپ ۽ پوڄا جو رستو پڌايو، جنهن
ڏهن اسانکي پنهنجي ڀوساگر لنگهي پار پئون."
ڪري اوهانجو سمرڻ ۽ ڌيان ڪري ڀوساگر لنگهي پار پئون. هڪ
ڪري اوهانجو سمرڻ ۽ ڌيان ڪري جو چوڻ آهي تہ مونکي
ڀڳوان وردي ڏنين تہ "شاسترن جو چوڻ آهي تہ مونکي سنساري وهنوار
ڪندا پڌندا رهو. براهمڻن ۽
ڪهڙي بہ نہ وساري، منهنجي يگيہ ڪري
کي سڀئي وانگر سمجهو. خوب هون، هوم ۽ پالنا ڪريو ۽
مهاتمائن جي سيوا ڪريو. رعيت جي چڱيءَ طرح پالنا ڪريو ۽
ڪو ڪڏهن نہ ڳالهايو. ڪام، ڪرود، لوڀ ۽ موهہ کي وس ۾ رکو
۽ ٻڇڙي ڪم کان پاسو ڪريو. بس! جيڪڏهن ائين ڪيو تہ
اوهان کي ڪنهن بہ قسم جو دکہ نہ ٿيندو ۽ انت سمي وئڪنٺ ڌام
ملندو. هاڻي اوهين پنهنجي گهر وڃي سگهو ٿا. راجا پڌشٽر
راڄسويہ يگيہ ڪرڻ وارو آهي ۽ اوهان کي اُتي اچڻ جي نينڊ
موڪلي آهي، سو توهين سڀيئي اُتي اچجو."
آگيا موجب هو سڀ راڄائون شيامسندر جو جس ڳائيندا
پنهنجي پنهنجي ملڪ روانا ٿيا ۽ شيامسندر ڀيم ۽ ارجن سميت
پنهنجي پاڻ سان وٺي هستناپور آيو، جتي راجا پڌشٽر کين ڏسي
مهديو کي پاڻ سان وٺي پنهنجي گهر وٺي ويو. پوءِ
ڏاڍي عزت سان پنهنجي خوشيءَ جو پار نہ رهيو."
خوشيءَ ۾ ڀرجي احوال پڌي پڌشٽر جي خوشيءَ جو پار نہ رهيو.
جراسنڌجي مارجڻ جو سمورو احوال پڌي پڌشٽر جي "هي راجا پريڪيت!
شري شڪديو جي چوڻ لڳو تہ "هي راجا پريڪيت! ڀڳوان شري ڪرشڻ جي ڳالهہ ٻڌي شتوتي ڪري چوڻ لڳو
راجا پڌشٽر ٻن هٿ جوڙي شري ڪرشڻ جي شتوتي ڪري چوڻ لڳو
تہ "هي دين ديال! اوهان منهنجي واسطي براهمڻ روپ ڌاري
ٻيکہ گهرڻ قبول ڪئي، تنهنڪري آءٌ پاڻ جهڙو ڀاڳوان ٻيو ڪنهن

سڀ راجائون ڪڏ ڪڏ ٿيڻ لڳا ۽ چوڻ لڳا ته ”هي مهاپرڀو! اوهين
دلير آهيو. اوهين جيڪڏهن چاهيو ها ته دوارڪا ۾ ويٺي ئي
ڄراسنڌ کي ماري اسانکي ڇڏائي سگهو ها، پر هي خاص ڪرپا ڪيو
جو اسانکي درشن ڏيئي ڪرتارٿ ڪيو، جو درشن وڏن رشين
منين کي سون ورهين جي تپسيا ڪرڻ سان به مشڪل ملندو.
اسانجو من هينئر راڄ ڪرڻ نٿو چاهي، الٽو اسان اوهان ۾ التجا پر
اوهانجي ناليءَ جو سمرڻ ۽ ڀڄن جو ڌيان ڪندا رهون جنهن
ڪري سنساري مايا موهه روپي انڌاري کوهه مان نڪري ڀوساگر
پار لنگهي وڃون. اسين سمجهون ٿا ته ڄراسنڌ اسانکي ڀلي قيد
ڪيو، جنهنڪري جپ تپ ڪرڻ ۾ وڌيڪ ٽل ملي اوهان جو
ساکيات درشن ٿيوسون.“

راجائن جي اهڙي سنتوکي ٻڌي شري ڪرشڻ چوڻ لڳو ته ”راجا!
ايمان ڪندڙ جو هميشه ههڙو حال ٿئي ٿو. جيڪو ڪام ۽ ڪروڌ
۽ غرور کي پنهنجي وس ٿو رکي ۽ ٻيهڙو ڪبر نٿو ڪري، تنهنکي
ڪهو ۽ جهنگل ٻئي هڪ سمان آهن. ڏسو اِن ايمان راجا نهوش،
وين ۽ راوڻ جهڙن جو ڪهڙو خراب حال ڪيو. پر جن
اهنڪار ڇڏي منهنجي شرڻ ورتي، جهڙوڪ وسشٽ، هنومان،
آنبريش ۽ پرهلاد وغيره ته اُهي مُڪت ٿي ويا. جڏهن سهسرباهو
کي پنهنجي ٻل ۽ هزار ٻانهن هئڻ جو ايمان ٿيو، تڏهن پرشرام
سندس اهي سڀ ٻانهون ڪهاڙي سان وڍي کيس ماري ڇڏيو.
ڀوماسر، ٻاڻاسر ۽ ڪنس وغيره اِن ايمان جي چنبي ۾ اچي خراب
خوار ٿيا. انهي اوهين سڀ ڏک سک کي سمان سمجهي منهنجو
سمرڻ ۽ ڌيان ڪندا رهندا ته ڪڏهن به هلاڪ نه ٿيندا. جيڪو
مون ۾ چت ڏري ٿو ته مان به سدا اُن وٽ رهان ٿو. سڀجو جنم

جراسنڌ جي مرڻ ڪري سنڌس پٽ سهديو جو تخت تي ويهڻ ۽

ڏيئي سنڌس واڪاڻ ڪرڻ لڳا.

جڏهن جراسنڌ جي مرڻ جي خبر شهر ۾ پهتي، تڏهن سنڌس راڻي رُئندي پٽيندي شيام سندر وٽ آئي ۽ ڏورا ڏيئي چوڻ لڳيس ته "واهه مهاراج! جوا ۽ دانگي پنهنجو سر ڏيئي پنهنجو ڌڻي مارڻ ۾ ڪيئن ڪٺا! هي ٻه راڄا ڀلي جهڙو ڏسو ڪيو." شري ڪرشڻ تڏهن راڻي کي ڌيرج ڏيئي محلات ڏانهن واپس موڪليو ۽ جراسنڌ جو پٽ سهديو شري ڪرشن کي پرميشور ڄاڻي سندس شرڻ آيو، جنهنڪري دوارڪا ناٿ جراسنڌ جي ڪريا ڪرم ڪرڻ بعد سهديو کي راڄ گدي تي ويهاري پنهنجي هٿ سان تلڪ ڏيئي چيو ته "هي پترا تون ڌرم سان راڄ ڪري ڪٿو پرجا جي پالنا ڪندو رهج ۽ راڄائن جي پٽين قيد ۾ رکيا هوا تن کي بعد خلاص ڪر ته تو پنهنجي ديس وڃي راڄ ڪن."

انهيءَ کان پوءِ شري ڪرشڻ سهديو کي وٺي جت سڀ راڄائون قيد هوا اُتي آيو ۽ ڏسي ته ڏکري وڏي قلعي ۾ سڀ راڄائون قيد آهن ۽ ڏاڍا ڏکي آهن. شيام سندر جي آگيا موجب سڀ راڄائون قلعي کان ٻاهر ڪڍيا ويا ۽ سي سڀ هڪدم ڏوري هٿڙن تي ڪري پيا. پوءِ ڏاڍي پريم سان هٿ جوڙي وينتي ڪرڻ لڳا ته "هي ديناناٿ دياڄا ساگرا! توهان اسانجي ڏاڍي ڪرپا ڪئي جو هت اچي اسانکي هن ڪاروڏنڊ مان ڇڏايو، نه ته اسانجو ڇٽڻ ڏاڍو مشڪل هو. اسان هن قيد ۾ ڏاڍا ڏک سٺا آهن، پر دينبنڌو اوهانجي درشن ڪري اهي سڀ دور ٿي ويا." بعد اُن ڀڳوان جي آگيا موجب سهديو اُنهنجون حجامتون ڪرايون ۽ اشنان ڪرائي ڪپڙا پهرائي شري ڪرشڻ وٽ آندو. اُن مهل دوارڪا ناٿ جو ...

واڻي ٻڌيس تہ ”ٻئي اڌ ورڻ ۾ ڪيان جي ڳالھ ٿيائي وڃڻ
واجب ڪينھي. هت تہ جنھن کي وڻي سو ترار هلائي.“

ٻڌي تہ ٻنھي جي يڌ شروع ٿي ۽ وڙھندي وڙھندي شام
ٿي ويئي ۽ جڏھين ڪنھن ٻہ نہ هاريو، تڏھين ٻئي، ڳڏجي راڄ مندر
ڏانھن موٽي آيا. رات جو ٻئي جڻ ولي سمھي پيا ۽ صبح جو وري
ٻہ اٿي اچي والڪوڙ ڪرڻ لڳا. جڏھين اڙيت وڙھندي
ڪين جو ٻہ ڏينھن لنگھي ويا ۽ سڀ ترار ڀڄي پيا ۽ ٻيا شستر ڀڄي پيا
تڏھين ٻاٿ ۾ ڪشتي ڪرڻ لڳا ۽ جراسند ڏکوي مڪ اڏوي تہ
ڀيمسين جي ڇاتي ۾ منٿين جھنڪري جو ۽ ٻاڪل ٿي رات جو
شري ڪرشن کي چوڻ لڳو تہ ”مھاراج اهي ڏاڍو پھلوان آهي ۽ جي
سياڻي اوھين ڪجھ ٻڌ ڪندا تہ مان ڀڄي ويندس، هاڻي
اوهان جو هاڻي هٿ ۾ آهي.“

ڀيمسين جا اهڙا لفظ ٻڌي جڏھن ٿي دوارڪا ناٿ پنھنجو
هٿ سندس ڇاتيءَ تي گھمايو، تڏھن ٿي هنجو سڀ سور هليو ويو ۽
ڀيمسين کي ڇاتي سان لڳائي پنھنجو ڪجھ ٻل ڏيئي سمجھائڻ
لڳو تہ ”وڙھڻ وقت توهان منھنجو اشارو سمجھي جراسند کي مارجو.“
ٻئي ڏينھن جڏھن ٻئي شڪرو ٻڌي وڙھڻ لڳا، تڏھن شري ڪرشن
ڀيمسين کي ڏيکاري ڪکر ڏيکاري چيري ٻہ اڌ ڪري وڌو. اهو
ٻڌ سمجھي شيامسندر جي ٻل ٻاڙ ڪري جراسند کي ڪٽي
زمين تي ڪيرايائين ۽ ٻڌ ڏکوي جنگھ تي پير رکي ٻي جنگھ مٿي
ڇڪي چيري وڌائين. جراسند جو بدن جو وچ ۾ ڪنڌ ٻڌي جو سو
ٻہ اڌ ٿي پيو ۽ هو مري ويو جراسند جي مرڻ ڪري ديوتائن
خوش ٿي ڀيمسين ۽ ٻين تي آڪاش مان گل وسايا ۽ ”جي جي“
جا شبد چوڻ لڳا. شيامسندر ۽ ارجن ڀيمسين جي ٻانھن کي زور

سانئڻ ڪري ڪاوڙائي پراپت ڪانہ ٿيندي، پر اُپڪار ڪرڻ ڪري جس ملندو. اهڙو ويچار ڪري جراسنڌ شيام سندر کي چوڻ لڳو تہ ”هي ڏوج راج! پهرياءِ تہ اوهين بنان ڪنهن ڇل ڪپٽ جي پنهنجو نالو ٻڌايو. تنهن ڪانپوءِ جيڪا شيءِ گهرجيو سا گهرو، تہ پوءِ آئون ماڻ پنهنجن پراڻن ڏيڻ کان بہ نہ گسندس.“ شري ڪرشڻ چوڻ لڳو تہ ”هي راجا! جي تون سچ پچ ائين ڪرڻ چاهين ٿو تہ مان ٻڌايان ٿو. مان شري ڪرشڻ چندر ڄاڻي آهيان؛ هي ٻئي پيمسين ۽ ارجن منهنجي پڦيءَ جا پٽ آهن منهنجي؛ تنهنجي اڳ بہ متراهي پاڻ ملاقات ٿي آهي، تنهنڪري پاڻيان ٿو تہ مونکي سڃاڻندو هوندين. اسين تو وٽ بکيا پنڻ ڪو نہ آيا آهيون، پر يڌ ڪرڻ لاءِ آيا آهيون؛ اُميد تہ اسان تنهي مان ڪنهن هڪ سان وڙهڻ قبول ليندين. بس! اهوئي دان گهرڻ آيا آهيون.“

شري ڪرشڻ جا اهڙا وچن ٻڌي جراسنڌ ڏاڍو خوش ٿيو؛ چوڻ لڳو تہ ”توکي بہ يادگيري هوندي جو هڪ دفعہ مونکان هارائي ڀڄي ويو آهين؛ ڊپ کان دوارڪا وسائي وڃي ويٺو آهين، تنهنڪري تو ڀاڄوڪڙ سان وڙهندي مونکي تہ شرم ٿو اچي. ارجن مونکان عمر ۾ ننڍو آهي، وري هڪ سال ڪليو (ڪدڙو) ٿي ورات راجا وٽ رهيو هو سو اُن سان ڇا وڙهبو. هان! باقي پيمسين مون جهڙو آهي تنهن سان ٻالشڪ وڙهندس، پر انهن سڀني ڳالهين کان پوءِ ٻالشڪ ڏرمريڌ ڪجي.“

پهرين مونوٽ پوڄن وٺو؛ پوءِ ٻالشڪ ڏرمريڌ ڪجي.“

پوڄن وٺي رهڻ بعد جراسنڌ بہ ترارين گهرائي هڪڙي پاڻ کنئي ۽ ٻي پيمسين کي ڏني پوءِ شهر کان ٻاهر وڃي آکاڙي بہ بيٺا. اُتي جراسنڌ چوڻ لڳو تہ ”هي پيمسين! منهنجي گهر براهمڻ روپ سان آيو هئين تنهنڪري پهرياءِ ترار تون هلاءِ“ پيمسين

پوري ڪريو، جو جو شوروين کي پنهنجي سر ۽ دانين کي پنهنجي پراڻ ڏيڻ ۾ ڪا به آنا ڪاني ڪانہ ٿيندي آهي. دانين ۾ راجا رنتيديو، راجا رنتيديو ۽ ٻلي راجا جهڙن ڪتائون ئي ڪان کي ڪهڙن ڪين آهن. ٻلي راجا ته ويچارو شري وامن ڀڳوان کي سڀ ڪجهه ڏيئي ڇڏيائين جو تن ڏيڻ لاءِ به تيار ٿيو، جنهنجو نالو اڄتائين روشن آهي. راجا شبيءَ ڪبوتر جي عيوض پنهنجي بدن جو ماس وڍي ڏنو هو. اُداڪ رشي جو جيئن ڇيئن ڀڪشي پوءِ ورندو هو، تنهن پاڻ نه کائي پنهنجو سمورو پوءِ مهمان کي کارائي پاڻ وري به بکيو ئي رهيو. اهڙي دان ڪرڻ ڪري اُن کي ويڪنٺ نصيب ٿيو. ڏڌيچ رشي پنهنجي بدن جون هڏيون اندر ۽ ٻين ديوتائن کي ڪر اچڻ لاءِ ڏنيون. هي راجا ڄراسنڌ! انهن کان سواءِ ٻيا به ڪيترائي داني شخص ٿي گذريا آهن جن پنهنجي پراڻن ۽ مال ڏيڻ ۾ ڪا به ڪهتائي ڪانہ ڪئي آهي ۽ انهن دانت ڪيترو بڌائي ڪيترو بڌايا آهن. جئن اڳوڻي سمي ۾ اهڙا ڌرماتما ٿي گذريا آهن، تئن هن وقت تون داتا ساماڻو آهين، سو جيڪڏهن تون اسانجي آسا پوري ڪندين ته تنهنجو جس به ساري سنسار ۾ ڳائبو رهندو."

ايتري ٻڌڻ بعد ۽ انهن جي مکن جي ڪرانتي ڏسي ڄراسنڌ کي شڪ پيو ته هي براهمڻ نه آهن، پر ڪي راجڪنور ٿا ڏسجن. انهن جي ٻڌي پاڻ گهرندا ته به ڏيڻ کان منهن نه موڙيندو جهڙي منهنجو ڌرم قائم رهندي اچي. ڏسو راجا ٻليءَ کي سنڌس گرو شڪراچاريہ وامن ڀڳوان کي ٽي پير پوٽي ڏيڻ جي ڪيتري منع ڪئي، پر هن پنهنجي ڌرم قائم رکڻ لاءِ انهن ڪيو، جهڙي ڪري تنهن لوڪن جو راج ڪيس ۽ اڄتائين سندس ڪيرتي ڳائبي اچي. اِن ناسوان شرير کي

پيمسين سان گڏ جي جڙاسند وٽ وڃڻ

شري ڪرشڻ جو آرجن ۽ پيمسين اٿو، تيستاءِ اوهانجو پڳيه نروگهن پورو
تيستاءِ جڙاسند کي نه جيتيو اٿو، تيستاءِ اوهانجو پڳيه نروگهن پورو
ٿيڻ مشڪل آهي ۽ چو جو هو اهڙو ته زبردست ۽ پڇسي وارو آهي
جو هنکي جيتڻ ڪا سولي ڳالهه ڪانهي. خود اوهين ٻه هنکان
ڪتي نه سگهندا. هڪ تجويز آهي جا جيڪڏهن ڪريو ته وقتي
فتح هند تي پوندا. اها هيءَ آهي ته شيامسندر، ارجن ۽ پيمسين
ٽي پاڏسان وٽي براهمڻ جو ويس ڪري جڙاسند وٽ وڃي. هو
ٻاڏو داني آهي جيهڪري هنجي ناموس چوطرف پکڙيل آهي ۽
هميشه هن گهرندو دان ڏني ٿو. ايتري قدر جو جيڪڏهن سندس
گهرجيس ته اُن ڏيڻ ۾ ٻه ديرڪندو سو اُنکان وڃي هي ٿيٽي ٻکيا گهرڻ."
اها ڳالهه ٻڌي راجا يڌشٽر چنتا ته ٿيو جو ڏسي شيامسندر
ڪيس چوڻ لڳو ته "اوهين ڪا ٻه چنتا نه ڪريو. اوهين اوڏو جي چوڻ
موجب هتي پائر همراهه ڏيوم ته جڙاسند جو ڪم تمام ڪري اچان."
بس! پوءِ راجا يڌشٽر جي آگيا سان ارجن ۽ پيمسين ساڻ ڪري
شري ڪرشڻ جڙاسند جي راڄڌانيءَ ڏانهن هليو. جڏهن ڪن ڏينهن
ڪانپوءِ هو جڙاسند جي دروازي وٽ اچي پهتا، تڏهن هڪڙي دربان
راجا کي وڃي خبر ڏنائي ته "مهاراج! هڪڙا ٽي تيجسوي براهمڻ
توهانجي ملڻ لاءِ ٻاهر دروازي تي بيٺا آهن، حڪم ٿئي ته اندر وٺي
اچان." جڙاسند ڏاڍو خوش ٿي پاڻ دروازي وٽ اچي تنهي براهمڻن
کي پاڏسان وٺي اندر آيو ۽ ڪين ڏاڍي آدر ڀاءُ سان سنگاسڻ تي
وهاري چوڻ لڳو ته "هي مهاراج! جڏهن ڪرپا ڪري هت اچي
اوهان منهنجو گهر پويتر ڪيو آهي، تڏهن هلي پوڇڻ وٺو ته اوهانجا
چرڻ ڌوئي پنهنجو پرلوڪ سڌاريان." جڙاسند جا اهي وچن ٻڌي
شيامسندر چوڻ لڳس ته "هي راجا! اسين تنهنجو نالو ٻڌي تمام
پري کان هت آيا آهيون سو جنهن لِڇا لاءِ آيا آهيون اُها اسانجي

جڏهن اهڙيءَ طرح ڪيترائي مهينا شيام سندر کي اتي گذري
ويا ۽ ڪا به يڳيه جي ڳالهه ڪانه ٿي، تڏهن ڪنهن ڏينهن راجا
يڌشٽر شريڪرشڻ کي چوڻ لڳو ته ”هي مهاراج! جن اوهان
جو درشن وڏن وڏن رشين ۽ يوگيشورن کي به مشڪل ٿئي،
تن ڪرپا ڪري مونکي ساڪيات درشن ڏيئي ڪرتارٿ ڪيو
آهي. هاڻي منهنجي اڇا آهي ته آءٌ راجسوي يڳيه ڪريان، پر اوهان
جي ڪرپا بنا اهو ڪنهن يڳيه پورو ٿي نه سگهندو. اوهان اڳ به جڏهن
ڪيترائي دفعا مشڪلاتن اچڻ وقت منهنجي سهائتا ڪئي آهي،
تنهن ڪري هن به پنهنجي مهر جي نظر سان منهنجو اهو سنڪلپ پورو
ڪريو ته آءٌ اوهانکي ارپڻ ڪري ڀوساگر پار لنگهان. مونکي
پڪ آهي ته اوهانجي جيڪو شرط آيو تنهنجا سڀ منورٿ سڌ ٿيا.“
اهو آڏيو ٻڌي واسديو چوڻ لڳو ته ”هي راجا! آءٌ
هر طرح حاضر آهيان. اوهان مونکي پنهنجي پريم جي ڏوريءَ ۾ وس
ڪري ڇڏيو آهي، جنهنڪري راجسوي يڳيه ته ڇڏيو، پر ٻيو ڪو
مشڪل ڪم جي ته به ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. ارجن ۽ ڀيا اوهان
جا ڀائر اهڙا ته زبردست آهن جو ساڻن ڪنهنجي به پهچڻ جي واهه
ڪانهي، انهن کي حڪم ڏيو ته چوڌاري وڃي سڀني راجائن کي
جيتي، گهڻي دولت کڻي اچن ته پوءِ يڳيه آرنڀ ڪجي.“ اهو ٻڌي
يڌشٽر پنهنجن ڀائرن کي چئني طرفن روانو ڪيو، جي ڪيتري
وقت بعد سڀني طرفن جي راجائن کي جيتي بيشمار مال متاع
کڻي آيا ۽ اچي يڌشٽر کي ڏنائون. راجا يڌشٽر تڏهن شريڪرشڻ
کي وري چوڻ لڳو ته ”مهاراج! هاڻي حڪم ڪريو ته ڇا
ڪرڻ گهرجي؟“ اهو ٻڌي اڌو راجا يڌشٽر کي چوڻ لڳو ته ”مهاراج!
سڀني ملڪن جي راجائن کي تسر تنجان جا ڀائر جيتي آيا پر

سنڀال واسطي ٻلرام کي اُتي ڇڏي پاڻ گهڻا شور ويڙهه ۽ يادو وڙهي
اندرپرست ڏانهن هليو ويو ۽ اٺ پٽ راڻيون ٻه پاڻسان ڪنيائ
جڏهن شري ڪرشڻ راجا يڌشٽر جي شهر جي ٻاهر اچي پهتو، تڏهن ايڏي
وڏي فوج کي ڏسي ڪيترن وڃي راجا يڌشٽر کي ٻڌايو ته "مهاراج!
اوهانجي ڪو دشمن ڪاهي آيو ٿو ڏسجي." راجا يڌشٽر نڪل ۽
سهديو پنهنجن ٻن ڀائرن کي خبر ڪڍڻ لاءِ موڪليو، جن جلدئي
اچي يڌشٽر کي شري ڪرشڻ جي اچڻ جو احوال ڏنو. يڌشٽر کي
اهو سماچار ٻڌي ڏاڍي خوشي ٿي ۽ پوءِ ڀڳوان جي اڳواڻيءَ لاءِ ڏاڍي
ٻرير ۽ ٻسڪ سان ارجن، ڀيمسين ۽ ٻين ڀائرن، ويد پاٺي براهمڻن
۽ شهر جي مکيه آدمين سان گڏجي ڪيترين ڀيٽن ڪڻي هليو.
جڏهن ئي راجا يڌشٽر شري ڪرشڻ وٽ پهچي سندس چرڻن تي پوڻ
پاتيو، تڏهن ئي دوارڪانات اُنکي پنهنجي ڇاتيءَ سان لائي ڪيس
پنهنجو وڏو ڄاڻي اُنجي چرڻن تي مستڪ نمايو. پوءِ ڀيمسين جي ۽
تنهنکانپوءِ ارجن نڪل ۽ سهديو سان گڏيو. اُن بعد جيڪي ٻيا
براهمڻ ۽ مکيه ماڻهو آيا هوا تنهنجو ٻه يٿا يوڳيه آدرستڪار ڪري
وهاريائين. جڏهين راجا يڌشٽر ڏاڍيءَ خوشيءَ سان شيامسندر کي
پنهنجي شهر اندر آندو، تڏهن شهر جا سڀ استريون پرش شيامسندر
جي درشن لاءِ پنهنجن دروازن وٽ اچي بيٺا ۽ لنگهڻ وقت پنهنجا
نيتر ٺاري شيامسندر ڏي پشپ اُڇلائڻ لڳا. هاڻي جڏهن مرلي منوهر
محلات اندر اچي پهتو، تڏهن ڪنتي ڏاڍي اُڪير سان ڪيس ڏسڻ
لاءِ ڊوڙي آئي ۽ شيامسندر سندس چرڻن تي ڪري پيو. هيڏانهن
شري ڪرشڻ جون پٽ راڻيون سڀدرا ۽ رڪمڻي وغيره ٻه ڪنتيءَ
کي پيرين پيون. مطلب ته اُن وقت جي آنند جو ڇا ورنن ڪجي!
اهڙيءَ طرح شري ڪرشڻ جي اچڻ ڪري اندرپرست ۾ گهر گهر آنند ٿيڻ لڳا.

جي ڀار لاهڻ واسطي اوتار ڌاريو آهي سو جراسنڌ پاپيءَ کي ماري اوهان
جي ٻڌڻن کي ڇڏائيندو. هي اوهان ونڪٽ ناٿ آهي، جنهن ڪنج
(ڏاڏي) جو ڪرام (واڪيو) ڪان جو ٽڪارو ڪيو ۽ ڪنس کي ماري ماٺاٿا
جو ڪشٽ نواريو." سو ٻڌو! اڄ جي رات ڏينهن ٿوڙا لڪي ڏيائي
رهيا آهن انهيءَ ڪري ملي سگهجي. راجا يڌشٽر فقط ٿوڙائيءَ
پورسي راجسويه يگيه ڪيو آهي ته تو جو ٻڌايا سيئي راجائن کي
ٻنهيءَ پراڪرم سان تابع ڪري ها، تنهنڪري ۽ اهڙي ڪاڻ يگيه
جو سنڪلپ ڪري ها. جيستائين جراسنڌ ماريو نه ويندو تيستائين
راجسويه يگيه ٿيڻ ڪاڻ آهي. جراسنڌ جي مارڻ وڃڻ ڪري ٻه
ڪارج سڌ ٿيندا. هڪڙو ته راجا يڌشٽر جو يگيه چڱيءَ طرح پورو ٿيندو
۽ ٻيو ته ويهه هزار ايڪ سو راجائون قيد مان ڇٽي راجسويه يگيه جي ڪم
ڪار ۾ مدد ڪار ٿيندا، ۽ ٽئون ٻيئڙا راجائون ڪاڻ ٿيڻ ٿا جو مشڪل
آهي. سو ٻڌايا لئه پرسٽ ۾ هلي پانڊون سان ملاقات ڪري جيڪو جهڙو
مناسب ڄاڻو تيئن ڪريو. جراسنڌ ڪيو ۽ براهمڻ جو ڀڳت اهڙو ته داني
آهي جو سندس دروازي تان ڪوبه سوالي خالي نه موٽيو هوندو."

اوڌو جي اها صلاح سندر ڪري شيام سندر ناره کي چيو ته
"مهاراج! اوهين منهنجي پاران پانڊون کي وڃي چئجو ته اسين
جلدي اچون ٿا آهيون" ۽ براهمڻ کي به موڪل ڏيئي چيو ته
"مهاراج! راجائن کي وڃي ڏيئو ڏيو ۽ چئجون ته آءٌ جلدي سندن
ڇوٽڪارو ڪندس." جڏهن اهو براهمڻ اچي سيئي راجائن کي
شري ڪرشن مهاراج جو نياپو ٻڌايو، تڏهن جو سڀ خوش ٿي ويا
۽ ... ڏينهن ڪري ... ڏيکائڻ ناره اندر پرسٽ ۾ وڃي
شري ڪرشن جو نياپو راجا يڌشٽر کي ٻڌايو. شري ڪرشن راجا اگرسين
وٽ وڃي پانڊون وٽ هلڻ جي آگيا ورتي ۽ دوارڪا ...

آهي پوءِ ٻه جو مونکان ٿا پڇو سو خاص اوهانجي مونتي ڪرپا آهي. مان هينئر سڌو پانڊون وٽان ٿو اچان ۽ ڏٺو سڀ ڀائر اوهانجي يادگيري ڪري رهيا آهن. هنوقت ڏٺو راجسوير يگيه ڪرڻ جي اڇا ڪري رهيا آهن، پر سمجهن ٿا ته اوهانجي ديا ڪانسواءِ سندن منورٿ پورو ٿيڻو نه آهي.“ اڃا اهي پٽي ڳالهيون هليون ته يڌشٽر وٽان نينڊ جي چٺي شيام سندر کي آئي، جنهن ۾ لکيل هو ته ”هي مها پرڀو! براهمڻن مونکان راجسوير يگيه جو سنڪلپ ڪرايو آهي، پر اوهانجي اچڻ ڪانسواءِ منهنجو منورٿ پورو نه ٿيندو ۽ تنهنڪري منهنجي لڄ اوهانجي هٿ وس آهي.“

شيام سندر چٺي پڙهي يادون سان صلاح ڪرڻ لڳو ته ”ڀائرو! ڏڪ پاسي جراسنڌ جي قيد ڪيل راجائن پنهنجي ڇوٽڪاري جو نياپو موڪليو آهي ۽ ديوتائين نارد مني پانڊون وٽ هلڻ لاءِ چوي ٿو، هاڻي ٻڌايو ته پهرئين ڇا ڪرڻ کپي؟“ انهيءَ تي ڪن جو رايو ٿيو ته پهرئين راجائن کي هلي ڇڏائجي ۽ ڪن چيو ته پانڊون وٽ هلڻ کپي. شيام سندر تڏهين اوڌو کان پڇڻ لڳو، جو هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته ”هي ڪرپالو! منهنجا وڏا ڀاڳ آهن جو اوهين انترجامي ٿي ٻه مونکان صلاح ٿا پڇو. جڏهين ائين آهي تڏهين منهنجي سمجهه ۾ آهي ته پهرئين پانڊون کي هلي ڌيرج ڏجي، ۽ پوءِ اُتان ڀيمسين ۽ ارجن کي پاڻسان ڪڍي جراسنڌ کي مارڻ لاءِ وڃڻ کپي. جراسنڌ کي ڏهه هزارن هاٿين جو زور آهي، جنهن سان برابري ڪرڻ وارو ڀيمسين ئي هڪڙو آهي. ٻي هي ونڪن ذات! قيد ڪيل راجائن جا ٻالڪ روئي جڏهين پنهنجن پتائن کي ياد ڪن ٿا، تڏهن انهنجون ماتائون کين ڌيرج ڏئي سمجهائين ٿيون ته ”اوهين رئو نه، ڀڳوان شري ڪرشن ڇڏائيندو

سان ڳالهيون ٻڌائيون پئي ڪيائين، تڏهن اُوقت ڪري براهمڻ
دربانن کي اچي چيو ته ”اوهين شري ڪرشڻ مهاراج کي وڃي ٻڌايو
ته هڪڙو براهمڻ اوهان سان ملڻ جي واسطي دروازي تي بيٺو
آهي.“ دوارڪاناٿ اهو ٻڌي دربانن کي آڻ براهمڻ کي
اندر وٺي اچڻ لاءِ چيو. براهمڻ کي سامهون ايندو ڏسي شيامسندر
سنگاسڻ تان هيٺ لهي نمسڪار ڪري وٺي اچي پنهنجي پاسي ۾
ويهاريائين، پوءِ پڇڻ لڳس ته ”هي مهاراج! اوهين ڪٿان ۽ ڇو
۽ ڪٿي آيا آهيو؟“ براهمڻ شيامسندر جي اهڙي نرمائي ۽ مٺا وچن
ٻڌي چوڻ لڳو ته ”هي پربو! جراسنڌ پنهنجي ٻل ۽ پراڪرم جي
ڏاڍي وڏائي ڪندو آهي. اُن ويهه هزار اٺ سؤ راجائون پڪڙي
قيد ڪيا آهن، جن موڪلي اوهان ڏانهن لکي ڏيئي موڪليو آهي
ته اوهان جو پورڻ آهي ته جڏهن جڏهن ڌرتي ۽ ڌرمي ڌري ڀڳتن
کي ڏک ڏيندا آهن، تڏهن تڏهن اوهين سگڻ روپ ڌاري ڀڳتن
جي رکيا ڪندا آهيو. انهيءَ ڪري هن وقت اسانکي آڏين چاڙهي اسانکي
ڏک کان ڇڏايو ۽ ڇوٽڪارو ڏيو. اسانکي رات ڏينهن توهان جي
درشن جي اڀلاشا آهي.“ اهڙا دين وچن ٻڌي ديناناٿ آڻ براهمڻ
کي چيو ته ”مهاراج! اوهين هنن کي ڌيرج وڃي ڏيو ته هان
اوهانکي ڏک کان ڇڏائيندس.“

ايتري ۾ نارد ٻين وڄائيندو اُتي اچي پهتو. شيامسندر
کيس نمسڪار ڪري سنگاسڻ تي پاڻ سان گڏ ويهاريو ۽ پڇڻ
لڳس ته ”هي مني ناٿ! ڪا نئين ڳالهه هجي ته ٻڌاءِ. ٻڌ شهر ۾
ٻين پانڊون جي حال جي ڪا سڌ هجيو ته اُهو ٻڌايو ته جو ڪيترن
ڏينهن کان سندن سماچار ڪونه ٻڌا آهن.“ نارد ورلدي
ڏني ته ”هي انترايامي! اوهانکي سڀني جڳت جي حال جي خبر ۾

ونڪٽ ناٿ نارد کي سندس اِڇا موجب وردان ڏيئي موڪل ڏني. تڏهن هو بين وڄائيندو ۽ هري گڻ ڳائيندو ستيه ڀاما وٽ آيو ۽ اچي ڪيس چيائين ته "شري ڪرشڻ مهاراج توکان وڌيڪ رڪمڻي کي پيار ٿو ڪري، تنهنڪري تون شيام سندر مونکي دان ڏيئي وري ملهه سان وٺ ته پوءِ هو تنهنجي وس رهي." اهو ٻڌي ستيه ڀاما ڪيس شيامسندر کان آگيا وٺي ڪيس نارد مني کي سنڪلپ ڪري ڏنو. جڏهن نارد شيام سندر کي وٺي هلڻ لڳو، تڏهن ستيه ڀاما ڪيس شري ڪرشڻ جي تور جيترو سون ڏيڻ لڳي، پر نارد سون جي بدلي تلسي ڏل وٺي شيام سندر ڪيس موٽائي ڏنو ۽ پاڻ آنند سان برهم لوڪ ڏي روانو ٿيو.

شري شڪديو جي چوڻ لڳو ته "هي راجا پريکيت! ڀڳوان شري ڪرشڻ سنسار جي جيون کي وات ڏيکارڻ واسطي جنهن وقت جيڪو ڪم ڪندو هو سو ٻڌايان ٿو: ته جڏهين ٻه گهڙيون رات رهندي هئي ۽ پکي ٻولڻ لڳندا هوا تڏهين شيام سندر ڏندڻ سنان ڪرڻ بعد سنسار جي ماڻهن وانگر پنهنجو نج روپ ڌاري پنهنجي آتما جو ڌيان ڪندو هو. سورج نڪرڻ بعد سنڌيا ترپڻ ۽ گائيتري جپيندو هو. چئن گهڙين ڏينهن چڙهڻ بعد براهمڻن کي دان ڏيئي آنهن جي آشيرواد وٺي پوءِ پوڄن ڪندو هو. جيتوڻيڪ شيام سندر کي ڪنهن به ڪرم ڪرڻ واسطي نت نيم ضرور ڪونه هو، پر لوڪ مريادا قائم ڪرڻ واسطي ڪندو هو. شري ڪرشڻ ڪٿا ٻڌندو هو. آن کان پوءِ راجا اُگرسين وٽ اچي ... ڪڏهن به ڪا بيماري ... جي ڪرپا سان دوارڪا پوريءَ ۾ ... سڀ ننڍا وڏا ٻڌي رهندا هوا ۽ ياد ڪار ڪونه پيو، جنهنڪري ... ونڪٽ ناٿ سڀا ۾ ويٺو هو ۽ ياد ... ڪري ڏينهن جڏهن ...

درلڀ آهي. هاڻي اوهانجي ڪهڙي سيوا ڪريان جو منهنجو ڀلو ٿئي."

ڀڳوان جا اهي وچن ٻڌي نارد ويهي ڪري چوڻ لڳو ته

"هي ديندبال! مان پاڻ اوهانجي درشن لاءِ آيو آهيان، ڇو جو اوهانجي درشن ڪانسواءِ سنساري جيو ڀوساگر پار لنگهي نٿو سگهي. گنگا اوهانجي چرڻن مان نڪري ساري سنسار کي سک ڏيئي رهي آهي. مان ڪنگال براهمڻ ڪهڙي قطار ۾ آهيان جو اوهانجي ستوتي ڪري سگهان. هاڻي ديال تي اهڙو وردان ڏيو ۾ جو اوهانجو سمرڻ ۽ ڌيان مونکان نه وسري." اهڙيطرح ستوتي ڪري نارد ٻئي پٽ راڻيءَ ستيه ڀاما جي گهر ويو. اُتي ڏسي ته شري ڪرشڻ اوڌو سان چوپڙ کيڏي رهيو آهي. اُتان اُٿي وري جامونتي ٽئين پٽ راڻيءَ جي گهر ويو، جتي شري ڪرشڻ کي تيل قليل لڳائيندو ڏسي ٻنان ڪندڻ جي ٿي موٽي آيو. پوءِ چوٿين راڻيءَ ڪالنديءَ جي محل ۾ ويو، جتي شيام سندر کي پلنگ تي سميل ڏٺائين. ڪالندي نارد منيءَ کي آيل ڏسي شري ڪرشڻ جي چرڻن کي زور ڏيئي جاڳايو، جنهن تي ڀڳوان ڏنڊوت ڪري چيو ته "هي منيشور! تيرٿ روپي سادن جي چرڻن ڪهائڻ ڪري سنساري جيون جو گهر پوتر ٿئيٿو. چڱو ڪيو جو ديا ڪري درشن ڏيئي ڪرتارٿ ڪيو." نارد آشيرواد ڏيئي متروندا جي گهر ويو، جتي ڏسي ته شري ڪرشڻ براهمڻن کي ڀوڄن ڪرائي رهيو آهي. نارد کي ڏسي شري ڪرشڻ هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته "هي براهمڻ ڪل ڀوشڻ! ڏاڍي ديا ڪيوَ جو هنوقت آيا. هاڻي اوهين به ڀوڄن ڪائي جوٺ مونکي ڏيو ته اُنجي کائڻ ڪري پوتر ٿيان." نارد وراڻي ڏني ته "هي ديون جا ديو! اوهين براهمڻن کي کارايو ته مان اچهو ٿو موٽي اچان." ائين چئي نارد ستيا ڇهين راڻيءَ جي گهر ويو، جتي

سمنڊ ڀوڙا ري ڪنچن ڪري رچيا آهن. دوارڪا جي سوني قلعي کي
آهوئن دوان ڇاليون ڦٽي رهيو آهي. استريون طرحين طرحين جا
وستر ۽ پوشاڪ پهري ميڙي ڊوڙي کهمي رهيون آهن. نارد اهڙي
سوڀيا ڏسندو شهر جي اندر ويو، جتي دوڪان ڏاڍي سڌائي ۽
سهڻائي سان سينگاريل هوا. گهر گهر ۾ هري ڪٿا ٿي رهي هئي،
۽ يادو شيام سندر جو جس ڳائي رهيا هئا. هنڌ هنڌ هوم يگيه ۽ ڀڳا
ڇڳا ڪري رهيا هئا. يادو ڏاڍي پريم سان ڇڳا ڇڳا پداوت
براهمڻن کي ڪانئي اُهڃي آشيرواد پائي رهيا هوا. جتي هن ادو
آنند ڏسندو نارد رڪمڻي جي محل ۾ ويو، ڏٺائين انجي ڏڪرو
اهڙو ڊاڍو سگهاسڻ ڏٺائين، جنهنجي تجلي ڪري سندس سامهون
اک ڪٽڻ ٿي مشڪل هئي. جنهن تي کتوران ۽ پکين جا اڏوا
تہ ڄڻ ترڪندا هئا جو جهنگلي پکي ٻوڙي اڏي اچي ويندا. مشڪ
۽ عنبر جي دولهي کي ٻاول سمجهي مور خوشي سان نچڻ لڳا.
موتين جون ڇالرون دروازن تي پئي لٽڪيون. مطلب تہ
رڪمڻي جي محل جي سوڀيا ورڻن ڪرڻ " ڇوٽا منهن اوڏڙي ٻات"
وارو تصوليندو. نارد اتي ڏٺو تہ شري ڪرشڻ مٿي تي مڪٽ رکي
پيتامبر پهري ريشمي پوشاڪ ڪنن تي ڪري نُرا تي ڪيسر جو
تلڪ لڳائي ڪنن ۾ ڪنڊل وجهي ڳچيءَ ۾ مالا پائي پهري
روپ ٻڌي سيجا تي ويٺو ڪانءِ چؤري ڪن داسيون دولڻي ٻري رڪمڻي
پاڻ بيٺي پکو هڻي. شري ڪرشڻ نارد کي ايندو ڏسي اٿي
ڏنڊوت ڪري سگهاسڻ تي آڻي ڪيس ويهاريو ۽ سندس چرڻ
ڌوئي وڏي سان پيتا ڪيئي. پوءِ هٿ جوڙي ڊنڊ
" مني مهاراج! اوهان ڏاڍي ڪرپا ڪئي جو هن غريب
... اڄ اچي پوتر ڪيو. اوهان جو درشن مارڳ

ته "هي ديناناٿ! اوهين ڌرم جي مورت، سي ڪيئن ايترو ڪروڌ ڪريو؟ ڌريوڌن اڪيلائيءَ جي ڪري ساري هستناپور کي ناس ڪرڻ ڪو نهي ٿو؟ اسين هميشه لاءِ راجا اُگرسين جا تابع دار آهيون."

جڏهين ٻلرام پيشر پتامه ۽ ٻين سڀا سدن جا اهڙا وچن ٻڌا تڏهين پنهنجو ڪروڌ شانت ڪياءِ. ڌريوڌن هاٿي ڏرو ٿيو ۽ سانب کي چڱا ڪپڙا پهرائي لڪشمڻا پنهنجي ڌيءَ سميت ٻلرام وٽ وٺي آيو ۽ هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته "هي ناٿ! مون تنهنجي مهما نه ڄاڻي جيڪي ٻه ڪهت وڌ ڇيو تنهنلاءِ مونکي ڪميا ڪريو. اسين اوهانجا داس آهيون ۽ داسن تي سداءِ ڪرپا جي نظر ڪجي."

اهڙيءَ طرح ڌريوڌن ڪيتري ستوتي ڪري لڪشمڻا جو وواهه وڌي سانب سان ڪرايو ۽ ڪيترو ئي ڏاج، رٿ، گهوڙا، داس، داسيون ۽ ٻيو سامان ڏيئي گهوٽ ڪنوار کي ٻلرام سميت دوارڪا روانو ڪيو. دوارڪا ۾ پهچي ٻلرام سربستو احوال اُگرسين ۽ شري ڪرشڻ کي اچي ٻڌايو ۽ ٻئي سڀ ڪورون جي ايمان پڇڻ جو حال ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيا."

هي راجا پريکيت! ڳالهه ٻڌينئن. نارد مني امراوتي پوريءَ ۾ چيا ڏٺي ته راجا اندر جون ٻئي استريون پاڻ ۾ پيئون ڪو نقسن. تڏهين ويچار ڪياءِ ته جتي ٻن ساڃهن جو اهڙو حال آهي ته پوءِ شري ڪرشڻ، جنهنکي سورهن هزار هڪسو اٺ استريون آهن اُتي ڇا وهندو واپرائيندو هوندو! وري شري ڪرشڻ وٽن واري سان ويندو آهي يا ڪيئن؟ اهو حال ضرور ڏسڻ گهرجي. ايترو ويچاري نارد دوارڪا ۾ آيو، جتي ڇا ڏسي ته اُتي ڏاڍا عمدا باغ آهن، جن ۾ جيڪي وڻ آهن سي سڀ ڦلن ڦلن سان ڍمڪار ٿيو بيٺا آهن. قسمين قسمين پکي مٺيون وڻي ٻوليون ڪري رهيا آهن. ڍانڍن ۾ بيشمار ڪنول کلي رهيا آهن، جن تي ڀنورا رس پيڻ لاءِ ڏاڍي

لکيو ته ”اوهين هن اڪيلائي ۾ اپمان دريوڌن کي ڪهڙيو ته آءٌ
سائنس ڏک ڏنائي ڪريان ، ڇو جو سمجهان ٿو ته ڏيٺو مائٽي ۾
محبت ڇڏي ارائي ڪرڻي پوندي.“ پوءِ جڏهن ڀيشم پتامه
جي ڪهاڻي سان دريوڌن ٻوڙي سڀا ۾ آيو، تڏهن ٻلرام هيٺ لکيس
جيئن ڀاونا سان کين ٿي ڏٺو، تنهنکي انهيءَ موجب ڏسڻ ۾ آيا جي
راجا پريکيت! شريڪرشڻ گيتا ۾ ارجن کي چيو آهي ته "جيڪو
منهنجي جهڙي روپ جو ڌيان ڪري ٿو تنهنکي مان اُن روپ
منهنجي ٿي درشن ڏيان ٿو." سو چاڻور ۽ مشٽڪ کي شيام ۽ بلرام
ڏاڍا زبردست پهلوان ڏسڻ ۾ آيا، مٿراجي استرين کي ڪامروپ
ٿماٻر سندر ڏسڻ ۾ آيا، گوال ٻالن ۽ ٻين مٿرن کين پنهنجو

۾ جاءِ ڪاڻ ڏني. ايتري ۾ ٻئي شري ڪرشڻ، بلرام ۽ گوال ٻالڪ
سميت رنگ ڀومي جي دروازي تي، جتي ڪنس جو مست هاٿي
بيٺل هو، اچي پهتا. شري ڪرشڻ پيلوان کي ڏڪل
ڪري چوڻ لڳو ته ”هاٿي دروازي تان هٽاءِ ۽ اسانکي راجا ڪنس
وٽ وڃڻ ڏي، نه ته ياد رک، هاٿيءَ سميت جيئرو نه ڇڏينديس.“
اهو ٻڌي هو پيلوان ڪلي چوڻ لڳو ”اڙي او ڳوارا ڳانئن چاريندڙن
۾ طاقت ئي ڪيتري هوندي. مفت پٽاڪ نه هڻو جي اڄ ڪا
هوس ته ڀورين هن هاٿيءَ کي هٽائي ٻوءِ ٻيهڪ اندر وڃو. هونئنڪي
ڏکو اوهانجي سندرتا ۽ ڪومالتا تي ڪهل ٿي اچي جو هاٿيءَ واٽي
پنهنجي جان جوکي ۾ وجهڻ آيا آهيو.“ اهو ٻڌي شري ڪرشڻ
جهٽڪو ڏيڻو لامي جهلو، کي ٻڌو ۽ بلرام ڪاوڙجي اُن پهلوان کي
چوڻ لڳو ته ”او مورک ڪمذات! ڪهڙو نه ڳالهائين ٿو؟ هاٿيءَ سوڌو
تو ۾ رو ڪرينداسين.“ پهلوان غصي ۾ اچي جهٽ ئي هاٿيءَ کي ڏرڪ
ڏيئي بلرام جي پاسي هڪليو، تڏهن ئي جو مست هاٿي گرجنا ڪندو
بلرام ڏي ڊوڙيو. بلرام ۾ ٻڪري اچي ته ڦولشو هيس هو هو
هاٿي سونڊ وڌائي ڪڙڪات ڪندو پوئتي هٽيو. اهو حال ڏسي
آئي ويٺل ٻيا پهلوان ڪنبڻ لڳا ۽ من ۾ چوڻ لڳا ته ڪير هنن
ڇوڪرن کي جيتي سگهندو؟ پهلوان ۾ خيال ڪيو ته جيڪڏهن
اڄ هنن ڇوڪرن کي هاٿيءَ هٿان نٿو مارايان ته ڪنس ڪاوڙجي
جيئرو نه ڇڏيندو، انهيءَ زور سان هاٿيءَ کي چوڪ ڏيئي شيام ۽ بلرام
ڏانهن ڊوڙايو. جڏهن هاٿيءَ شيام سندر کي سونڊ ۾ وڪوڙي زمين
تي پڇاڙي ٻنهي ڏندن سان دٻايو، انوقت ديوتائون، گوال ٻال ۽
متراواسي ڏکوان کان شيام سندر جا ڪشل مڃائڻ لڳا. شري ڪرشڻ
ننڍو روپ ڌري هاٿيءَ جي ٻنهي ڏندن وچان نڪري آيو ۽ پوءِ

ڪنس جو شري ڪرشن کي چاڻور ۽ مشٽڪ ذريعي مارائڻ جو رٿڻ

پوءِ بعد ۾ ڪو وقت نندرا ديويءَ جي ڪهڙي [illegible]
جي ڪاوڙ ڪري شري ڪرشن ۽ بلرام کي ڦاهي [illegible]
سڄي پرجا آرام ۾ ڌڪي، ۽ ويچاري ڪنس کي [illegible]
ڏاڍين ڏاڍين سڀنا ڏسڻ لڳو ۽ هن ڪي آزار ڪرڻ [illegible]
ايتري ڪيا پڙائي شڪدي جي هيٺ لڳو ته [illegible] مارڻ لڳو.

جڏهن ڪنس پنهنجي پهلوانن کي سڏ لڳو ته "اي راجا [illegible]
دلگير ٿي من ۾ هيٺ لڳو ته ڪر ڦاهي [illegible]
آهي، تنهنجي پڙهان ته ڪو منهنجو سر سلامت [illegible]
اداسائيءَ ڪري سڀ جو وزيرن کي حڪم ڏنائين [illegible]
ڏاڍ لڪير ڏسڻ آيا آهن ته ڪي ڪيڏو [illegible]
ڪي ۾ پنهنجي لائقيءَ موجب وڙهو ۽ ڪشتي [illegible]
ڪرايو ۽ مان ۾ اچو ٿو اچان." [illegible]
اها آڪيا پائي منترين رڏڪ پرمي جي [illegible]

سيني کي ڪيرائي پنهنجي پنهنجي ليائت [illegible]
چاڻور، مشٽڪ، شل، توشل ۽ ٻيا ڪيترا پهلوان [illegible]
شاگردن سميت آڪاڙي ۾ اچي ڪيا ڦاهي [illegible]
ٽپڻ لڳا. راجا ڪنس به ڦاهيءَ مغروريءَ [illegible]
تي اچي ويٺو. بعد ۾ ٻيا راجائن ڪنس کي [illegible]
پنهنجن جاين تي وڃي ويٺا. انوقت ڪنس چاڻور ۽ مشٽڪ [illegible]
ڪيرائي ڪئي ۾ هيٺ لڳو ته "پهلوانو! [illegible]
آهي جو اوهين شري ۽ بلرام کي ماري [illegible]
ورڪن لائقيءَ جو ڪو عوض ڏيندس." [illegible]
[illegible]
[illegible]

ڪان خوش ٿي ساڻن مٺيون مٺيون ڳالهيون ڪرڻ لڳو. جڏهن
اُهي ٻئي ڪُمندي شري ڪرشن ۽ بلرام رنگ ڀومي جي ڀرئين دروازي
وٽ جتي مهاديو جو ڌنش رکيل هو اچي بيٺا، تڏهن راجا ڪنس
جي ڀاريلن پهلوانن ٻڌايان لشڪري چيو ته ”خبردار! متان ڪي
هن پاسي ايندا آهيو اُتي ئي بيٺا رهو.“ شري ڪرشن اُنهن جي چوڻ
جي ڪا به پرواهه نه ڪري اڳيان وڌيو ۽ مهاديو جو ڌنش، جو تمام
ڳورو ۽ ڏکيو هو، کڻي ٻه ٽڪر ڪري پريان ڦٽو ڪيائين! جڏهن
ڌنش ڀڄڻ جو آواز ڪنس جي ڪن پيو، تڏهن هو شري ڪرشن
کي تمام زبردست سمجهي ڏپ وچان ڪنبڻ لڳو. ديڳانهن جو
هوا رکوال ڌنش جي ڀڄڻ تي شري ڪرشن ۽ بلرام سان وڙهڻ آيا،
جنهن کي هنن ڌنش جي ٽڪرن سان ماري ات آندو.

پوءِ شري ڪرشن بلرام کي چوڻ لڳو ته ”ڀاءُ! گهران نڪتي
گهڻو وقت ٿيو آهي، امان ۽ ٻابا جي اکيون ڪندا هوندا، تنهنڪري
جلدي هتي ماٺ ڪريون.“ ڇڪرا واسي ڌنش جي ڀڄڻ ۽ پهلوانن
جي مرڻ جي ڳالهه ٻڌي خوش ٿي ڪرڻ لڳا ته هي ڇوڪرا ساڌارڻ آدمي نه
آهن پر ڪي ديوتائون ٿا ڏسجن. ورداتا جا ڪيل عجيب آهن،
جو ڪنس جهڙي موت ٻاجهي گهرائي ورو آهي.

لعد، شام جو بلرام ۽ گوالن کي ڇڳا ڪپڙا پهريل ڏسي سمجهيو
ته شري ڪرشن واٽ تي ڌوٻيءَ کان ڪپڙا کسيا هوندا، انڪري چوڻ
لڳس ته ”ڀاءُ! مٿ ته ڌڪاڻ ڪرڻ ڪان سواءِ رهڻ گهرجي. هي
بندرابن ڪونه آهي اُتي جتي گوالن جا ڌڪ ڪر ڪسندا آهن.
هت تنهنجون ڌڪايون ڪيئن نه سهنديون؟“ اهو ٻڌي شيامسندر
وراڻي ڏني ته ”ڀاءُ جي! امان شهر ۾ تمام ڇڪو آهي ڏٺو. اوهين
فڪر ڪونه ڪريو.“ پوءِ ٻئي ڄڻا ڀڄڻ ڪرڻ لڳا.



خوش ٿي کيس آشيرواد ڏيئي روانو ٿيو.

اڃا ٿورو اڳيرو هليا ته ڪبڙيءَ نالي هڪڙي مالهڻ کي ڏٺائون، جا سڳنڌي تيل کڻيو پئي ويئي. ڀڳوان جي اڃا ٿي ته اهو تيل مکي ٿيءَ کي راڄ سڀا ۾ هلجي. انهاءِ ڪبڙيءَ کي سڏي چوڻ لڳا ته ”هي سندري! اسانکي هيءُ تيل مکڻ لاءِ ڏيندينءَ؟“ ڪبڙيءَ شيام سندر جي موهني مورت ڏسي مٿس موهت ٿي پيئي ۽ چوڻ لڳيس ته ”بيشڪ! اوهان جهڙن خوراڪي منشن لاءِ هيڙا تيل آهن ئي. حرڪت ڪانهي جيڪي وڻيو سو بلاشڪ مکيو يا مونکي آگيا ڪريو ته آءٌ پنهنجي هٿن سان مکيانو.“ ڪبڙيءَ جي پريم ڪري ڀڳوان خوش ٿي ڪانئس اهو تيل ورتو. پوءِ بلرام کي چوڻ لڳو ته ”ڀاءُ هن گڏيءَ کي ”سندري“ ڪري سڏيو آهي انهاءِ بهتر ٿيندو جو ڀاءُ پنهنجي چوڻ کي ڀاڻي ڏيون يعني هنجو ڪُبَ لاهي کيس سندري بنايون.“ بس! پوءِ ڪبڙيءَ جي پيرن تي پنهنجا پير رکي ڪاڏيءَ کان زور ڏيئي سندس ٿي ڪُبَ سڌوان ڪري هڪڙي سندر استري ساڪيات اپسرا بنائي ڇڏيائين. ڪبڙي هاڻي پنهنجو سندر سروپ ڏسي ڀڳوان جي پيرن تي ڪري پيئي ۽ پنهنجي گهر هلڻ لاءِ منت ڪرڻ لڳي. ڀڳوان کيس دلاسو ڏنو ته هنوقت اسانکي ڪنس جو ڪبرو رو ڪرڻو آهي، انهاءِ هن وقت نه ٿي سگهي ڪنهن وقت تو وٽ ضرور اچبو. ايترو چئي شري ڪرشڻ، بلرام ۽ گوالن سميت اُتان روانو ٿيو ۽ ڪبڙي شيام سندر جي اچڻ جي واٽ ڏسندي ۽ ڏينهن ڳڻيندي رهي.

ڪبڙي کي سندر روپ بنائي شري ڪرشڻ بلرام ۽ گوالن سميت بازار مان لنگهندو هليو، جتي دڪاندار کيس طرح طرح جون پيتون ڏيئي پنهنجو پريم ڏيکارڻ لڳا ۽ ڀاڻ ۾ انهنجي ڀڳتي




پرش شيام سندر جو درشن ڪري پوءِ سن تباهه جتان جتان شيام سندر
لنگهيو ٿي، اُتان ماڻهو مٿانئن پشپ اُڇلائڻ لڳا. رستي ويندي
شيام سندر هڪڙي رنگريز جي دڪان تي چڙهي ويو، جنهن وٽ
طرحين طرحين رنگن جا ڪپڙا ڪي سڪا پئي ته ڪي هوا ۾ پکڙا رکيا
هوا. اهو رنگريز راجا ڪنس جو خاص رڱيندڙ هو. شيام سندر
رنگريزڪان ڪي ڪپڙا پهرڻ لاءِ گهريا جي هن ڪيس نه ڏنا ۽ چوڻ
لڳس ته ”اوهين ڳوٺاڻا ڳنوار هئڻ راجائي ڪپڙن مان ڇا ڄاڻو.
جاڏي رستو وٺي وڃو متان ڪنس جي آدمين کي خبر پوي جي
جهلي وٺي ڪاٺ نه وجهن.“ شيام سندر ڏٺو ته رنگريز مڃي ٿو،
تڏهن ٻلرام کي اشارو ڪرڻ لڳو ته ڇا ڪجي. ٻلرام ورندي
ڏني ته جهڙي نظر ۾ اچيو اهين ڪريو. وءِ ته رنگريز کي ڏوڙي ڪان
جهليائون جهڪري جو ڪري پيو. رنگريز جو اهو حال ڏسي وٽس
جيڪي ڪرڪندڙ هوا سي دڪان ڇڏي اُٿي ڀڳا. پوءِ شري ڪرشڻ
ٻلرام ۽ گوالن سميت ڏٺون جهڙي ڪپڙا ڪڍي رواڻا ٿيا.

اُتان اڳيرو هليا وائڪ نالي درزيءَ جي دڪان تي چڙهي
ويا، جنهنکي ڪپڙن سبي ڏيڻ لاءِ چيائون. درزي ڏاڍو جريءَ ڀڳت
هو، تنهن اُتي جو اُتي کين ڪپڙا تيار ڪري ڏنا، جي پهري
ڏاڍو خوش ٿيا ۽ درزيءَ کي آشرواد ڏيئي مڪتي پد ڏنائون. اُتان
ٿورو اڳيرو هليا ته سداما نالي مالهي جو گهر ڏسڻ ۾ آين جنهن
۾ سب آندو لسکيون ويا. مالهي هنن کي سٺي پوشاڪ ۽ موهڻي مورت
ڏسي پريم ۾ پرجي کين آدر ڀاءُ ڪري ويهاريو. مالهيءَ ورت ٿلهن
جون مالهاڻون نسکون پيٺون هيون ۽ ڏٺائين ته شيام سندر
ڏري ڏري اُنهن ڏانهن نهاري رهيو آهي. پوءِ سندن منشا ڏسي
آهي مالهاڻون کين ڏنيائين. شري ڪرشڻ مالهيءَ جي شرڌا ڏسي

دروازا هوا جن اڳيان موتين جون جهالرون لٽڪي رهيون هيون. پريءَ کي چوڌاري قلعو هو جنهن جي اڳيان کاهي کوٽيل هئي، جا پاڻيءَ سان ڀريل هئي. محلن جون ڇتيون اهڙيون ته چمڪيون ٿي جو انهن نهارڻ ڏاڍو مشڪل هو. هر ڪنهن مڪان اڳيان ننڍڙو باغيچو هو ۽ شهر جي چئني پاسن وڏا باغ هئا، جن ۾ چڱا ڦل ڦول لڳل هوا. انهن باغن ۾ ڏاڍا فوهارا ۽ ويهڻ لاءِ چبوترا ٺهيل هئا ۽ وڻن تي طرحين طرحين قسمن جي پکين ڏاڍيون لاتيون پئي ڪيون. تلاءَ تمام نرمل جل سان ڀريل هوا ۽ منجهن ڪنول جا گل ٽڙي رهيا هئا، جتي ڀونر گونجي رهيا هئا. گلن جي سڳنڌ چوطرف پکڙجي رهي هئي. مطلب ته سڄي متراءِ ۾ گهر گهر خوشيون ۽ منگلا چار ٿي رهيا هوا. ڀلا جتي پاڻ شيام سندر جنم ورتو ۽ ساکيات لڪشميءَ جا نواس سو اُن پريءَ جي سوڀيا ڪير ورڻن ڪري سگهندو؟

جڏهين شيام ۽ بلرام پريءَ ۾ اندر پهتا، تڏهين متراواسي ڪين ڏسي ڏاڍو پرسن ٿيا ۽ ساري شهر ۾ اها ڳالهه هلي ويئي ته ننڍ ڪمار اچي رهيو آهي، تنهنڪري سڀ پنهنجو ڪم ڪار ڇڏي شيام سندر جي درشن ڪاڻ ڀڄي رهيا. استريون پنهنجن ڀتين تي ٿي بيٺيون ڪي ته گهرن جي درين مان نهاري پنهنجا نيتر پوتر ڪرڻ لڳيون ۽ چوڻ لڳيون ته ”اِهئي آهن شيام ۽ بلرام جنهن اڪرور وٺڻ ويو هو. هي ٻئي ڪنس جا ڀائيٽيا آهن، جن ڪيشي ۽ ٻين دئيتن کي ماري گوڪل ۽ بندرابن ۾ پنهنجي ليلا ڏيکاري آهي. اسانجا وڏا ڀاڳ جئنا جو سندن درشن پراپت ٿيو سين.“ مطلب ته جنهن ٿي شري ڪرشڻ جي اچڻ جو هڏوسا اُماڪ ٿو ڀرندي ٻاهر ٿي آئي ۽ ڪيس اُيتن سيتن ڪپڙن پهرڻ جي به سڌ نه ٿي رهي.“ هي راجا پريکيت! ان ريت سڀ متراواسي استريون توڙي

”هي ڪرپانڌ! اڄوڪي رات منهنجي گهر ۾ پهچي چرڻن
سان پوتر ڪريو. جن چرڻن گوتم جي استريءَ اهليا کي پٿر کان
ڇڏايو، ۽ راجا بلي کي پاتال ۾ راڄ ڏنو، جن چرڻن جي پرتاپ سان
راجا ڀڳيرٿ ڪٺن تپسيا سان پنهنجن وڏن کي تارڻ لاءِ گنگا ندي
مرتيو لوڪ ۾ آندي، ۽ شوجي اُن کي پنهنجي مٿي تي رکيو، انهن
چرڻن کي ڌوئي پيئڻ ۽ پنهنجي مٿي تي رکڻ سان آءٌ پاڻ پنهنجي
ڪٽنب سميت ڪرتارٿ ٿيڻ گهرانئو.“ اِها ڳالهه ٻڌي شيام سندر
اڪرور کي پاسيرو وٺي وڃي چيو ته ”چاچا! سڀاڻي ڪنس کي
ماري بلرام سميت توهانجي گهر ايندس. اڄ سڀني کي ڇڏي
اوڌوت ماڻڻ واجب نه آهي.“ اڪرور اِها ڳالهه ٻڌي ۽
پوءِ ڪنس جي سڀا ۾ وڃي پهتو، جتي هن ڏاڍي آدرڀاءُ سان پنهنجي
پاسي ۾ ويهاريس ۽ ڪانس سربستو احوال پڇڻ لڳو. اڪرور
ورائي ڏنس ته ”هي ڪنس! برج جي مهما ڇا چئي سگهجي. وسي
نند راءِ، ڪرشڻ ۽ بلرام کي وٺي سڀ برجواسي پيٽون کڻي آيا آهن.
۽ شهر کان ٻاهر باغيچي ۾ اچي لٿا آهن. سڀاڻي راڄ سڀا ۾ اچڻ
جو لهرائو ڪيو اٿن.“ ايترو ٻڌي ڪنس ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چوڻ
لڳو ته ”هي اڪرورا! تو مون تي وڏي مهرباني ڪئي جو ڪرشڻ ۽
بلرام کي پاڻ سان آندءِ. هلو! هاڻي گهر وڃي آرام ڪر.“ اڪرور
گهر موٽي آيو ۽ ڪنس شيام ۽ بلرام جي مارڻ جي تجويز ڪرڻ لڳو.“

هي راجا پريکت! جڏهن سڀ ماڻهو پڄائي ويا، تڏهن شيام ۽ بلرام
نند کي چوڻ لڳا ته ”پتاجي! جي توهان جو حڪم ٿئي ته اسين
مٿرا وڃي گهمي ڏسي اچون.“ نند کين موڪل ڏني ۽ پوءِ ٻه
گوالن سان گڏجي مٿرا پريءَ ڏي هليا. پريءَ ۾ اندر وڃڻ سان
کين خوبصورت جايون ڏسڻ ۾ آيون، جنجا سونا رتن سان جڙيل

سنسار کي سڀني سمان سمجهي اوهانجي ئي گڻن جو ڳان ڪند
وڌن. پلا! جڏهن وڏا وڏا يوگي، گياني، تپسوي ۽ خود شيس شارد
بر اوهانجا گڻ پوريءَ طرح ورڻن نٿا ڪري سگهن، تڏهن مون
آگيانيءَ کي ڪهڙي طاقت آهي جو اوهانجي مهما ورڻن ڪري سگهان.
ڏينان جو ناٿ دين ديال آهي، تنهنڪري مون کي پنهنجو داس
ڄاڻي منهنجي هردي ۾ جا اپمان ۽ اگيان جي گنڍ آهي تنهنکي
گيان روپي آگ سان جلايو ۽ اهڙو ڪو گيان اُپديش ڪريو،
جنهنڪري سڀ وقت اوهانجي ئي شيوا پوڄا ۾ لڳو رهان."
هي راجا پريڪيت! جڏهين اڪرور اها ستوتي پوري ڪئي
تڏهين شري ڪرشڻ جمنا جل ۾ انترڌان ٿي ويو ۽ اڪرور پاڻيءَ
کان ٻاهر اچي شيام ۽ بلرام کي رٿ تي ويٺو ڏسي ڏچندو ڪنبندو
وٽن آيو. سندس اهڙو حال ڏسي سري ڪرشڻ پڇڻ لڳس ته
"هي چاچا اوهين ڇو ڏچي رهيا آهيو؟ ۽ سنان ڪرڻ وقت
ڏري ڏري مٿو پاڻيءَ کان ٻاهر پئي ڪڍيو ۽ اسان ڏانهن نهاري
وري ٽپي ٿي هنيو ۽ هيتري دير ڪيو سو ڇو؟ اوهان جمنا جل ۾
ڪو عجب تماشو ته ڪونه ڏٺو؟" اڪرور اها ڳالهه ٻڌي هٿ جوڙي
چوڻ لڳو ته "هي انترجامي! مون جيڪا اوهان مهما جل اندر
ڏٺي سا ورڻن ڪرڻ کان ٻاهر آهي." اهو ٻڌي شري ڪرشڻ کلي
چيس ته "چڱو پلا! اچي رٿ ۾ چڙهو ته هلون، ڇو ته اڃان گهڻو
پنڌ ڪرڻو پيو آهي." پوءِ اڪرور سر نمائي رٿ ۾ چڙهي رٿ هلائڻ لڳو.
هيڏانهن نند ۽ ٻيا جيڪي کانئن اڳي ويا هوا سي مٿرا جي
نزديڪ هڪڙي باغ ۾ اچي لٿا هوا ۽ شيام بلرام جي اچڻ جي واٽ
ڏسي رهيا هوا. جڏهين شري ڪرشڻ اُتي پهچي رٿ مان لٿو،
تڏهين اڪرور هٿ جوڙي کيس وينتي ڪري چوڻ لڳو ته

جي ڏاليَ ڪن ٿا سا سڀ اوهانکي ئي پهچي ٿي ۽ مرڻ بعد سڀ
جيو اوهانجي روپ ۾ ملي وڃن ٿا. جيئن جل جا جيو پنهنجو
حال ڄاڻن، تئين برهمانڊ جا جيو مايا جي وس ٿيڻ توهانکي نٿا
سڃاڻن. هي پورڻ پرميشور! نرمل روپ!! توهين سڀني لوڪن جا
ڪرتا ڌرتا آهيو، فقط گيتن، براهمڻن ۽ ڌرمي ڀڳتن کي سک ڏيڻ ۽
اڌرمين کي ناس ڪرڻ لاءِ اوتار ڌارڻ ڪريو ٿا. هي جوتي سروپ! اوهان
متسيه روپ ڌاري ويدن کي پاتال مان ڪڍيو ۽ ٻيگريو اوتار
وٺي مڌ ڪيٽڀ دئيت کي ماريو ۽ سمنڊ ولوڙڻ وقت ڪڇوئين
جو اوتار ڌاري مندراچل پربت کي پٺيءَ تي کنيو ۽ وراهه اوتار
ڌاري هرڻاڪش دئيت کي ماري پرٿوي کي پاتال مان ٻاهر ڪڍيو.
نرسنگهه روپ ڌاري هرڻ ڪشيپ کي ماري پرهلاد ڀڳت جي رکيا
ڪيو. وامن اوتار وٺي ديوتائن جو ڀاو ڪيو، پرسرام اوتار ڌاري
اڀماني کيترين کي ناس ڪيو. شري رامچندر جو اوتار وٺي
اڌرمي راوڻ جو انت آنديو ۽ وڀيشڻ کي اوڌ راج ڏنو. اڄ
آءٌ اوهانجي انهن اوتارن کي وارون وار نمسڪار ڪريان ٿو. اوهان
جي ڌيان ڪرڻ سان ئي جيو ڀوساگر لنگهي پار وڃي ٿو. اوهين
منشن کي سنساري مايا ۾ ڦاسائي اهڙو تماشو اهڙو ڏسو ٿا جهڙو آرسيءَ
۾ آدمي پنهنجي شڪل ڏسي ٿو. آما! هن سنساري مايا جار مان
ڇٽڻ اوهانجي ڪرپا کان سواءِ ڏاڍو ڪٺڻ آهي. اوهانکي پوڄا
اڻيڪ قسمن سان ٿئي ٿي. ڪي اوهانجي مورت ٺاهي پوڄا ڪندا،
ڪي اوهانجي چرڻن جو ڌيان ڪندا، ڪي اوهانجي ڏالي ڀڳتيءَ ۽ ڌرم
ڪندا، ڪي جهنگل ۾ وڃي ايڪانت ۾ اوهانجي تپسيا ۽ ڌيان
ڪندا، ڪي گرهستي ٿي ٻه سچي من سان اوهانجو ڌيان ۽ سمرڻ
ڪري ڀوساگر پار لنگهي وڃن ٿا. ڪي اوهان سان پريت رکي

سنسار کي سڀني سمان سمجهي اوهانجي ئي ڳڻن جو ڳان ڪند
وڃن. ڀلا! جڏهن وڏا وڏا يوگي، گياني، تپسوي ۽ خود شيس شاردا
به اوهانجا ڳڻ پوري طرح ورڻن نٿا ڪري سگهن، تڏهن مون
آگيانيءَ کي ڪهڙي طاقت آهي جو اوهانجي مهما ورڻن ڪري سگهان.
اوهان جو ناءُ دين ديال آهي، تنهنڪري مون کي پنهنجو داس
ڄاڻي منهنجي هردي ۾ جا ايمان ۽ اگيان جي ڳنڍ آهي تنهنکي
گيان روپي آگ سان ڇاڙيو ۽ اهڙو ڪو گيان اُپديش ڪريو،
جنهنڪري سڀ وقت اوهانجي ئي شيوا پوڄا ۾ لڳو رهان.“

هي راجا پريکيت! جڏهين اڪرور اها ستوتي پوري ڪئي
تڏهين شري ڪرشڻ جمنا جل ۾ انترڌان ٿي ويو ۽ اڪرور پاڻيءَ
کان ٻاهر اچي شيام ۽ ٻلرام کي رٿ تي ويٺو ڏسي ڏڇندو ڪنبندو
وڃڻ آيو. سندس اهڙو حال ڏسي سري ڪرشڻ پڇڻ لڳس ته
”هي چاچا اوهين ڇو ڏڇي رهيا آهيو؟ ۽ سنان ڪرڻ وقت
ڌري ڌري مٿو پاڻيءَ کان ٻاهر ڪڍيو ۽ اسان ڏانهن نهاري
وري ٽٻي ٽي هڻيو ۽ هيتري دير ڪيو سو ڇو؟ اوهان جمنا جل ۾
ڪو عجب تماشو ته ڪونه ڏٺو؟“ اڪرور اها ڳالهه ٻڌي هٿ جوڙي
چوڻ لڳو ته ”هي انترجامي! مون جيڪا اوهان مهما جل اندر
ڏٺي سا ورڻن ڪرڻ کان ٻاهر آهي.“ اهو ٻڌي شري ڪرشڻ کلي
چيس ته ”چڱو ڀلا! اچي رٿ ۾ چڙهو ته هلون، ڇو ته اجان گهڻو
پنڌ ڪرڻو پيو آهي.“ پوءِ اڪرور سر نمائي رٿ ۾ چڙهي رٿ هلائڻ لڳو.

هيڏانهن نند ۽ ٻيا جيڪي ڪانئن اڳي ويا هوا سي مٿرا جي
نزديڪ هڪڙي باغ ۾ اچي لٿا هوا ۽ شيام ٻلرام جي اچڻ جي واٽ
ڏسي رهيا هوا. جڏهين شري ڪرشڻ اُتي پهچي رٿ مان لٿو،
تڏهين اڪرور هٿ جوڙي کيس وينتي ڪري چوڻ لڳو ته

جي ڏاليَ ڪين ٿا سا سڀ اوهانکي ئي پهچي ٿي ۽ مرڻ بعد سڀ
جيو اوهانجي روپ ۾ ملي وڃن ٿا. جيئن جل جا جيو پنهنجو
حال نٿا ڄاڻن، تيئن برهمانڊ جا جيو مايا جي وس ٿيڻ توهانکي نٿا
سڃاڻن. هي پورڻ پورش! نرمل روپ!! توهين سڀني لوڪن جا
ڪرتا ڌرتا آهيو، فقط گيان، براهمڻن ۽ دري ڀڳتن کي سکر ڏيڻ ۽
اڌرمين کي ناس ڪرڻلاءِ اوتار ڌارڻ ڪريو ٿا هي جوتي سروپ! اوهان
متسيه روپ ڌاري ويدن کي پاتال مان ڪڍيو ۽ شنکر بو اوتار
وٺي مڌ ڪيٽڀ دئيت کي ماريو ۽ سمنڊ واوڙڻ وقت ڪڇون،
جو اوتار ڌاري منڊ راچل پروت کي پٺيءَ تي کنيو ۽ واراه اوتار
ڌاري هرڻاڪش دئيت کي ماري پرٿوي کي پاتال مان ٻاهر ڪڍيو،
نرسنگه روپ ڌاري هرڻ ڪشيپ کي ماري پرهلاد ڀڳت جي رکيا
ڪيو، وامن اوتار وٺي ديوتائن جو ڀاو ڪيو، پرشرام اوتار ڌاري
ايمالي کيترين کي ناس ڪيو. شري رامچندر جو اوتار وٺي
اڌرمي راوڻ جي انت آنديو ۽ ويڀيشڻ کي اوڌ راڄ ڏنو. انلاءِ
آءٌ اوهانجي انهن اوتارن کي وارون وار نمسڪار ڪريانٿو. اوهان
جي ڏيان ڪرڻ سان هي جيو پوساگر لنگهي پار وڃيٿو. اوهين
منشن کي سنساري مايا ۾ ڦسائي انجو تماشو انهن ڏسو ٿا جيئن آرسيءَ
۾ آدمي پنهنجي شڪل ڏسي ٿو. آها! هن سنساري مايا جار مان
ڇٽڻ اوهانجي ڪرپا کان سواءِ ڏاڍو ڪٺڻ آهي. اوهانجي پوڄا
انيڪ قسمن سان ٿئي ٿي. ڪي اوهانجي مورت ٺاهي پوڄا ڪندا،
ڪي اوهانجي چرڻن جو ڏيان ڪندا، ڪي اوهانجي ڳالهه ٻڌي ۽ جپ
ڪندا، ڪي جهنگل ۾ وڃي ايڪانت ۾ اوهانجي تپسيا ۽ ڌيان
ڪندا، ڪي گرهستي ٿي ٻه سچي من سان اوهانجو ڌيان ۽ سمرڻ
ڪري پوساگر پار لنگهي وڃن ٿا، ڪي اوهان سان پريت رکي

سنسار کي سڀني سمان سمجهي اوهانجي ئي ڳڻن جو ڳان ڪندا
وتن. پيا! جڏهن وڏا وڏا يوڳي، گياني، تپسوي ۽ خود شيس شارڌا
به اوهانجا ڳڻ پوريءَ طرح ورنن نٿا ڪري سگهن، تڏهن مون
اگياني کي ڪهڙي طاقت آهي جو اوهانجي مهما ورنن ڪري سگهان.
ڏوهان جو ناو ڏين ڏيال آهي، تنهنڪري مون کي پنهنجو داس
ڄاڻي منهنجي هردي ۾ ڀا ايمان ۽ اگيان جي ڳنڍ آهي تنهنکي
گيان روپي آڳ سان جلايو ۽ اهڙو ڪو گيان اُپديش ڪريو ،
جنهنڪري سڀ وقت اوهانجي ئي سيوا پوڄا ۾ لڳو رهان."

هي راجا پريکيت! جڏهن اڪرور اها استوتي پوري ڪئي
تڏهن شري ڪرشڻ جمنا جل ۾ انترڌان ٿي ويو ۽ اڪرور پاڻيءَ
کان ٻاهر اچي شيام ۽ بلرام کي رٿ تي ويٺو ڏسي ڏچند وڪسندو
وڃي آيو. سندس اهڙو حال ڏسي سري ڪرشڻ پڇڻ لڳس ته
"هي چاچا اوهين ڇو ڏچي رهيا آهيو؟ ۽ سنان ڪرڻ وقت
ڏري ڏري مٿو پاڻيءَ کان ٻاهر ڪڍيو ۽ اسان ڏانهن نهاري
وري ٽٻي ٿي هنيو ۽ هيتري دير ڪيو سو ڇو؟ اوهان جمنا جل ۾
ڪو عجب تماشو ته ڪونه ڏٺو؟" اڪرور اها ڳالهه ٻڌي هٿ جوڙي
چوڻ لڳو ته "هي انترڊامي! مون جيڪا اوهان مهما جل اندر
ڏٺي سا ورنن ڪرڻ کان ٻاهر آهي." اها ٻڌي شري ڪرشڻ کلي
چيس ته "چڱو پيا! اچي رٿ ۾ چڙهو ته هلون، ڇوته اڄان گهڻو
پنڌ ڪرڻو پيو آهي." پوءِ اڪرور سر نمائي رٿ ۾ چڙهي رٿ هلائڻ لڳو.

هيڏانهن نند ۽ ٻيا جيڪي ڪانئن اڳي ويا هواسي متّرا جي
نزديڪ هڪڙي باغ ۾ اچي لٿا هوا ۽ شيام بلرام جي اچڻ جي واٽ
ڏسي رهيا هوا. جڏهن شري ڪرشڻ اُتي پهچي رٿ مان لٿو،
تڏهين اڪرور هٿ جوڙي کيس وينتي ڪري چوڻ لڳو ته

کي رٿ ۾ وهاري پاڻ سنان ڪرڻ ويو. شري ڪرشڻ اُن م
نند کي چيو ته ”توهين گوال ٻالن کي وٺي اڳيان هلو ته اسين
اڪرور سان گڏ جي اچرتا جو هو سنان ڪرڻ ويو آهي.“ ايتر
پڻي نند گوالن سميت اڳتي وڌيو ۽ اڪرور جڏهن ٿي پاڻي ۾ ٽٻي
هڻنئين تڏهن ئي شري ڪرشڻ کي پاڻيءَ اندر ڏٺائين. عجب ۾ پئجي
پنهنجو منهن ٻاهر ڪڍيائين ته شري ڪرشڻ کي رٿ ۾ ويٺو ڏٺائين.
انهيءَ تي وري ٻه ٽٻيون هنيائين، تڏهن ٻه ساڳيءَ ريت ڏٺائين. جڏهن
ٽيون دفعو ٽٻي هنيائين ته ڇا ڏسي جو شري ڪرشڻ سانوري صورت
۽ موهني مورت لڪشمي سميت آديشڻ (ڦڻا) پهري ڪيسر ۽
چندن جو تلڪ لڳائي گلي ۾ ڪوستڀ مڻي ۽ ويجنتي مالا
وجهي پيتامبر پهري چتر ڀوڄ روپ ڌاري، شنک، چڪر، گدا ۽ پدم
هٿن ۾ جهلي شيش ناگ تي ويٺو آهي، جهنڪري ڏاڍو سندر
ڏسڻ اچي رهيو آهي. ۽ وري ڇا ڏسي ته برهما، شو، اندر، ورڻ،
ڪبير ۽ ٻيا ديوتائون، رشي مني ۽ ڀڳت جن شري ڪرشڻ جي
سامهون هٿ جوڙي ستوتي پيا ڪن. اپسرائون ناچ ڪري رهيون
آهن ۽ گندهرو راڳ، ڳائي رهيا آهن. اُن مهل ڪنهن شري ڪرشڻ
تي چنور پئي لوڏيا ته ڪنهن واس ڌوپ پئي ڪيو ته ڪي وري
سندس اڳيان وارون وار نمي رهيا هوا. جڏهن اڪرور اها سڀ
مهما جل اندر ڏٺي، تڏهن سندس پريم متاجي ويو ۽ شري ڪرشڻ
کي پرميشور جو اوتار سمجهڻ لڳو ۽ پوءِ پاڻ ٻه ستوتي ڪرڻ لڳو ته
”هي ناٿ! اوهين ٽنهي لوڪن جا مالڪ ٿي جنم مرڻ کان رهت
آهيو. ڪنهن ۾ به اهڙي سمرٿي ڪانهي جو اوهانجي ليلا ۽ آد انت
جو ڀيد ڄاڻي سگهي. جڏهن نديون ۽ ڌاريون جو پاڻي وهي وهي سمنڊ
۾ ملي ٿو، تڏهن سنساري آدمي جيڪا پوڄا ۽ دان وغيره ديوتائن

۾ جي نه سگهندو سين." وري اڪرور کي چوڻ لڳيون ته "هي
اڪرور! هي ڪهڙو ظلم تو ڪيو جو موهن پياري کي پاڻسان
وٺيو وڃين. خبر ڪانه اٿيئي ته هن بنا اسان جو جيئڻ ڪيئن
ٿيندو؟ اڪرور لفظ جي معنيٰ ٿي دياوان آهي، پر هن قسم
جي بي رحمي ڪري تو موهن پياري کي ولي وڃين؟ ياد رکه!
ته جهڙو ڏک اسان کي راڄا ڪنس ڏني تو، تهڙي ئي دو سکت
پائيندو." گوپيون اڃا اهڙي ئي پئي چيو ته شيام ۽ بلرام اڪرور
سان گڏ رٿ ۾ چڙهيا. بس! پوءِ ته گوپيون اچي ورلاپ ڪرڻ
۾ لڳيون جن کي ڏسي اهڙو ڪهڙو سنگدل هوندو جنهن جي اکين
مان اُن وقت ڳوڙها نه ڳڙيا هوندا! اڪرور ڪان اهي ورلاپ
ٻڌڻ سگها نه ٿيا، تنهن ڪري رٿ کي تکو هلائڻ لڳو. اڪرور
پنهنجو رٿ هلائيو ۽ نند گوالن سميت پٺيان هليو. گوپيون
۽ يشودا رٿن ڏانهن نهاريندي رهيون، جيستائين هو سندن نظر کان
غائب نه ٿيا. پوءِ بلڪل اداس ٿي گهر ڏانهن موٽيون. ڏيڏانهن
اڪرور دل ۾ خيال ڪندو هليو ته "مون ڏاڍو بڇڙو ڪم ڪيو
جو شيام ۽ بلرام جي مارڻ جي تجويز ٻڌي به اُنهن کي پاڻ سان
وٺيو ٿو وڃان. جڏهن ڪنس، شيام ۽ بلرام کي ماريندو، تڏهن
سڀ برج باسين جن کي ڏسندو ورلاپ ڪندو ۽ روئندو، جڏهن
آئيو اُهيان سي خبر نه آهي ته ڪهڙا پاراڻ ڏيندا جنهن ڪري ڪهڙو
نرڪ ڀوڳڻو پوندو."

شري ڪرشن اڪرور جي اندر جو حال ڄاڻي ويچار ڪيو ته
اڪرور مون کي ٻالڪ سمجهي منهنجي مارڻ جو شوڪ ٿو
ڪري، تنهن ڪري ڪيس چمتڪار ڏيکاري اُن شوڪ مٽائڻ جي.
جڏهن اڪرور جمنا جي ڪناري تي اچي پهتو، تڏهن شيام ۽ بلرام

ڪنس جو ڀيڻو وسديو ۽ اهو ڀيڻوئي اڃا آهي. جڏهن ورشاسر
دئيت اوهانجي هٿان مارجي ويو، تڏهن نارد جي ڪنس کي
اوهانجي هٿان سندس موت ٿيڻ جو احوال اچي ٻڌايو ۽ چيائينس ته
اوهين حقيقت ڪري وسديو ۽ ديوڪي جا پٽ آهيو. بس!
پوءِ ته نارد جي وڃڻ بعد پاپي ڪنس وسديو ۽ ديوڪي کي ڪٺي
قيد ڪيو آهي ۽ اوهانجي مارڻ وڃڻ جي ڀاڻي اوهانکي ڏنش پکيه
۾ گهبرائڻ لاءِ موڪلي هيٺ اهين موڪليو اٿس."

اها ڳالهه ٻڌي شري ڪرشڻ ٻلرام ڏانهن نهاري کليو ۽ نند کي
چوڻ لڳو ته "پتا جي! اڪرور ٻڌائي ٿو ته مهاراجا ڪنس جي
آڪيا موجب ڌنش يگيه جي اتسو ڏسڻ واسطي پاڻ کي گهرايو
آهي، جنهنڪري ساڻس ضرور گڏجي وڃڻ گهرجي. اوهانکي ۾
نينهن موڪليو اٿس. تنهنڪري پاڻ گڏجي وڃون ۽ اتي ڏسون مزو."

تنهنڪري نند جي راجا پرڪيت اند شري ڪرشڻ جي ڳالهه ڪيترائي ڏنوا آهن
سيني گوالن کي چوائي موڪليو ته راجا ڪنس ڌنش يگيه جي اتسو
ڏسڻ واسطي اسان سيني کي گهرايو آهي. انهيءَ سببان سڀاڻي صبح جو
سيئي گوال کير ڏڌ ۽ مکڻ وغيره کڻي متراءِ ڏانهن هلن. گوپين
۾ اڪرور جي اچڻ جي ڳالهه ٻڌي ڪيترائي وڻن وانگر چپ ٿي
جو هو ته شري ڪرشڻ به متراءِ وڃڻ سو ويندو. واه ويهاريجي ويٺي.

ٻئي ڏينهن صبح جو سڀ گوال مکڻ وغيره کڻي اچي
دروازي وٽ آيا، جتي اڪرور، ٻلرام کي ٻڌائي ساڻ ونيو
ٻهراڻ جي تياري ڪري رهيو هو. سڀ گوپيون شري ڪرشڻ جي
چوڌاري ڏسي دک سان چوڻ لڳيون ته "هي نراڻا ڀرا! اوهين
اسانکي ڇڏي ڪيئن متراءِ ويندو؟ اسين اوهان کا

ڪين پيدا ٿيو آهي، تڏهن ڪان يادون کي دک ملڻ لڳا آهن ۽ سندس ملت جي تون کي ترسموري سڌ آهي مان وڌيڪ ڇا ٻڌايان؟"

شري شڪديو جي چوڻ لڳو ته "هي راجا پريڪيت! اڳ ڏينهن ننڊ ۾ پيا ڪوپ آکرو ڪان متر ا جو حال ٻڌي پنهنجي پنهنجي گهر ڏي ويا تڏهن شيام ۽ ٻلرام، جيڪو ويچار وارو ٿي اڪرو ڪندو آيو تي اڙوني سنمان سندس ڪري انڪان پڇيائون ته "هي چاچا! تو هين ديا ۽ پريت ڪري اسانکي ڏسڻ آيا سو ته تمام چڱو ڪيو، پر تو هين اسانجا وڏا ڪي اسان اولاد جي پيڙن تي جو ڪري هاڻ اسانکي پاپ لڳايو؟ اسانکي ته اوهانجي سيوا ڪرڻ گهرجي. ڀلا ٻڌايو ته متر ا واسي ته خوش پرسن آهن نه؟ ۽ اسانجا مادا پتا وسديو ۽ ديوڪي ته آنند منگل ۾ آهن؟ راجا ڪنس اسانجو ماموجو وڏو پاپي پيدا ٿيو آهي ۽ جو ڪنهن پرادمڻ ۽ يادون کي دک ڏيئي ستائي رهيو آهي ۽ وسديو ۽ ديوڪي کي قيد ۾ رکيو اٿس، انڪري اسان کي ڏاڍو رنج آهي. سچ پڇو ته هڻ ويچاران اسان واسطي ايترو دک پوکيو آهي جو جيڪڏهن ڪو اسانکي گوڪل ۾ آڻي لڪائي نه ها ته فولد ايترو دک ته پائڻ ها. وڏي عجب جي ڳالهه ته هي آهي جو ديوڪي جي ڇهن ٻچن مارڻ ۽ ٻين ڪرڻ تي به اڃا ڪنس جو من اڃا ڪرڻ کان نه ٿي پري ٿئي. ڪرپا ڪري ٻڌايو ته اوهان جو هت اچڻ ڪيئن ٿيو آهي؟ ۽ راجا ڪنس ڪهڙي وقت اوهانکي ڇا چئي هيڏانهن موڪليو آهي."

ڇا چئي هيڏانهن موڪليو آهي." ته "هي ونڪنڌ نات ايترو ٻڌي آکرو ڪرت جوڙي وينتي ڪئي ته "هي ونڪنڌ نات الترجامي پربو!! ڪنس جي ڪرتين جو حال اوهانکان ڪهڙو ڳجهو آهي ۽ ڪهڙا چڱا ٻڌايان. ڪنس، وسديو ۽ آکرسين کي مار ڪيو آهي، پر هو اڃا اوهانجي ڪرپا سان جيئرا آهن

شري ڪرشڻ جي اڪرور جي سيوا ڪرڻ ۽ ڪانس ڪٿان منڪل پڇڻ

چاري ڪلندو بندرابن وٽ اچي پهتو. اڪرور ان مهل ڪڏهن
شري ڪرشڻ جي تہ ڪڏهن بلرام جي چرنن تي سر رکي
طرح ڀيٽجي اکين جي آڏو سان انهيءَ هوءَ ڏوڙي، جڏهن
سنساري جيو مهاتمائن جي اچڻ تي دل سان انهن جا هوءَ ڏوڙيندا
آهن. پوءِ هٿ جوڙي هوءَ چيو تہ ”هي مهاراج! آءُ اڪرور
ياد ونسي اوهانجو پاهون آيو آهيان.“ شري ڪرشڻ ۽ بلرام اڪرور
کي وڏو سنمان ڏئي انجو هٿو پڪڙي ڪٺي ۽ اڪرور
ٺيڪ ٺيڪ کي ويهاريو ۽ ڪيس ڀيٽجي ڏئي جي ٻہ سڌ
نہ رهي هئي. تنهنڪري بلرام انجو هٿو پڪڙيائون هٿن سان مٿي
ڪٺي چاڙهي ڏاڍي آدر ڀاءُ سان آڏر ڪري وٺي ويهاريائون
ڏاڍي پيار سان ڪيس ڪڏيو. شري ڪرشڻ اڪرور کي آسڻ
تي ويهاري پڇيائون هٿن سان ان جا هوءَ ڌوتا ۽ اڪرور
شرمندو ٿي پڇيائين هو ڏوڙيائين ۽ شام سندر امرت جهڙي هوءَ
اڪيس تہ ”هي ڀاءُ! توهين ڀلا سڀان آيو، تنهنڪري اوهانجي
سيوا ڪرڻ اسان تي فرض آهي.“ پوءِ ڏاڍي پيار سان اڪرور کي
چڱي ڀت کارائي ۽ پان سوپاري ڏيئي پوءِ سنگ ڪرائون. ڪاڏي
ڪيس مڪڙون ۽ پوڙهون ڏيئي اکين. پوءِ شري ڪرشڻ ۽ بلرام
اچي ويٺا ۽ ويٺي پنهنجي ڪٿان سماچار پڇڻ لڳا ۽ ويا ڪيس
هوا جي ڪٿي طرح پالنا ڪري ۽ اوهان پڇڻ لڳا ۽ ڏاڍا ڪيس
”اسين تہ سمجهون ٿا تہ ڪنس اڃا تائين جيئرو آهي ۽ مٿو
ڪنو ٻرائيندو ۽ پورا ڪري انهي حال ڪنڪ ڏکن ڏيندو سندس
پانڻ ڀيڻ جي اوڏي ۽ ڀيئنات ڀلا ڏاڍا ٻاراڻ ڪيترائي ڪي ڪندو
رهي آهي؟“ اڪرور ڏٺو ڪهڙي رتي ڪري تہ ”ڪنس

خبر ڏآهي تہ ڪهڙو اڄوڪو ڇوڪرو ڪيو اڳ جنهنجي ڳالهہ ڪري
آهن جرڻن جو وڃي درشن ڪندس، جن مان گنگا جي وهي
نڪتي لوڪن کي تاري رهي آهي. آها! جن چرڻن جو ڌيان برهما،
ديوتائون ۽ رشي مني آلتي پلتي ڪري رهيا آهن، تن هي رج اَج آءُ
پنهنجي مستڪ تي رکي پوساڪر ڪان يا. ايڪ...
ست سنگر ڪرڻ ڪري تري پار پوندا
پاڪ پلو تہ آهي جو ڪنس جي
وٽ وڃان ٿو ۽ پڪ آهي تہ انهيءَ
سان تي سڀني ايڪ جيمن جا
حقيقت ڪري موتي ڏاڍي ڏيا
موڪليو اٿس. اڄ موڪلي
ڪري سمجهان ٿو تہ ضرور وڃ
آ!! جن روپ ڌرڻ واسطي
تپسيائون ڪن ٿا، تنهنکي
پنهنجو جنم سڦلو ڪندس. ٿا
آهن جرڻن جي رج مٿي تي
پنهنجو ديا جو دٽ موتي
جو وڏ پاڪي پڻ ڪنهنکي ڏ
ڪي ڪنس جو سچو ٻچو حال
پڪت وتس، موڪلي ضرور ڏن پوساڪر
جڏهن آڪرور اڄوا وسهار ڪندو بندرابن جي ويجهو آيو
پهتو، تڏهن نمي پڙوءَ کي پيرن پوڻ لڳو ۽ سڀ گوپيون گوال
سندس سچي پريت ڏسي پنهنجي پريم جو دٽ وساري ويا.
ايتري ۾ پيرن مرلي منوهر، بلرام ۽ گوالن سميت ڏن مان ڪاٿيون

ڪمڪل موهي ايسا داري
ڪو نام ڪن ماه آڌاري
پرڪو نام ڪن پيھ جون ڪريب تهي تري
جا هرڪو نام ڪوٽ پاپ هر هري
گوورمڪ نام جپہ من ميري
نانڪ پاوھ سو ڪہ گهيري.
٣
ڪمڪل سرشٽ ڪو راجا دڪيئل
هرڪو نام جپت هوہ سکيئا
لک ڪروڙي بڌن پوئي
هرڪا نام جپت نستري
انڪ مايا رنگ تک ادھ پدھاري
هرڪا نام جپت اگهاري
جہ مارگ اھ جات اڪيلا
تہ هرڪا نام سنگ هوت سهيلا
ايسا نام من سدا ڌيائي
٨

ڏٺيءَ جو ڪرشنو مٿي تنهنجو ئي لوڪ توڙي پرلوڪ ٿئي وڃن
ٿا.“ پوءِ ڪنس کان موڪلائي گوال روپ ڌري جتي شريڪرشڻ
گوالن سان ويٺي راند ڪندي، اُتي اچي هٿ جوڙي شريڪرشڻ
کي چوڻ لڳو ته ”مهاراج ! آءٌ به توهان سان راند ڪندس.“
مرلي. منوهر هنکي يڪدم سڃاڻي ورتو ۽ چوڻ لڳس ته ”چڱو!
ٻالڪ جيڪا راند چئين سا توسان ڪريان.“ ڪپٽ روپي گوال
(ويوماسر) چوڻ لڳس ته ”جيئن ٻگهڙ ٻڪريءَ کي پٺيءَ تي کڻي ڀڄي
ويندو آهي، تئين هرڪو ڇوڪر ٻئي کي کڻي ڀڄي.“ مرلي منوهر
اِئين ڪرڻ قبول ڪيو. پوءِ ته هو ڪپٽ روپي گوال ڪيترن
ڇوڪرن کي کڻي غار ۾ لڪائي آيو ۽ اُنجي دروازي تي پٿر جي
وڏي ڇپ رکي آيو. جڏهن اهڙيءَ طرح ڪري سڀني گوالن
کي غار ۾ لڪائي رکي آيو، تڏهن شريڪرشڻ کي اڪيلو ڏسي للڪاري
چوڻ لڳو ته ”هي شريڪرشڻ ! اڄ توکي سڀني يادون ۽ ٻرج واسين
سميت ماري، راجا ڪنس جي ڇاتيءَ جو ٻار هلڪو ڪندس.“
ائين چئي پنهنجو روپ بدلائي اصلي صورت ۾ اچي هُن ني
شريڪرشڻ تي اُلر ڪيائين، تڏهن ڀڳوان ڪيس ٽڙيءَ کان
جهلي لتن ۽ ٺونشن سان خوب ماري سندس پراڻ ڪڍيا. پوءِ گوالن
کي غار مان ڪڍي آيو. اُن وقت ديوتائون خوش ٿي شيام سندر
تي آڪاش مان گلن جي ورکا ڪرڻ لڳا. شام جو مرلي منوهر
مرلي وڄائيندو گوالن ٻالن سان گهر موٽي آيو.“

هي راجا پريڪيت ! ڪيشيءَ ۽ ويوماسر جي مرڻ بعد ڪجهه
ڏينهن اڪرور، ڪنس جي آگيا سان بندرابن ڏانهن روانو ٿيو.
وات تي ويچار ڪرڻ لڳو ته ”افسوس! سڄو جنم مون کان ڪو به
چڱو ڪم نه ٿيو، سبب جو هن اڌرمي ڪنس جي سنگت ۾ گذاريم.

دئيتن کي ماريندا ۽ سورڻ جا ارڪسو ڪنيائون جيڪي اُن
پنهنجي وڏن ڪرڻ واسطي ڪڏ ڪيون آهن، اُهن سان اوهانجو وواهه
ٿيندو ۽ رڪمڻي جي اڇا پوري ڪرڻ "ششپال ۽ ٻين راجائن کي
ديئي اُنسان شادي ڪندا. اچ ڪان نٿي ڏيهن راڄ ڪنس کي
توهانجي مٿان مثل ڏسندس ۽ ياد رهوئي مان ڀاڄات وٽ آڪي
سڌو پاڻا پنهنجي استري جي ڪمر لڳائيندا ۽ راجا ڦرڪن کي ڪرڪت
(سانوي) جي چوڙ ڪان ڇڏائي مڪتي ڏيندا ۽ جاموت جي ڪنيا
آڻي اُنسان وواهه ڪندا. جي مها ڀروا ڪنس جي آڌرمن ڪري
سيئڻ ياد ۽ ڪٿو برادمن ڏاڍو دکه پائي رهيا آهن، انهاءِ ڪرپا ڪري
ڀرٿوي جو ڀار اُتاريو. جي ديا ساگر! مان اوهان کي سڄاڻي اوهان
جي شرڻ آيو آهيان، ڇو ته اوهانجي آهر ڀارليلا کي ڪوبه ڄاڻي سگهي
تو. موڪلي ايا چڱي پرسڪ آهي ته اوهين ڪٿو برادمڻن جي رکپا ڪرڻ،
ڌرمي پاٽن کي سکه ڏيڻ، دئيتن ۽ آڌرميين کي مارڻ واسطي واروار وار
اوتار وٺي ڀرٿوي جو ڀار اُتاريو ٿا."

چوندي ئي شري ڪرشن جي ستوتي ڪري اڌرمي شر ڪرن ڪان
موڪلائي برهم لوڪ ڏاهين هليو ويو، ٻئي ڏينهن ٻندراٻن ٻهاري گوالپالن
سان وڃي راند ڪرڻ لڳو. هيڏانهن راجا ڪنس جوش ۾ اچي وڪيوماسر
کي ڪمرائي چوڻ لڳو ته "هي مٿرامون شبارا ٻاڙا مرجي مارڻ لاءِ
جيڪي دئيت موڪليا تن سڀني کي اُن ماري ڇڏيو ۽ منهنجون
سڀ رٿون مٿان اُلٽ پلٽ ڪري وڌيون آهن. ڏاڍي موڪلي
تو ۾ ئي فلطا وڏو آسرو آهي، انهاءِ تون ٻندراٻن ۾ وڃي منهنجو ڪم
پورو ڪري اچ ته مان توهنجو عمر ڀر احسان منيندس." وڪيوماسر
ورندي ڏنيس ته "مهاراج! اوهان ڏان سڄو شرير منهنجو قربان
آهي ۽ اوهانجو حڪم ڏيکڻ ۾ مڃڻ لاءِ تيار آهيان، جو سيوڪ پنهنجي

شري ڪرشڻ جو ڪيشي دئيت کي مارڻ ۽ نارد جي ستوتي ڪرڻ

ته مرلي منوهر کي هڻان، تنهن ئي مهل سندس پير جهلي ڦيرائي
ڦيرائي ائين ڪڍي زمين تي اڇلايس، جنهن گرڙنانگ کي. هوش ۾
اچڻ کان پوءِ هو گهوڙي روپ راڪشس وات ڦاڙي شيام سندر
ڏانهن ڊوڙندو آيو، انهيءَ ارادي تي ته کيس وڃانس. اُن مهل
شري ڪرشڻ پنهنجي ٻانهن لوهه جهڙي سخت ڪري اُن جي
وات ۾ وڌي ۽ جنهن ئي دئيت ٻانهن کي ڏندن سان چٻاڙي
ڇڏيائينس، تنهن ئي سندس سڀ ڏند ڀڄي پيا. پوءِ ته شيام سندر
پنهنجا هٿ ايترا وڌايا جو دئيت کي سام ڪڍڻ ڏکيو ٿي پيو ۽ بيهوش
ٿي زمين تي ڪري پيو ۽ مري ويو. دئيت جي مرڻ بعد ديوتائون
خوشيون ڪرڻ لڳا ۽ آڪاش مان ڦل وسائڻ لڳا. بندرابن واسي
اهو حال ڏسي آنندوچون ڀڳوان کي ڇتي ويا ۽ چوڻ لڳس ته
”تو هن دشت کان اسانجو پراڻ بچايو نه ته بچڻ ڏاڍو ڪٺڻ هو.“
راجا ڪنس ڪيشي جي مارجڻ جو ٻڌي بيهوش ٿي ويو.
هيڏانهن دئيت کي ماري شيام سندر ڪڙي وڻ هيٺان وڃي
ويٺو، جتي نارد جي سندس ستوتي ڪري چوڻ لڳو ته ”هي ترلوڪي ناٿ!
چڱو ٿيو جو اوهان هن زبردست ڪيشي دئيت کي ماريو. آءٌ ڏسان
ٿو ته چاڻور، مشتڪ، شل ۽ توشل پهلوان، راجا ڪنس پنهنجي ڀائرن
سميت، دنت وڪر اُنهن جا مائٽ سڀ مڙدي سمان ڏسڻ ۾ ٿا
اچن ۽ اهو به ڏسڻ ۾ ٿو اچي ته اوهين پنهنجي گروءَ سانديپن جي
مئل ٻالڪ کي جم پريءَ مان موٽائي وٺي ايندا. هي مادو مڪند!
جراسنڌ ۽ ششپال وغيره آدمي راجائن ۽ راڪشسن کي ماري،
ارجن آڪشهو ڻيون جوڌن جون مهاڀارت جي يدهه ۾ ناس ڪرائيندا.
۽ هي دين ديال! سمندر ۾ دوارڪا پري وسائي پانڊون کي لوڪ
پرلوڪ جو سک ڏيندا. هي مڪند مراري! ڪال يون ۽ ويو ماسر

ڇڏيندو ۽ سوبه موت کان نه بچندو. اِنهاءِ جيڪو چاڻو آهي سو هڪ ڏينهن اوس مرندو. پڪو ڪين اٿو ته بندي جي من ۾ هڪڙي ته صاحب جي من ۾ ٻي. اوهان جيڪي ويچار ڪري رکيو آهي، خبر نه آهي ته پڪوان جي اُنهي ڪهڙي مرضي آهي. جڏهن نه مرڻ وقت منش پنهنجا هٿ پير پيو ڇنڊيندو آهي، تڏهن اوهانجو به حال ٿو ڏسجي. مان اوهانجي حڪم موجب ڪرشن ۽ ٻلرام کي وٺي ايندس، پر ياد رکو ته اُنهن سان دشمني ڪرڻ ڪري اوهانجو ڀلو ڪونه ٿيندو."

شري شڪديو جي چوڻ لڳو ته "هي راجا پريڪشت! شيام سندر ڪيشي ۽ ڀوماسر دئيتن کي ڪئن ماريو ۽ ناردمني ڪئن اچي ستوتي ڪئي سو سڀ توکي ٻڌايان ٿو. جڏهن ڪنس ڪيشي دئيت کي شيام ۽ ٻلرام لاءِ موڪليو، تڏهين هو هڪڙي تمام وڏي زبردست گهوڙي جو روپ ڌاري صبح جو سوير ٻندرابن ۾ اُنهن جي اڳيان آيو. ڏاڍي خوشي مان پنهنجو پڇ ڇنڊي ۽ سنبن سان زمين اکوڙڻ لڳو. گهوڙي کي ڏسندي سڀ گوال ٻال ڀڄي ويا ۽ پنهنجو پراڻ بچائيندو ڏسي شري ڪرشن وٽ وڃي سمورو احوال ڪنس ٻڌايائون. شيام سندر ڪن ڌاري ويٺي چيو ته "اوهين وڃو نه مان پاڻهي اُنکي ماري اوهان جي چنتا دور ڪندس."

پوءِ ڪيشي دئيت کي للڪاري چوڻ لڳو ته "هي ڪپتي راڪشس! جڏهن تون خاص منهنجي مارڻ واسطي آيو آهين، تڏهن ٻين غريبن کي ڇو ٿو ڊيڄاري ستائين؟ منهنجي سامهون اچ ته ڀلا تنهنجي طاقت جي ڪل پوي. آءٌ ته سمجهان ٿو ته، جهڙي بتيءَ تي پتنگ، اچي پاڻهي اُنهي جلي مرندو آهي، تيئن تنهنجو به حال ٿيڻو آهي." اهو ٻڌي ڪيشي دئيت ڪرودهه ۾ ڀرجي شيام سندر ڏانهن دوڙندو آيو ۽ پنهنجا اڳيان ٻئي پير کڻي جڏهن ته پالڻهار

چاڻي آندر جي ڳالهه تو ٻڌايان ۽ تہ وسديو جي پٽن ڪرشڻ ۽ بلرام
کان مونکي رات ڏينهن پنهنجي پراڻن جو ڊپ رهندو آهي، جا توکي
بہ سڌ هوندي ۽ اِنلاءِ ڪا تجويز ڳولي ڪڍ ۽ منهنجي سهائتا ڪر.
چڱا ماڻهو ٻئي جي ڀلي لاءِ پاڻتي ڏک ڪڻندا آهن. آڪاش واڻي ٿيڻ ۽
ناره جي چوڻ موجب مونکي پڪ آهي تہ ديوڪيءَ جو اٺون ٻالڪ
مونکي ضرور ماريندو، پر تڏهين بہ پڇندي سارو بيماريءَ کان ڇٽڻ
واسطي علاج ضرور ڪرڻ گهرجي. مون اِنهن ٻنهي ڇوڪرن جي
مارڻ واسطي جا تجويز ڪئي آهي سا بہ ٻڌ: مونوٽ اچڻ مهل ڀريئن
جڳهہ تي ڏنش توڙڻ مهل منهنجن پهلوانن هٿان ماريا ويندا. جي
اُتان بچي آيا تہ ٻيءَ جاءِ تي هاٿي ڪين پيرن سان لتاڙي ماريندو.
پر جي هاٿيءَ وٽان بہ بچي رنگ ڀوميءَ ۾ آيا تہ چاڻور ۽ مشٽڪ،
جن سان دنيا ۾ ڪو بہ برابري نٿو ڪري سگهي، سي اُنهن کي
ضرور ماريندا. پر ڏسو جي اُنهن کان بہ بچي مونوٽ اچي پهتا
تہ آءٌ ڪين ماري من ڪامنا پوري ڪندس. پوءِ اُنهن کي مارڻ
بعد وسديو ۽ ديوڪيءَ کي، جي اِن زهر جي پاڙ آهن، ماريندس.
تنهن کان پوءِ پنهنجي پيءُ اُگرسين ۽ سڀني يادون کي ماريندس،
جنهنڪري سڄي دنيا مان هري ڀڳتن جي پاڙ پٽجي ويندي. پوءِ
پنهنجي سهري جراسند، ٻاڻاسر ۽ دنت وڪر راجائن سميت
خوشيءَ سان راج ڪندس."

اِهي ايمان ڀريل ڳالهيون ٻڌي اڪرور چيس "هي ڪنس مهاراج!
اوهان کي مٺيان نہ لڳي تہ ڪڙي ڳالهہ چوڻ جائي آهي تہ مان
اوهانجو حڪم بجاءِ آڻيندس، پر ويچار ڪريو تہ راوڻ ڪيتي ونہ پرتاپي
راڄا هو، جنهن مرتيو کي بہ پنهنجي وس رکيو هو ۽ اِندر وجرنالي هٿيار
پاڻوٽ رکندو هو، جنهن سان وڏن پهاڙن کي بہ ٽڪر ٽڪر ڪري

کي ڪمن ڀائي ياڳوت گهرايان ٿو ۽ اوهين ڪشتي وڙهي انهن کي مارجو، ته مان گهڻو انعام ڏيئي راضي ڪندو سانو.“ پوءِ پنهنجن وزيرن کي چوڻ لڳو ته ”اهڙي ڪا تجويز ڪڍو جنهنڪري شيام ۽ بلرام ٻئي مري وڃن.“ وزيرن ٿنهني ورائي ڏنس ته ”مهاراج! اوهان جهڙي پرتاپي ۽ بلوان کي ڇو ڊڄڻ کپي؟ اسانجي صلاح آهي ته اوهين ڪنهن ڪشتي جي جاءِ ٺهرايو، پوءِ نند کي شيام ۽ بلرام سميت ڪنهن ڀائي مت گهرايو ته پوءِ ڪو ڪو پهلوان انهنکي ماري وجهندو.“ اها ڳالهه ٻڌي ڪنس پنهنجي نوڪرن کي ڪشتيءَ جي وڙهڻ جو ڪڙو وڏو استان ڏاڍو لاءِ چيو، جتي هڪڙو تمام مٿاهون ڦلهو پنهنجي ويهڻ لاءِ به ٺهرايائين. پوءِ شهر ۾ ڍنڍورو گهمارايائين ته راج مندر وٽ مهاديو جي ڌنش يگيه جي پوڃا ٿيندي، اتي سڀڪو اچي. جيئن انهن وزيرن کي چوڻ لڳو ته ”جڏهن ڪرشڻ ۽ بلرام يگيه شالا وٽ پهچن، تڏهن پهلوان انهنکي ڌنش توڙڻ واسطي چون ۽ جنهن مهل ٻئي ڄڻا اُن ۾ ٻڌي ڌنش ڪٽڻ جي ڪن ته اُن مهل اچي پهلوان کين ماري وجهن. جيڪو پهلوان ايئن ڪرڪندو تنهنکي مان ڏاڍو گهڻو انعام ڏيندس. هڪڙي دروازي تي هاٿيءَ کي بيهاريو، جو جيڪڏهن ٻئي پهلوان وٽان جيئرا ٻچي اندر اچن ته اُهو هڪڙي لماري سان پنهنجن پيرن هيٺ لتاڙي ماري ڇڏين ۽ اِن کان اڳيون وري مشهور پهلوان هٿيار ڪڍي ويٺا هجن، جنهنڪري ٻئي ڇوڪر موٽڻ ڪري ڀڄي نه سگهن.“ اهو حڪم ڏيئي ڪنس ويچارڻ لڳو ته هاڻي ڪنهنکي موڪلجي جو وڃي تجويز ڪري انهنکي وٺي اچي. تڏهن اڪرور کي تمام پڪو ياران سمجهي سڏ ڪري هٿ وٺي ڪري چوڻ لڳو ته ”هي اڪرور! مان تو کي پنهنجو پيارو مترو

ڄاڻي آندر جي ڳالهه تو ٻڌايان ۽ تہ وسديو جي پٽن ڪرشن ۽ بلرام
کان مونکي رات ڏينهن پنهنجي پراڻن جو ڊپ رهندو آهي، جا توکي
بہ سڌ هوندي ۽ انهن ڪا تجويز ٻولي ڪئي ۽ منهنجي سهائتا ڪر.
چڱا ماڻهو ٻئي جي ڀلي لاءِ پاڻتي ڏک ڪڍندا آهن. آڪاش واڻي تيئن ۽
نارد جي چوڻ موجب مونکي پڪ آهي تہ ديوڪيءَ جو اٺون ٻالڪ
مونکي ضرور ماريندو، پر تڏهن بہ پڇندي سارو بيماريءَ کان ڇٽڻ
واسطي علاج ضرور ڪرڻ گهرجي. مون انهن ٻنهي ڇوڪرن جي
مارڻ واسطي جا تجويز ڪئي آهي سا بہ ٻڌ: مونوت اچڻ مهل ڀرين ۽
جڳهہ تي ڏنش توڙڻ مهل منهنجن پهلوانن هٿان ماريا ويندا. جي
اُتان بچي آيا تہ ٻئي جاءِ تي هاٿي کين پيرن سان لتاڙي ماريندو.
پر جي هاٿيءَ وٽان بہ بچي رنگ ڀوميءَ ۾ آيا تہ چاڻور ۽ مشٽڪ،
جن سان دنيا ۾ ڪو بہ برابري نٿو ڪري سگهي، سي انهن کي
ضرور ماريندا. پر ڏسو جي انهن کان بہ بچي مونوت اچي پهتا
تہ آءٌ کين ماري من ڪامنا پوري ڪندس. پوءِ انهن کي مارڻ
بعد وسديو ۽ ديوڪيءَ کي، جي انهن زهر جي پاڙ آهن، ماريندس.
تنهن کان پوءِ پنهنجي پيءُ اُگرسين ۽ سڀني يادون کي ماريندس،
جنهن ڪري سڄي دنيا مان هري ڀڳتن جي پاڙ پٽجي ويندي. پوءِ
پنهنجي سهري جراسند، ٻاڻاسر ۽ دنت وڪر راجائن سميت
خوشيءَ سان راڄ ڪندس."

اهي ايئن پريل ڳالهيون ٻڌي اڪروُر چيس "هي ڪنس مهاراج!
اوهان کي منيان نہ لڳي تہ ڪڏي ڳالهہ چوانو جا هيءَ آهي تہ مان
اوهان جو حڪم بجاءِ آڻيندس، پر ويچار ڪريو تہ راوڻ ڪيڏو نہ پرتاپي
راجا هو، جنهن مرتيو کي بہ پنهنجي وس رکيو هو ۽ اندر وجرڻالي هشيار
پاڻ وٽ رکندو هو، جنهن سان وڏن پهاڙن کي بہ ٽڪر ڪري

کي ڪنهن ٻهاني ياڳوت ڪرايان ٿو ۽ اوهين ڪشتي وڙهي اُنکي
ماريو، ته مان گهڻو انعام ڏيئي راضي ڪندو سانو." پوءِ پنهنجن
وزيرن کي چوڻ لڳو ته "اڄڪ ڪا تجويز ڳولي ڪيو، جنهنڪري
شيام ۽ بلرام ٻئي مري وڃن." وزيرن ڪٿهتي ورائي ڏنيس ته
"مهاراج! اوهان جهڙي پرتاپي ۽ بلوان کي هو ڏهڻ ڪهڙي؟ اسانجي
صلاح آهي ته اوهين هڪڙي ڪشتي جي جاءِ ٺهرايو، پوءِ نند کي
شيام ۽ بلرام سميت ڪنهن ٻهاني هت گهرايو ته پوءِ ڪو ڏ ڪو
پهلوان اُنهنکي ماري وجهندو." اها ڳالهه مڃي ڪنس پنهنجي
نوڪرن کي ڪشتي جي وڙهڻ جو هڪڙو وڏو استان ٺاهڻ لاءِ
چيو، جتي هڪڙو تمام مڪانون ڏٺو پنهنجي ويهڻ لاءِ ٺهرايائين. پوءِ
شهر ۾ ڍنڍورو گهمارايائين ته راڄ مندر وٽ مهاديو جي ڌنش جڳهه
جي پوڄا ٿيندي، اُتي سڀڪو اچي. جنهن انهن وزيرن کي
لڳو ته "جڏهن ڪرشن ۽ بلرام جڳهه شالا وٽ پهچن، تڏهن پهلوان
اُنهنکي ڌنش توڙڻ واسطي چون ۽ جنهن مهل هو آيمان ۾
ڌنش ڪڍڻ جي ڪن ته اُن مهل اُهي پهلوان ڪين ماري وجهن.
جيڪو پهلوان ايو ڪم ڪندو تنهنکي مان ڏاڍو گهڻو انعام ڏيندس.
هڪڙي دروازي تي هاٿي کي بيهاريو، جو جيڪڏهن هو پهلوانن
وٽان جيئرا ٻچي اندر آهن ته اهو هٿي هڪڙي اماري سان پنهنجي
پيرن هيٺ لتاڙي ماري ڇڏين ۽ ان کان اڳيرو وري هٿيار
پهلوان هٿيار ڪٺي وٺا هجن، جنهنڪري هو ڇوڪرا موٽي ڪنهن
۾ رت ٻچي نه سگهن." اهو حڪم ڏيئي ڪنس ويچارڻ لڳو
ته داڳي ڪنهنکي موڪليجي جو وڃي تجويز ڪري اُنهنکي ولي
اچي. تڏهن اڪرور کي تمام پنڊيوان سمجهي سندس وڏائي
ڪري چوڻ لڳو ته "هي اڪرور! مان توکي پنهنجو پيارو متر

سمجھ ته وسديو جي ڇوڪري، جا تو پٿڻ تي پڇاڙڻ ٿي پٽيين جا پوءِ تنهنجي هٿن مان پاڻ ڇڏائي آڪاش ۾ اڏامي ويئي، سا ڇوڪري نه هئي، ۽ شري ڪرشڻ تنهنجي ڀيڻ ديوڪيءَ وٽ قيد خاني ۾ جنم ورتو هو جنهن کي وسديو پنهنجو پٽ سمجهي اڌ رات جو نند جي گهر پهچائي آيو هو. ٻلرام به وسديو جو پٽ اٿيئي اُن کي يوگ مايا ديوڪيءَ جي پيٽ مان ڪڍي روهڻيءَ جي پيٽ ۾ وڌو هو ۽ اُن جي بدلي اُنا ڇڏ ڪري ڪڻي ڌپ ڪري روهڻيءَ کي نند جي گهر موڪلي ڏنو هو جتي ٻلرام پيدا ٿيو هو. مون توکي شروع ۾ چاڻ ڪري ڇڏيو هو ته ديوڪيءَ جي ٻارن کان هوشيار رهج، پر ڀاڳ اقسمت جو لکيو ڪير ٽو ميٽي سگهي. هاڻي به جيڪي توکان ٿي سگهي سو اکتي لاءِ ڪوشش ڪج." ايڏا ڳالهه ٻڌي ڪنس پهريائين ته ڌپ وچون ڪنبڻ لڳو، پر پوءِ ڪاوڙجي وسديو ۽ ديوڪيءَ کي پاڻ وٽ گهرائي کين ڏاڍو ڌمڪائڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو ته "هي ڪپٽيو! مون سان ڪپٽ ڪري ٻارڪ نند جي گهر پهچايا اٿو." پوءِ ترار ڪڍي پانيائين ته ٻنهي جو سر وڍي ڇڏيان ته نارد ڪيس هٿ کان جهلي چوڻ لڳو ته "ڀائي! هنن کي مارڻ مان ڇا هٿ ايندءِ. مار اُنکي، جنهن کان توکي ڌپ آهي." پوءِ ڪنس ٻنهي کي هٿڪڙيون وجهي قيد خاني ڏانهن موڪليو ۽ نارد موڪلائي هليو ويو.

نارد جي وڃڻ بعد ڪنس ڪيشي نالي تمام ٻلوان دئيت کي گهرائي ڪيس مدد واسطي وينتي ڪرڻ لڳو ته "هڪدم برج ۾ وڃي ڪرشڻ ۽ ٻلرام کي ماري اچ." ڪيشي ايڏا ڳالهه ٻڌي بندرابن ڏانهن ويو ۽ ڪنس چاڻور، مشٽڪ، شل ۽ توشل نالي وڏن پهلوانن کي گهرائي چيو ته "آءٌ وسديو جي ٻنهي شيطان ٻلرام

دروازا بند ڪري شري ڪرشڻ کي مدد لاءِ پڪارڻ لڳا. اُنوقت شيامسندر ٻلوان سان ڳاليون چاري موٽيو ۽ ڄڏهن برجواسين جو اهو حال ڏٺائين، تڏهين سيني کي ڏيرج ڏيئي چوڻ لڳو ته ”متان ڪي ڊڄندا آهيو، مان هيئنر جو هيئنر دئيت کي ماري ٻر ٻري ٻهڃايان ٿو.“ ائين چئي ورشياسر جي ساموهون وڃي ڪنس للڪاري چوڻ لڳو ته ”هي ڪپٽي! تون برجواسين کي ڇو ڊيڄاري رهيو آهين؟ منهنجي ساموهون اچ ته خبر ڏيکاريانءِ. ڪنڪان اڳ ته جيڪا ڪيئين مون کان ڇڏيا، سو تون ڪهڙي ڳڻپ ۾ آهين.“ ورشياسر شري ڪرشڻ کي ڏسنديئي ڏاڍو ٻرسن ٿيو ۽ خيال ڪيائين ته جنهن ڪم واسطي آيو آهيان سو رستي ۾ ئي ملي ويو. هاڻي اهو ٿو سندس ڪم پورو ڪري ڪنس وٽان انعام پايان. اهڙو ويچار ڪري جڏهن ئي ڊوڙيائين ته شري ڪرشڻ کي سڱن تي چاڙهي سندس آنت آڪٽيائين، تنهن ئي مرلي منوهر سڱن کان جهلي اهڙو ته زور سان ڪٽي زمين تي اڇلايس جو هو بيهوش ٿي زمين تي پئجي رهيو. پوءِ ته سندس پيرن تي بيهي رکي اهڙي طرح لپوڙڻ لڳس جو دئيت جي وات ۽ نڪ مان رت ريلا ڪري وهڻ لڳو ۽ هو مري ويو. اهو حال ڏسي سڀ برجواسي ڏاڍو خوش ٿيا ۽ ديوتا ۽ آڪاش مان گلن جي ورکا ڪرڻ لڳا.“

هي راجا پريکشت! جڏهن ڪنس کي ورشياسر جي مارجي وڃڻ جي خبر پيئي، تڏهن اُداس ٿي پڪ سمجهيائين ته منهنجو موت ضرور ڪرشڻ جي هٿان ئي ٿيڻو آهي. جڏهن ئي ڪنس اُداسائي ۾ ويٺو هو، تڏهن ئي نارد مني وٽس آيو جنهنجو ڏاڍو آدرڀاءُ ڪيائين. نارد تڏهين چوڻ لڳس ته ”هي ڪنس! خبر اٿئي ته ورشياسر ۽ راڪشسن کي ڪنهن ماريو؟ تون منهنجي ڳالهه ڪ

اسان ۾ اهڙي سمرٿي جو سنڌس برابري ڪري سگهون ؟ اوچين
اهڙي تپسيا ۽ ڏکر ڏاڪڙا سهو ته پوءِ ڏسو ته شيامسندر اوهان سان
ٻه ساڳي اهڙي پريت رکي ٿو يا نه ؟ مرلي منوهر جو ملڻ ڪا سوکي
ڳالهه ڪانهي. ۽ وري اوهين جو مرليءَ سان دشمني رکو ٿيون ۽
ساڻس حسد ڪريو ٿيون، اُنهان اوهانکي ڪو ڦل نه ملندو."
وري ڇيين چوڻ لڳي ته "اڙيون ڳهيليون! بنسي شيامسندر
جي چپن جو امرت پي امر ٿي ويئي آهي، تنهنڪري پنهنجا ٻول
ٻڌائي اسانکي گيان سيکاري ٿي."

هي راجا پريڪيت! اهڙيءَ طرح سڀ گوپيون شيامسندر جي
ياد گيري ڪري پنهنجو ڏينهن گذاريندڀون هيون ۽ شام جو جڏهن
ڪانيون چاري بنسري وڄائيندو شيامسندر گهر ڏانهن موٽندو هو،
ڏڌ هن دو گوپيون ڏاڍي پريم سان ڊوڙي سنڌس درشن ڪري
پنهنجا نيتر پوتر ڪنديون هيون ۽ سنڌس چرڻن جي رج مستڪ
تي رکي ڪرتارٿ ٿينديون هيون.

هڪڙي ڏينهن راجا ڪنس ورشپاسر ديئت کي گهرائي چيو ته
"آءٌ توکي سڀني ديئتن منجهه زبردست سمجهان ٿو، انڪري جيڪڏهن
تون نند جي پٽن ڪرشڻ ۽ بلرام کي ماريندين ته آءٌ تنهنجو اهو
ٿورو ڪڏهين نه وساريندس." اها ڳالهه ٻڌي ورشپاسر هڪڙي
وڏي ڍڳي جو روپ ڌاريو ۽ پنهنجن وڏن سڱن سان رنبيندو
لعل اکيون ڪندو پڇ لٽڪائيندو ساڻيهين جي ميل بندرابن
۾ اچي پهتو. غصي وچون اهڙيون ته رڙيون ڪرڻ لڳو جو
ڪيترين استرين جا گرڀ ڪري پيا. کُرن سان زمين کوٽيندو
۽ سڱن سان وڻن کي ڪيرائيندو شري ڪرشڻ جي ڳولا ۾ ٿي ڪهيو.
ٻيل جي اهڙي حالت ڏسي سڀ گوال ٻال ڊڄي ويا ۽ ڪهڻ جا

"مائي! مون ڪاٺ جي بنسيءَ جو ڀڙو ٿو پاڪ سمجهڻ گهرجي جا
اُلٽي هوشيار سنڌ ري جهڙن سان لڳي رهيتي ۽ موهن پيارو اوڙاڻ مٺا آواز اُنهن
ڪڍي ٿو جو سيني جو چت ٻاهڻ ڏانهن ڪشش ٿيو وڃي. ڀلا جنهن
آواز تي برهما ۽ ديوتائون موهت ٿي وڃن، اُنهي آسان جهڙين
مورکه ذاتون مسن، ته ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي؟ آها! هن مرليءَ
۾ ته ڪو جادو ڀريل آهي جو پسون پنهنجو چرڻ ۽ ڇڪي اڏامڻ ۾
ڀلجيو وڃن. وري اِها بنسري آهي ڪهڙي چيز، جو جنهن وقت
شري ڪرشڻ کي ڪنهنجي گهرجي پوي ته اما لڪ پاڙون گهرائو
وانيس. جڏهن جمنا جل جو ٻاهڻي اِن مرليءَ جي آواز تي ٻيو وڃي
۽ وڻن جا پن لڏڻ يا چرڻ ڇڏي ڏين، تڏهن جهڙن آهي. جي
ڪهڙي ڳالهه آهي." ٻي ڪوپي چوڻ لڳي ته "آءٌ ڏيهن ڏينهن سمجهيو
ويٺي هيس ته شيام سنڌر رڪو ڀارا ڏين ڳالهيون ۾ ٻيو آهي، ۽ هيڏو
خبر پئي ته سندس ڇهڙو ڳائڻ وڄائڻ ۾ هوشيار ڪو ڪولي هولدو."
وري ٽين ڪوپي چوڻ لڳي ته "هي مرلي شيام سنڌر کي اهڙي
ته پياري آهي، جو رات ڏينهن جائيءَ تي رکيو ويٺو اٿس ۽ وڏي ڪا
تهسيا ڪئي تي ڏسجيس، جهڙڪري موهن کي پنهنجي وس ۾
ڪري ڇڏيو اٿس." چوٿين ڪوپي چوڻ لڳي ته "ڀيڻون! اِن
۾ مرليءَ جو ڪهڙو ڏوهه آهي؟ اِها سڀ شيام سنڌر جي ڪٺورتائي
آهي جو اسانجي پريت ڇڏي ڪري گهٽ ذات ڪاٺ جي بنسي
سان نيهن لڳايو اٿس." پنجين چوڻ لڳي ته "مائي! او هين
بنسيءَ کي نيچ ڪولي رهيون آهيو، پر هنجي تهسيا ڏانهن ۾
ته ڪا نظر ڪريو جو ويچاري جنهن ٻاني ڪڙي پير تي بيهي سرديون
گرميون ۽ برساتون سهي پنهنجي بدن ۾ تنگ ڪرايا ايترن ڏکن
ڏسڻ ڪان پوءِ تي ته شيام سنڌر کي پنهنجي وس ڪيو اٿس؟ آهي

اُتي آيو. چوڌاري ڏسي تہ شيام سندر ۽ ٻلرام بنسي وڄائي رهيا آهن ۽
بنسيءَ جي ڌن تي سڀيئي برج ٻالڪ مرڻجي رهيا آهن. اِدا
ڳالھ ڀڪش ڪان سني ۽ ويٺي سو ٻالڪن جو ڪن گوپين کي
ڦاسائي ھڪ پاسي وٺي ويو. ڀالڪي جيستائين بنسيءَ جو آواز گوپين
جي ڪن تائين پيو آيو، تيستائين تہ اُهي اهڙيون بي سرتيون هيون جو
پنهنجي ڦاسي وڃڻ جي ڪا بہ سڌ ڪانہ پين، پر جڏهن اُها مرلي
وڃڻ تي بنسيءَ جو آواز ٻڌڻ نہ آين، تڏهن سڃاڻپ تي ٻالڪي ڦاسيءَ
۾ ڦاٿل ڏسي رڙيون ڪرڻ لڳيون. شيام ۽ ٻلرام اُنهن جي پڪار تي
ڊوڙي وٽن آيا ۽ ڀڪش سندن ٻالڪ ڪري گوپين کي ڇڏي
ڀڳو. پوءِ تہ شيام سندر ڊوڙي وڃي شنکچوڙ کي جھليو ۽
اهڙي تہ زور سان مڪ هنيائينس جو هو اُماڪ ڪرام شرط ٿي ويو
گوپين کي ساط ڪري آنند سان پنهنجي گهر آيا.“

شري شڪديو جي چوڻ لڳو تہ ”هي راجا پرڪيت! اُن کان
پوءِ هر روز شيام سندر پنهنجيون نيون ليلائون ڏيکاري برجواسين
کي آنند ڏيڻ لڳو، پر گوپيون پنهنجي ڪُٽنب جي ڊپ کان
شيام سندر وٽ ڏينهن ۾ نہ وڃي هر روز اُنهيءَ وقت ۾ وڃي سگهن
رهنديون هيون. ڪي گوپيون ڀنوڊا وٽ وڃي شيام سندر جون
ڳالهيون ٻڌي من کي شانت ڪنديون هيون. ڪي وري سورج ڀڳوان
کي هٿ جوڙي جلد لهڻ لاءِ وينتي ڪنديون هيون، انهيءَ
لاءِ تہ شيام سندر سنجهيءَ جو گهر موٽي ايندو. ڪي تہ ڀڳوان جي
سندرتائي جو ڌيان ڪري اُن ئي مگن ويٺيون هونديون هيون.
ڪي رُئنديون هيون تہ ڪيترين ٻين کي سمجهائڻ جي لڳنديون
هيون تہ ”پيتڙيون! رڙ ماڻ جا ڪرڻي؟ هاڻي آيو تہ شيام سندر
جون ليلائون ياد ڪري ڏينهن گذاريو.“ ڪري گوپيون چوڻ آيون تہ

پڇيو، جنهن تي چوڻ لڳو ته "هي انترجامي! اوهان کي ته سڀ
سڌ آهي، پر تڏهن به اوهان جي آڳيان پرماڻي پڌرائي ٿو ته مان سدرشن
نالي هڪڙو وديادر ديوتا هوس ۽ پنهنجي دولت ۽ سندرتائي ۾
پڌي ٿي ايمان ڪري ٻاهر گهمڻ ڪندي ۽ ڪين سمجهندو
هوس. هڪ ڀيري ته چڙهيو پر ديوتائن به منهنجي عزت ڪندا هوا.
هڪڙي ڏينهن جڏهن مان ٿي گهمي سير ڪري رهيس، تڏهن
انگراشي کي جو ٻلڪل بدشڪل ۽ ڪڪو هو، ڏسي کل ڪري
ويس. رشي انهي تي ڪاوڙجي سراپ ڏنو ته "اجگر نانگ ٿي پئو."
جڏهن مون اهو سراپ ٻڌي ايراد ڪيا ڪرائڻ لاءِ گهڻي وينتي
ڪئي، تڏهن چوڻ لڳو ته "سراپ ته ڪين ڦرندو باقي ڪنهن وقت جڏهن
جڏهن شري ڪرشن ڀڳوان اوتار وٺي پنهنجو چرڻ توکي لڳائيندو،
تڏهن تون وري پنهنجي سروپ ۾ ايندين." بس! اُن ڏينهن کان
وٺي مان اوهان جي چرڻن جو پياسي هوس ۽ جاڳي واٽ نهاري رهيس، انهي لاءِ ته اوهان جو درشن ملي. هي ديناناٿ! اوهان
ديا ڪري پنهنجو درشن ڏنو، جنهن اوهان جي درشن ڪارڻ
وڏا وڏا رشي مني هزارين ورهيه تپسيا ڪن ٿا. آءٌ وڏڀاڳي آهيان جو
انگراشي جي پرتاب ڪري اوهان جي چرڻن جو سپرش ٿيم. اِن
اُپڪار ڪري انگرا جو هميشه شڪرگذار رهندس. سچ چيو اٿن
ته مهاتمائون ڪڏهن به ڪنهن جو برو نٿا چاهين. انگراشي پڇتائي
جي عوض مونسان ڀلائي ڪئي." ائين ڀڳوان کي پرڻام ڪري
وٺي وڃي پنهنجي لوڪ ڏانهن هليو ويو. صبح جو نند ۽ سڀ
گوپ گوپيون پنهنجي گهر موٽيا.

هڪڙي ڏينهن شام جو آرام سهائي رات جو پنهنجي وٽان
برج بالائن سان راس رچي ڪئي ته شنکچوڙ نالي هڪڙو ديت کين گهيرڻ ...

شري شڪديو جي چوڻ لڳو تہ ”هي راجا پريکيت! هڪڙي ڏينهن نند سڀني گوپن ۽ گوالن کي چيو تہ شري ڪرشڻ جي جنم وقت مون اِها سکا ڪئي هئي تہ جڏهن ٻه ٻارهن ورهن جو ٿيندو تڏهن آءٌ اوهان سڀني کي ڏهاڻ ڏماڻ ۽ واڄن گاڄن سان امبڪا ديويءَ جي مندر ۾ وٺي هلي پوڄا ڪندس. اڄ ٻهارڪيءَ جي ڪرپا سان اهو ڏينهن آيو آهي، تنهنڪري سڀني کي هلي اُتي پوڄا ڪرڻ گهرجي.“ نند جي اِها ڳالهہ ٻڌي سڀئي خوش ٿيا ۽ پوءِ سڀ گڏجي ڳائيندا وڄائيندا، ميوا مٺايون ۽ پوڄا جو سامان کڻي سرسوتيءَ جي ڪناري تي اچي پهتا جتي سنان ڪري براهمڻن کان وڏيءَ سان ديويءَ جي پوڄا ڪرايائون. پوڄا ٿيڻ بعد ڪيترو ئي دان ڪري براهمڻن کي ڀوڄن ڪرايائون. پوڄا ڪرائڻ، براهمڻن کي کارائڻ ۽ پوءِ پاڻ کائڻ ۾ کين سڄو ڏينهن لڳي ويو، تنهن ڪري سڀيئي اُتي اُها رات رهي پيا. اڌ رات جو هڪڙو وڏو اجگر نانگ اچي نند کي ڳيهي ويو. نند تڏهن پنهنجي خوفناڪ حالت ڏسي ڏپ ۾ پرجي شري ڪرشڻ کي پڪاريو. نند جو آواز ٻڌي سڀ گوپيون ۽ گوپ اُتي ڪٺا ٿيا ۽ ڏسن تہ اجگر نانگ نند کي ڳيهي ويو آهي. پوءِ تہ سڀيئي ٻاهر مان آماڙيون ڪڍي نانگ کي مارڻ لڳا، پر تڏهن بہ هن نند کي نہ ڇڏيو. هاڻي هو سڀ پنهنجي دل ۾ شري ڪرشڻ کي جاڳائڻ لڳا. شيام سندر ٻارن وانگر اکيون مهٽيندو اُتي ڪٺو ٿيو ۽ جڏهن ٿي پنهنجي پير جي آڱوٺي سان اجگر کي اشارو ڏنائين تڏهن ئي هو نند کي ڇڏي ديوتا روپ شڪل ٿي پيو ۽ شري ڪرشڻ جي پيرن تي ڪري هٿ جوڙي ستوتي ڪرڻ لڳو. اِها حالت ڏسي گوپ گوپيون، نند ۽ يشودا وائڙا ٿي ويا. شيام سندر تڏهن اُن کان اجگر جي روپ ڌارڻ بابت

ڏيئي پنهنجي گهرن ۾ آيون، جتي گهر وارن کي سڀئي ڏسي
ڏاڍو خوش ٿيون. پرميشور جي مايا سان انهن ڪنهن کي به سمڪ
نه رهي ته هو ڪو گهر ڇڏي ٻاهر ويئون هيون.“

ايتري ڪٿا ٻڌي راجا پريکيت پڇڻ لڳو ته ”هي منيءَ ناٿ!
منهنجو هڪڙو سنسو اچا به مٽايو. آءٌ هي آهي ته شري ڪرشڻ
پرٿويءَ جي بار لاهڻ ۽ ڌرم ۽ ڌائڻ واسطي اوتار ورتو هو، پوءِ پنا شاسترن
جي برخلاف پراين استرين سان هو راس ليلا ڪيا؟“ شڪديو
وراڻي ڏنيس ته ”هي راجا! سمرٿ ۾ دوش لڳائڻ نه آهي. اڳنيءَ جلت
هتي کي پاڻيءَ به نه ڪرڻ گهرجي. ايشور جي وچن موجب هلڻ
گهرجي، پر جهڙي ريت ڪيو آهي، تهڙي ڪرڻ جي ڪڏهن به ڪوشش
نه ڪجي، ڇو ته منهنجي وچن ۾ مطلب پيو پيو آهي. ڀڳوان جي
مهما ڪير ٿو ڄاڻي؟ جنهن ڪري عقل دائي نه سگهي، تنهن ۾
عيب لڳائڻ نه گهرجي. سمنڊ ولوڙڻ وقت هالاهل زهر پيدا
مهاديو جوئي ڪر هو. پيو ڪو اُن زهر جي گرمي به سهي ڪونه
ٿي سگهيو. پرميشور نرگڻ روپ سنساري ڳالهين سان ڪو به واسطو
ڪونه ٿو رکي، تهڪري اُن کي دوش لڳائڻ اڌرم آهي. جنهن
ڀڳوان جي ڏاڍي ولڙ ۽ ڌيان ڪرڻ سان ڏاڍو وڏي ۽ مدي ڪرامت
ٿي وڃي، تنهن آدي پرش کي آدمي سمجهي دوش لڳائڻ مهاپاپ
آهي. جهڙي اڳنيءَ ۾ ڪهڙي به اپوتر وستو جلڻ ڪري اڳني
اپوتر نه ٿي ٿئي، تهڙي ڀڳوان کي به سمجهه. ڀڳوان اهي ليلا سنساري
جيون کي پرسڪر ۽ ڪلڪيڻ لاءِ ڪئي هئي. جيڪو به سڌس
ڀڳتي ۽ سمرٿ ساڃهه دل سان ڪرڻو تنهنکو سڀ منورٿ پورا
ٿيندو. هي راجا پريکيت! اج ڪلهه ڪوي ڪڏهن به اهڙو سنسو
ڏٽ ۾ نه آڻج.“

ڪرشڻ جو گوپين سان راس ليلا ڪرڻ

مان شيامسندر جو هٿ جهلي نچڻ لڳيون." راجا پريڪيت
چوڻ لڳو ته "هي مهاراج! مرلي منوهر اڪيلو ۽ گوپيون ڪيتريون
هيون پوءِ سڀني کان سندس هٿ جهلي نچندو هوندو؟" شڪديو
وراڻي ڏنيس ته "هي راجا! ڀڳوان جي ليلا ڪير ڄاڻي؟ مرلي منوهر
چالاڪيءَ جو ٻن ٻن گوپين جي وچ ۾ پنهنجو ڪيترو ڪيترو روپ پرگهٽ
ڪيو ۽ ٻن هٿن سان ٻن گوپين جا هٿ جهلي منڊل ٺاهي راس
ليلا ڪيائين. اُن هي مايا ڪري ڪيئن ۽ گوپيءَ ائين ڪونه ڄاتو
ته ڀڳوان ڪي گهڻا روپ ڌاريا آهن ۽ هرڪا ائين سمجهي رهي هئي
ته راس بهاري مون سان ئي نچي رهيو آهي. انهيءَ وقت برهما
شو ۽ ٻين ديوتائن ويمانن ۾ چڙهي آڪاش منجهان شيامسندر ۽ گوپين
تي گل وسايا. هي راجا! انهيءَ طرح ٻانڪي بهاريءَ گوپين سان
کيڻن قسمن جا ساز وڄائي ڇهه راڳ ۽ ڇٽيهه راڳڻيون آلاپي راس ليلا
ڪئي. اُهين راڳن ۽ راڳڻين سان اهڙو ته سرُ پدا جو جمنا جل وهڻ
کان بيهي رهيو ۽ هوا هلڻ ڇڏي ڏنو. سڀني پسو ۽ پکين اها ليلا
ڏسي مورت ٿي پنهنجو چرڻ ۽ اڏامڻ وساري ڇڏيو. حسد ۽ چون
ديو ڏانون چوڻ لڳا ته "هي ڪرشڻ! اسانکي به ٻدراڻين ۾ جنم ڏين
ها ته هوند تو سان راس ليلا ڪري پنهنجو جنم سڦل ڪريون ها."
جڏهين راس ليلا ڪري چڪا، تڏهين شيامسندر گوپين کي
چوڻ لڳو ته "هاڻي چار گهڙيون رات جون ٻاقيون آهن، اِن لاءِ
پنهنجي گهر وڃو." جنهن تي سڀ اداس ٿي چوڻ لڳيون ته "هي
برج ناٿ! تنهنجا چرڻ ڇڏي پنهنجي گهر ڪيئن وڃون؟"
شري ڪرشڻ چوڻ لڳو ته "جڏهن يوڳي ۽ رشي منهنجو ڌيان ڪن،
تڏهن اوهين به آنند ۾ منهنجي ياد گيري رکو ته ٻون آنندي ٿيو
اوهانوٽ هوندس." اِها ڳالهه ٻڌي سڀ گوپيون گهر کي ڏانهن

سڏ جن ڏنا." ايترو چئي سڀ گوپيون ڪنهن ۽ اشارا ڏيڻ ڪاڻ
لڳيون ۽ انهن چالاڪ لڳيون ته شيام سندو چوڻين قسم والڪو آهي.
شري ڪرشڻ سندن مطلب سمجهي چوڻ لڳو ته "اي سمجهو!
نرڪڻ روپ آتما انهن ڇهني قسمن کان الڳ رهي ڪنهن سان به ڪا
پريت ڪانه ٿو رکي. مون کان جيڪو جنهن ڀانءِ سان اچا ڪري ٿو
تنهنجي اُها مان پوري ڪريان ٿو. وشومبرنالي جيئن ڪري آءُ
سڀني جيوَن جو پالن ڪريان ٿو ۽ ڪنهن به ڪنهن کي وساريان
نٿو. آءُ انهن منجهه ڪنهن به قسم جي چاهنا نه رکي فقط سڀ
پريم جو گهرندڙ آهيان. هي گوپيون! توهين مون سان پريم رکندڙ
آهيو ۽ سچو آهي، پر ياد رکو ته جيڪو مون سان گهڻي پريت
رکي منهنجي چرڻن ۾ پنهنجو من لڳائي ٿو، تنهن کي مان تمام
پيار ڪريان ٿو. جي توهين چئو ته اسان جي تو ۾ ايڏي پريت هئي
تنهن هوندي به تون اسان کان ڇو الڳ ٿي وئين؟ ته اُن جو
هي سبب آهي جو مون اوهانجي پريشا ٿي ورتي. سچ ڄاڻو ته
آءُ پريم وڌائڻ واسطي ئي اوهانکان الڳ ٿي ويو هوس. جڏهن
تنهن ۾ اُس ڏاڍي وڌندي آهي، تڏهن پنهنجي عزيز کان جدا رهڻ
۾ گهڻو پريم رهي ٿو. توهان جي پريم ۽ ڏيان ڪرڻ سان مان بلڪل
خوش رهان ٿو، پر اوهين جو لوڪ لڄ ڇڏي راتجو هيڏانهن هليون
آيون ، ان ڪري مان خوش نه ٿيس ۽ نه ٿو پاليان ته ڀلي ڪنهن
کي ... وڌندي. گوتو ڪر، جهڙي پيا ڪلن، ڪنهن
به ڪرڻ نه گهرجي. اوهان جيڪا مون ۾ سچي پريت رکي آهي
تنهنجو بدلو نه آءُ ڪنهن به طرح ڏيئي نٿو سگهان."

هي راجا پريکشت! جڏهن شيام سندر اهي پريم ڀريا ٻول ٻڌا
گوپين کي ڇڏي ڏيڻ ڏيو، تڏهن سڀ برج واسيون ڏاڍي خوشي

اِتي ڏڪڙي ڪوپڻ چوڻ لڳيس تہ ”هي موهن پيارا! توهان ڇا ڏٺو
ڪپٽي ۽ نردئي آهين ۽ هي سڀ ٻڌ رهيون تنهنجي پريم ۾ اچي ڏک
پائين ٿيون. آءٌ تہ جيڪر تو سان ڪڏهين بہ نہ ڳالهايان، پر ڇا ڪريان
جو تنهنجي موهني مورت اکين ڪرڻ نہ ٿي ڏئي. تنهنجي
انترڌان ٿي وڃڻ ڪري اسانکي ڪيترو نہ ڪشٽ ٿيو هو، وري
هينئر پر ڪهڙت ٿي اهڙيون ڳالهيون ڪري رهيو آهين جو جهٽڪو ٿئي
ڪونہ ٿيو هئين. شاستر چون ٿا تہ دنيا ۾ چئن قسمن جا آدمي ٿيندا.
ڏڪڙا آهي جي پاڻ پريت رکي ڏک ڏئي سان نيڪي ڪن، ٻيا آهي
جي ڏڪڙو نيڪي ڪندو هجي تہ ٻيو پريم نہ رکي، ٽيان آهي جي
برائي ڪندڙ سان ڀلائي ڪن ۽ چوٿان آهي جي نيڪي ڪرڻ واري
سان چالڪي ڀڃي برائي ڪن. هي شيامسندر! اهڙي ٻڌاءِ تہ انهن ۾ تون
مان ڪير چڱو ۽ ڪير ڀڄڙو؟“ شري ڪرشڻ وراڻي ڏنيس تہ ”ٻڌو
سوال پڇيو اٿيئي. آءٌ پاڻ تو دانکي سڀ ساري ڳالهين جو حال ٻڌايان
تو تہ جيڪي نيڪي جي عيوض نيڪي ڪن ٿا تنکي دنيا ۾ ڪجهہ
سمجهڻ گهرجي. ٻيا آهي جي ڏڪڙي پاسي پريت هجي تہ اهي
پاسي نہ رکن جئن ماڻا پيا ۽ اولاد جو پيار سمجهو يعني ماڻا پيا
اولاد تي مري ساه ڇڏين، پر ڪرتگهن اولاد انهن سان اهڙي پريت
نٿو رکي. ٽيان آهي جي ٻنان مطلب جي ڀلائي ڪندا. انهن کي
باد لن سهان سمجهڻ گهرجي، جئن تہ آهي پاڻي وسائي سيني تي
سکہ ڏين ٿا، پر انهي عيوض ڪجهہ نٿا گهرن. اهڙا پرماٿي
پرمهنس ۽ مهاتمائون ٿيندا آهن جي لوڪ جو ڀلو ڪري ڪندا
عيوض ڪونہ چاهين. چوٿان جي ڀلائي جي عيوض ڀلي وارا
ڀلائي ڪندڙ سان ٻڇڙائي ڪندا، تنکي دشمن سمجهڻ
گهرجي. اهڙا آدمي ڪرتگهن (ڪئي ڪي نہ مڃيندڙ) ۽ ...

جو درشن نہ ٿين، تڏهن سڀ وياڪل ٿي مورڇا جي ڪري زمين تي پنهنجي رهيون ۽ روئي چوڻ لڳيون تہ ”هي مادوا هي مڪندا هي نند لعل! هي موهن پيارا! هاڻي اسين تنهنجي وڇوڙي ۾ پنهنجا پراڻ ڏيون ٿيون، پوءِ جيئن مناسب ڄاڻين تيئن ڪج.“

جڏهن انهيءَ ورلاپ ڪندي هو مرڻ کي ويجهو اچي ٿيون، تڏهن شيامسندر سندن سچي پريت ڏسي پيتامبر پهري ٻنجهتي مالا ڪلهي ۾ وجهي اوچتو اتي اچي پرگهٽ ٿيو، جنهن کي ڏسي سڀ گوپيون سجاڳ ٿي اٿيون جيئن ڪو مڙدو ساهہ پائي اٿي. انهيءَ وقت جيڪا خوشي انهن کي ٿي، تنهنجي بيان ڪرڻ جي طاقت قلم کي ڪانهي. اهي انهن کي اهڙي خوشي ٿي جهڙي وڇڙيل پيارو گهڻن ڏينهن کان پوءِ اچي مليو هوندو. پوءِ هڪ گوپي پاسي موهن پياري کي وڃي ويٺي، ٻي مُکڙو ڏسي چوڻ لڳيس تہ ”هي پراڻناٿ! تنهنجي پريم ۾ لوڪ لڄ ڇڏي هتي آيو سين تہ تون وري اسان کي اڪيلو ڇڏي انترڌيان ٿي وئين؟ اها ڪهڙي ڀلاءِ جي ڳالهہ آهي؟“ شيامسندر وراڻي ڏنين تہ ”اوهان کي ڇڏي رات جي وقت ٻن ۾ اچڻ واجب نہ هو. اوهين جيڪڏهين گهر ۾ ويهي منهنجو سمرڻ ۽ ڌيان ڪريو ها تہ آءٌ بلڪل خوش ٿيان ها.“

پوءِ تہ مٺيون ڳالهيون ڪري سڀني کي خوش ڪيائين. تڏهين ڪي گوپيون پنهنجو ڏوراپو ڏيڻ لڳيس. ڪن چوڻ لڳيس تہ ”گهڻو ئي ڇڏائي ڇڪيون پر جڏهين منهنجي چت مان پادريڪين تڏهين برابر سمجهان تہ تون زبردست آهين.“ شيامسندر پوءِ تہ سڀني کي جمنا جي ڪناري تي وٺي ويو. اتي پهچڻ شرط ڪن گوپين پنهنجي چادر وڇائي شيامسندر کي انهن تي وهاريو، ۽ سڀ گوپيون ڪوس انهن ويڙهي ويٺيون جيئن چندرما کي تارا

